
سنڌيت وڏِي يا ملڪ؟

ڀڳوان اٿلاٹي



سنڌيت وڏي يا ملڪ؟

(سنڌي ڀاشا، ساهت، سماج جي سوچ ۽ سنڌيت تي مضمون)

ليکڪ

ڀڳوان اٽلاڻي

ڪومل پرڪاشن
2، اِسٽيٽ بئنڪ ڪالوني،
ٽونڪ ڦاٽڪ، جئپور-302015

ارپيم
سنڌيت کي
جنهن بنا سنڌين جو جياپو ڪونهي

سنڌيت وڏي يا ملڪ؟

(سنڌي ڀاشا، ساهت، سماج جي سوچ ۽ سنڌيت تي مضمون)

ليکڪ : ڀڳوان اٽلاڻي

©حق واسطا : ليکڪ وٽ

ڇاپو پهريون : ڊسمبر 2004

قيمت : 100 رپيا

ڪمپيوٽر ٽائيپ سيٽنگ : آشا پرنٽرس، هاٿي ڀاٽا، اجمير-305001
فون- (0145) 2626372

ڇپيندڙ : شيتل پرنٽرس، آدرش نگر، جئپور-302004
فون-(0141) 2613111

پبلشر : ڪومل پرڪاشن، ، اسٽيٽ بئنڪ ڪالوني،
ٽونڪ ڦاٽڪ، جئپور-302015
فون- (0141) 2595893

SINDHYAT WADI YA MULKU?

(LARGER COUNTRY OR SINDHYAT)

Essays on Sindhi Language, Literature, Thinking of Society and Sindhyat

Writer : Bhagwan Atlani

© Copy Right : With Author

First Edition : December 2004

Price : Rs. 100/-

Computer Type Setting : Asha Printers, Hathi Bhata, Ajmer-305001
Ph. - (0145) 2626372

Printer : Sheetal Printers, Adarsh Nagar, Jaipur-302004
Ph. - (0141) 2613111

Publisher : Komal Prakashan
2, State Bank Calony, Tonk Phatak, Jaipur-302015
Ph. - (0141) 2595893

راجستان سنڌي اڪاڊمي، جئپور جي مالي مدد سان ڇپايل

राजस्थान सिन्धी अकादमी, जयपुर जी माली मदद सां छपायल

پترڪار آهي. هنديءَ ۾ 10 ۽ سنڌيءَ ۾ 5 ڪتاب شايع ٿيل اٿس، جن ۾ ناول - ڪهاڻي - ناٽڪ جهڙيون صنفون شامل ٿيل آهن، تنهن ڪانسواءِ 600 کان بہ مٿي رچنائون (ليک/مضمون) جدا جدا اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل اٿس. آڪاشوائي ۽ دوردرشن جي پروگرامن ۾ 200 دفعن کان وڌيڪ شرڪت ڪئي اٿائين. رهاڻ - سنڌو دوُت - سيتوُ رسالن جو سڦل سمپادن پڻ ڪيو اٿائين. ڪيس اِنعامن - سنمانن سان انيڪ ڀيرا نوازيو ويو آهي. ڪُل 23 اِنعام پلوَ ۾ پيل اٿس، جن ۾ راجستان ساهت اڪادميءَ جو 1995-1996 ۾، وڏي ۾ وڏو 'ميران پُرسڪار' ۽ راجستان سنڌي اڪادميءَ جو 2003-2004 ۾، وڏي ۾ وڏو 'سامي پُرسڪار' خاص معنيٰ ۽ اهميت رکن ٿا.

ڀڳوان اٽلاڻي ڪيترين ئي سرڪاري سنستائن جو سرمور بہ ٿي رهيو آهي. مثلن: راجستان سنڌي اڪادميءَ جو چيئرمئن (1997-2000)، سينٽرل ساهتيہ اڪادميءَ جي اِنعامي ڪاميٽيءَ جو ميمبر (2000-2001)، راشتريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، بڙودا جو ميمبر (1997-2001) ۽ گيان پيٺ اِنعام لاءِ سنڌي صلاحڪار ڪاميٽيءَ جو 2002 کان وٺي اڄ سوڌو ڪنوينر، وغيره. تنهن ڪانسواءِ، ڪن ٻين سماج سيوي سنستائن جا پد بہ ڀُئي سينگاريا آهن.

ڌيان ۾ رکڻ جوڳي ڳالهہ آهي تہ پرشارتي جيوتي هندي اخبار/رسالي مٿس فيبروري 1987 ۾ هڪ خاص شخصيت جو پرچو بہ ظاهر ڪيو آهي تہ سندس دوستن - پاٺڪن - گهٽگهرن وري ڀڳوان اٽلاڻي سُورڻ جينتي سماروهہ سمتي ٺاهي، 10 مارچ 1995 تي هنجي جيون جون 50 بهارون پوريون ٿيڻ تي هڪ خاص جلسي جو آيوجن برلا آڊيٽوريم، جئپور ۾ ڪيو هو؛ جنهنجي صدارت اُن وقت راجستان جي گورنر، شري ٻليرام ڀڳت ڪئي هئي. اُن موقعي جي خاص اهميت اِها آهي جو مذڪور سمتيءَ پاران اِسڪولي ٻارن ۾ هڪ ڪهاڻي ليکن چٽاڀيٽي رکي ويئي هئي، جنهن ۾ 1140 شاگردن ڀهرو ورتو هو ۽ جملي 48 شاگردن کي گورنر، شري ٻليرام ڀڳت جي هٿان اِنعام بہ ورهايا ويا هئا. ايترو ئي نہ، ڀڳوان اٽلاڻيءَ جي ڪتابن ۽ سندس رچيل ٻئي ساهت جي لاڳيتو ڏهہ ڏينهن نمائش پڻ ڪئي ويئي هئي تہ مٿس ڇهن صفحن جو هڪ سانڍڻ لائق فولڊر، هڪ سووينئر ۽ هڪ پوسٽر بہ شايع ڪيا ويا هئا. سوني تي سهاڳو هو وري يُووا ليکڪ پرسڪار، جنهنجي تحت سمتيءَ هر سال 40 سالن کان گهٽ عمر جي هندي ليکڪ کي 11 هزار روپيہ روڪ اِنعام پڻ ڏيڻ شروع ڪيو هو.

جوش ۽ جُنبش پئدا ڪندڙ ليک

ڀڳوان انلاڻي بطور هڪ ساهتيڪار/ڪلاڪار/پترڪار/سماج شيوڪ/ سُڌارڪ جي سنڌي چاهي هندي جڳت ۾ اڳيئي هڪ خوشبوئدار گل بڻجي، پنهنجي عطر جهڙي مُهڪار ڦهلائي چڪو/رهيو آهي. تنهنڪري، ڀڳوان انلاڻيءَ جي ساهتڪ قد ۽ ڪانيءَ جي ماپ وٺڻ جي سگهه يا توفيق، هِن ناچيز جي قلم جي نه وس جو روڳ ئي ناهي!

مان هوُند هتي اِهو به صاف ڪري ڇڏيان ته هيءُ خادم سنڌي ساهت-ڪلا-سنسڪرتي-اِتهاس جي مڙني پهلن يا ڪيترن جو نه ته ڪو نامي ابياسوُ ۽ پارکوُ آهي ۽ نه وري ونس اهڙي ڪا ڪرشمائي عينڪ آهي، جيڪا اکين تي چاڙهي هوُ اهڙن ناياب ۽ اونهن وشين جي تهه ۾ وڃي، اُنهنجي تُز ترجماني يا عڪاسي ڪري سگهي.

بهرحال، هِن ڪتاب جو مُهاڳ لکڻ لاءِ جڏهن مونکي ڀڳوان انلاڻيءَ عرض ڪيو ته اول من ۾ پنهنجي نيم حڪيم هجڻ جو احساس ٿيو. مُبادا، دوست ڪي ڪنهن ريت هِن معاملي ۾ ڪا ڪَسُر نه لڳائي ويهان يا وري ساڻس صحيح نياءُ نه ڪري سگهان؛ اِن خوف ڪارڻ پهرين ته ڪيس نتائڻ جو سوچيم. پر پوءِ منهنجي وويڪ چيو ته ”هرِي، اِئين ڪرڻ ته ڪانئرتا ٿيندي. ڀل ڪري تون هڪ اڻ آزمودگار ۽ اڻ گهڙيل ڪاٺ آهين؛ باوجود اِنجي، تون هڪ ايماندار ڪوشش ته ڪري سگهين ٿو نه؟“

.... ۽ ٻئي پل ئي مون ويچار ڪيو ته ڀڳوان انلاڻيءَ سان ته منهنجا ازل کان وني رشتا-ناتا آهن، مون لاڳيتو ’مهراڻ‘ هفتيوار اخبار جي بنا اُجوري هيترا سال شيوا پئي ڪئي آهي، سا به نسوارٿ شيوا! وٺڻ بدران مون پاڻ گهڻو ڪجهه ڏنو آهي. هُن پنهنجي نوڪدار قلم جي سُرهاڻ سان هر مهني ’مهراڻ‘ ۾ جيڪا لاٽ پئي ٻاري/جرڪائي/چمڪائي آهي؛ اُنجي روشنيءَ سان نه خود ’مهراڻ‘ اخبار جي ڇهري تي به هڪ نئون نِکارُ پئي آيو آهي. اِنڪري، مون فيصلو ورتو ته مان ڀڳوان انلاڻيءَ کي هِن ڏس ۾ نه ته قطعئي ناراض ڪندس ۽ نه وري مُهاڳ لکڻ ۾ ڪو عار يا ڪا سُستي ڪندس.

ڀڳوان انلاڻي هِن وقت گهڻو تڻو هڪ گهوموُ (Free Lance) ليکڪ ۽

ان ڪيس اسيم نينهن/لڳاءُ آهي. سنڌين ۾ سماجڪ ڦيرو آڻڻ لاءِ هُو بيحد ڪرمند آهي. هُو پاٺڪن جي سُمهيل چيتنا کي جاڳائڻ جو پڻ هر ممڪن ڪن ڪري ٿو. اِئين ڪندي هُو ٻوليءَ کي موزون لفظي لباس به پهرائي ٿو هڪ عاليشان ۽ عمدي عبارت جي وسيع ڪئنواس کي پڻ ڦهلائي ٿو. هُو ڪهڙيءَ به ڪِليءَ تي ڪوبه (من چاهيل) ٽوپلو نٿو ٽنگي، پر اُنجي بدران ايت رقابنديءَ ۽ ڪاريگريءَ سان، ٻوليءَ کي سينگاري-سنواري، پنهنجي ئُه ڪيل وشيه ۾ جان ۽ رُوح ڦوڪي ٿو. ذهني سطح تي هُو باشعور ۽ هوشمند ه آهي ئي؛ اِنڪري هنجي قلم ۾ رواني ۽ جواني ٻئي چانيل ٿا ملن. هُو ڇ چوڻ جو عادي آهي پر ڪٿي به مريادائن جي ڀڃڪڙِي ڪونه ٿو ڪري. ٿو آشاوادِي پڻ آهي.

ڀڳوان اٺلاڻي نه صرف ڀوڙهو اڀياس ڪري ٿو پر سچ کي ڪسوٽيءَ ي پرکڻ لاءِ هُو هميشه مناسب چنڊڇاڻ به ڪري ٿو ته اُن لاءِ ڪيترن مثالن ي پڻ سامهون رکي، سُهڻي نموني سان پيش ڪري ٿو. هنجي سيني وشين ا عنوان/سِرا پڻ ٺهڪندڙ ٿا ڀاسن. وشين سان نباهڻ جي هُو قوت رکي ٿو. ها گهر ۾ ساگر ڪيئن ڀرجي، اِن فن ڪان هُو چڱيءَ پر واقف لڳي ٿو. ها، عتي ڪٿي هُو هِجيءَ ۽ گرامر جون چُوڪُون به ڪري ٿو ته لفظن جي سورتخطيءَ ۾ به ڪمزور لڳي ٿو.

ڪتاب ۾ شامل ڪيل ليک، جيئن ته: ناري ئي زنده رکندي، سچ جون سورتون، سنڌي معنيٰ ڏيکاءُ، قلمڪار ۽ سماج، ڌرمشالائن ۽ هوٽلن ۾ مَتجندڙ هر، سنڌي پستڪ ميلا، وڌندڙ سهوليتون سُسندڙ دل، غير سنڌين جي نظرن سنڌي، ڪيئن بچندي سنڌيت ۽ مقصد ۾ عقيدو، وغيره سندس اهڙا ناياب ٽيا ۽ موتي آهن، جنکي هميشه ساهه سان سانڍي رکبو ته منجهانئن سدائين بو نرالو مهڪاءُ محسوس ٿيندو.

ٿوري ۾ مان هوند اِئين چوان ته ڀڳوان اٺلاڻيءَ جا سيئي ليک پڙهڻ بجاٺا اوهان ۾ اگر جوش ۽ جنبش پيدا نٿو ٿئي، اوهانجي مٿن جا وار، ڪر اُڀا نٿا ٿين ۽ اوهين 'سنڌين' ۽ 'سنڌيت' جي لاءِ ڪجهه نوس ۽ عملي عرڻ جي سوچ/فڪر تي پيروِي نٿا ڪيو ته پوءِ پڪ سمجهندا ته اوهين سنڌِي آهيو ئي ڪونه! اُن حالت ۾ اوهين فقط مُڙدا- گهر ۾ رکيل هڪ زنده، لاوارث لاش مثل آهيو، جنهنجو ڏڻي-سائين نه ته ڪڏهن اڳ ۾ هو ۽ نه

هِن جوڙ ڪٽ ۾، ڀڳوان انلاڻيءَ طرفان انيڪ پروگرامن کي سنچالڻ ڪرڻ جي ڏانوَ ۽ ذات خواه ناٽڪن-مونو ناٽڪن ۾ ڪيل يادگار ۽ لاجواب اداڪاري اگر نہ شُماربي تہ پوءِ سندس ڏنل يوگدان جو ليکو-چوکو پوري ميزان ۾ نہ بيهندو. تهائين لازمي آهي اِهو ڄڻائڻ تہ ڀڳوان انلاڻيءَ سنڌي/ هندي ليکڪن-شاعرن-ناٽڪ نويسن، جيئن تہ موهن اُداسي، رميش نارواڻي 'نينگر'، راڌاڪرشن لعلواڻي 'راهي'، هريش ديوناڻي، سلامتراءِ گرباڻي، ڪشن رتناڻي، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، شريمتي ڪملا ٻناڻي، سرڳواسي سورج شوداساڻي ۽ مڪيش پوپلي، راجيش پٽناگر، ڊاڪٽر آدرش مدان، رتنڪمار سانيريا جي لکيل/انواد ڪيل ڏيڍ ڊزن کان وڌيڪ ڪتابن جا مُهاڳ بہ لکيا آهن. سندس رچنائون 15 کان مٿي سنڌي خواه هندي ڀاشا جي ڪتابن ۾ پڻ درج ڪيل آهن. سنڌيءَ ۾ هيل توڻي شايع ڪيل هنجا ڪتاب آهن: ڀالتوُ (ناٽڪ- بہ ڇاپا)، ينڊارو (ناٽڪ)، ڪنڊن جا ٻج (ڪهاڻيون)، الوداع (ريڊيو ناٽڪ) ۽ پنهنجي پنهنجي رُچ (ناول).

اِشاعت هيٺ آيل هِن ڪتاب ۾ سمُورا 37 ليک تُلهي ليکي سنڌي ڀاشا-ساهت-ڪلا-سنسڪرتي-تهذيب ۽ سنڌي جاتيءَ سان سڌيءَ ريت وابستہ آهن. تمام ليکن جا وشيہ معلوماتي آهن. اُهي نهايت باريڪيءَ سان، ڪافي ڳڻ ڳوت ڪري ۽ سُوجهہ ٻُوجهہ سان چونڊيل بہ آهن تہ منجهن جيڪي سوڪيم ويچار/جذبا- رايا/رٿون-شڪ/انديشا-مرادون/مقصد درج ڪيل آهن، سي بيشڪ وقت جي پڪار ٻڌجي، پڙهندڙن جي دلين تي دائمي طور ڇانئجي وڃن تا ۽ پنهنجي هڪ جداگانہ ۽ مخصوص ڇاپ ڇڏڻ ۾ هرطرح سان ڪامياب نظر اچن ٿا. اِهوئي سبب آهي جو 'مهراڻ' ۾ سندس ماهوار ڪالم 'وقت پڪاري ٿو' ۾ ڇپيل ليکن مان ڪيترائي اجمير/احمدآباد/ممبئي مان روزانا شايع ٿيندڙ هندو؛ راجڪوٽ جي گرجر سنڌو ۽ نڙياد جي سنڌي ٻولي وغيره ۾ وري ڇپيا آهن.

ڀڳوان انلاڻيءَ جي ٻولي نهايت سرل-سُبڪ ۽ پڪي پُختي آهي؛ اُنتي ڪِيس مڪمل دسَت-رَسُ (ضابطو) بہ حاصل ٿيل آهي. نتيجي طور، اُها هرديہ جي اندرين تهن تي ڪافي تِکا/تيز وار ڪندي پڻ نظر اچي ٿي. مَچاڻ، مونکي تہ ڀڳوان انلاڻي هڪ ڪامل ڊاڪٽر ٿو ڀانئجي، جنهن نہ صرف هرهڪ سامهون آيل مرض (سماجڪ برائي) کي بخوبي سڃاتو آهي، بلڪ اُنجي واحد علاج جي لاءِ صاف ۽ سِڌا اِشارا (دوا-درمل) بہ ڏِي ٿو. 'سنڌي' ۽ 'سنڌيت'

سلسلو

وري ايندڙ پيڙهيءَ ۾ ڪو پيدا ٿيندو!! منهنجي هيءَ صاف گوئي شايد ڪر
ڪي گوارا نه به لڳي، پر پوءِ اِن لاءِ ڇا ڪجي؟ سچائيءَ کي بيان ڪرڻ ت
لازمي آهي نه؟؟

بهرحال 'سنڌيت وڌي يا ملڪ؟' ۾ پڳوان انلاڻيءَ 'مهراڻ' هفتيوا
اخبار ۾ ڇپيل پنهنجن سلسليوار ۽ ڪارآميز ماهوار ليکن کي ڪتابي صورت
ڏيئي، نه رڳو پاڻ سان پر 'مهراڻ' پريوار سان به وڏو وڙ ڪيو آهي، جنهن لاءِ
سڀ ته مان سندس ٿورائتو آهيان.

سنڌي جاتيءَ جا تمام سُجاڳ فرد سندس هِن ڪتاب جو اصلي مُله
سڃاڻي، سنڌين ۽ سنڌيت جي چومکي وڪاس ۽ ڦهلاءَ لاءِ ڪمر ڪشي اڳ
اڳتي ايندا ته پڳوان انلاڻيءَ جو هِن ڪتاب ڇپائڻ پوئتان رکيل مقصد به
لاشڪ پاڻمرادو حاصل ٿي ويندو، آمين.

20 سيپٽمبر 2004

هرِي ٽنواڻي ''نماڻو''
سمپادڪ : 'مهراڻ' هفتيوار،
سُپر اِسٽار اپارٽمينٽ،
گرائونڊ فلور، آفيس نمبر 1،
گول ميدان، سنڌوُ نگر- 421001، (مهاراشٽر)
(ٽيلوفون : 2554066)

جا ڏڻ هوندي بہ موڪل سيني کي ملنديِ. عيد، محرم يلي مسلمانن لاءِ اهم هجن پر ملهائڻ جو سڏ سيني کي ڏنو ويندو. مهاوير جينتي، بڌ جينتي، وغيره پڻ ننڍڙن طبقن کي خوش ڪرڻ لاءِ ظاهر ڪيل موڪلون آهن. هرهڪ جاتي، هرهڪ گروپ اِنهن مثالن کي سامهون رکي پنهنجي مخصوصيت جي نمائندگي ڪرڻ واري ڪنهن ڏينهن تي موڪل ڏيڻ جي گهر ڪندو ئي ٿو رهي. پر ڀارت جهڙي ملڪ لاءِ اِهو وهنوار مناسب مجبو ڇا؟ هزارين جاتيون ۽ اُنهنجون اُپجاتيون رهن ٿيون ڀارت ۾. هزارين مت متانتر واهپي ۾ آهن. هزارين ٻوليون - ڀاشائون ڳالهايون ٿيون وڃن. هر ڪنهن کي اهميت کپي. ٻين کي ڏسي هرڪنهن جي اندر جيئن تہ حق کسجي وڃڻ جو احساس آهي.

اِهي بحث جا مدعا آهن تہ سنڌين سنڌ گهوري، جند نہ گهوريِ يا ملڪ جي آزاديءَ لاءِ قرباني ڏيندي ورهاڱي جا درد منظور ڪيا. پر اِن سچ کان ڪير اِنڪار ڪندو تہ سنڌين مڪاني سطح تي بهترين ٺالميل وهاري ڀارت ۾ پنهنجي خاص جڳهہ بڻائي آهي. جنهن پرڳڻي ۾ رهون ٿا، اُتان جا ڏڻ-وار، اُتان جو کاڌو-پيتو، ڪپڙو-لٽو، ٻولي-ڀاشا، لوڪ-وهنوار، پوڃا-پاٺ جا طريقا، ويندي اُتان جا اِشٽ ديوتا اسانکي وڌيڪ پنهنجا ٿا لڳن. زميني سچاين کي سمجهندي سنڌين لاءِ الڳ پرڳڻي جي گهر اسان بنه نٿا ڪيون. يلي اسان ٻارن کي سنڌيِ پڙهائڻ ۾ چاهہ نہ وٺندا هجون، هڪ ٻئي سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جو سلسلو گهٽائيندا ويا هجون پر اِن سچ کان بہ ڪيئن منهن موڙينداسين تہ سنڌيِ جوڙجڪ ۾ تسليم شدا ڀاشا آهي. گهرجون نہ ڪڏهن ڪٽنديون ۽ نہ ڪڏهن سنتوشجنڪ ڍنگ سان پوريون ٿي سگهن ٿيون. مور پنهنجي پيرن ڏي ڏسي ڪونہ ٿو ۽ پنهنجن سهڻن پرن، وڻندڙ ناچ تي موهت آهي.

چيٽي چنڊ تي موڪل جي گهر هرسال زور-شور سان ٿا ڪيون. ڇا سنڌيِ ملازم چيٽي چنڊ تي هڪ موڪل قربان نٿا ڪري سگهن؟ پر نٿا ڪن. سرڪاريِ موڪل ڪونهي تہ نوڪريءَ تي وڃن ٿا. ڇا سنڌيِ دڪاندار هڪ ڏينهن دڪان بند نٿا رکي سگهن؟ پر نٿا رکن. وڌ ۾ وڌ ڪلاڪ بہ ڪڍيِ چيٽي چنڊ جو جلوس ڏسن ٿا، نہ تہ اُهو بہ نٿا ڏسن. ورهاڱي کان پوءِ بہ ڪجهہ سال چنڊ تي بزرگن کي پيري پوڻ جي روايت سنڌين ۾ هئي. هاڻي اسانکي ياد بہ ڪونهي تہ گهٽ ۾ گهٽ چيٽي چنڊ تي ٻار/ننڍا بزرگن ۽ وڏن کي پيري پون.

سنڌيت ملڪ کان وڏي تہ ڪونهي! سياڻا ۽ سمجهو سنڌيِ چوڻا وهي وڃن اُن وهڪڙي ۾ جيڪو فقط هڪ موڪل لاءِ غلط سنڌيش ٿو ڏي؟ ڇا سنڌيت تڏهن ئي مضبوط رهندي جڏهن سرڪار چيٽي چنڊ تي موڪل ڏيندي؟ □

سنڌيت وڏي يا ملڪ؟

ڪٿي نيتسي جهڙن ودوانن راشٽرواد کان متي ڪجهه وشو ناگرڪتا جو ويچار ڏنو هو ۽ ڪٿي دنيا راشٽرواد ته راشٽرواد ڪئٿولڪ-پروٽيسٽئنٽ، شيا-سُني، شئو-وئشڻو ۽ دلت-سورڻ جهڙن ٽُڪرن ۾ ورهائجندي ٿي وڃي. عيسائيت ۽ اِسلام ۾ هلندڙ چڪري ڏينهنون پوءِ ڏينهن وڌندي ٿي وڃي. هوئنءَ ته ڏاڍو هميشه ڳاڀو بڻجندو رهيو آهي پر هاڻي اِهو فعل پوري اُفان تي نظر ٿو اچي.

ڀارت جي ماضيءَ تي ناز ڪرڻ وارا چوندا آهن ته دنيوي سکن ۽ سهولتن کان پوءِ به اندرين شانتي نه ملڻ سبب مغرب هاڻي اسانجي روحانيت جو قائل ٿي رهيو آهي. پر قولي ڏسون، اسان پاڻ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟

قدم-قدم تي جات ۽ اُپجات کي نه فقط زنده رکڻ بلڪ پروان چاڙهڻ جي ڪوشش ۾ اسان جڻ ته سڀ ڪجهه وساري ويٺا آهيون. برابر هر جات جي پنهنجي تاريخ آهي، پنهنجو ورثو آهي. ناز ڪرڻ لائق ڪجهه خوبيون آهن. زندگي گذارڻ ۽ سوچڻ-وهنوار ڪرڻ جا ڪنهن معنيٰ ۾ جدا طريقا آهن، جن کي اُها جات پنهنجي مخصوص سڀيتا ۽ سنسڪرتي ٿي چوي. پر ملڪ جي به ته هڪ تاريخ، پنهنجو ورثو، ناز ڪرڻ لائق خوبيون، سڀيتا ۽ سنسڪرتي هوندي آهي. طئه ڪرڻ وارو مدعو اِهو آهي ته ڇا ڪنهن خاص جات جي مخصوصيتن کي ملڪ جي مخصوصيتن کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ مناسب آهي؟ ڀارت جهڙي مختلف جاتين، ٻولين خواه ڀاشائن ۽ ڌرمن واري ملڪ ۾ ڪا خاص جات، ڪا خاص ڀاشا، ڪو خاص ڌرم ڇا حدون اورانگهي اهڙا قدم کڻي جيڪي ملڪ جي ايڪروپتا کي ڇهيو رسائن؟ ڀارت جي جوڙجڪ ۾ بنيادي حقن جو فقرو ته رکيو ويو آهي، ضروري فرض جو ذڪر به نه ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڀارتيه پرمپرا ۾ فرض حقن جي پر گهور خود به خود لهندا آهن.

نتيجي طور ڀارت جي هر جات ۾، هر طبقي ۾، هر ڀاشا ڳالهائڻ وارن ۾، ڇنجي کڻي هر شخص ۾ حق حاصل ڪرڻ لاءِ جنگ جوئڻ جي ڀاونا چوٽ چڙهندڙ آهي. ووٽ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪنهن خاص جڳهه لاءِ هلايل يا ڪنهن خاص ... ته روڪيل ريل، ڪنهن خاص گروپ کي ڏنل راڄنيتڪ، سماجڪ يا مالي سهوليتون ٻين لاءِ مثال بڻجي ويا آهن. حق حاصل ڪرڻ جي ڪلي جنگ ملڪ جي هر ڪنڊ ۾ بيشرميءَ جون حدون اورانگهڻ لڳي آهي.

مسلمان يا عيسائيءَ کي ڏياري، هولي، رام نومي ملهائڻي ڪونهي، پر ڀارت سرڪار ڪيس موڪل ڏيندي. گڊ فرائيڊي ۽ ڪرسمس ڊي فقط عيسائين

تي ڇڪو آهي. سنڌيت جي واڌاري لاءِ ڏينهن کي ڏينهن ۽ رات کي رات نه سمجهڻ وارن جنونين جي تعداد ڏينهون-ڏينهن گهٽجندي تي وڃي. ڪو سنڌي ٻئي سنڌيءَ سان جيڪڏهن هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ ٿو ڳالهائي ته اُن کي ٽوڪڻ وارا هاڻي ورلا آهن.

سنڌي اخبارون، رسالا جهڙا به ڇپجندا هجن، اُنهن ۾ سنڌي پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو اِسرار هميشه هوندو آهي. اِنهن اخبارن ۽ رسالن جا مالڪ/ سمپادڪ ٿي سگهي ٿو سوچيندا هجن ته سنڌي پڙهڻ ۽ لکڻ سکڻ سان ئي سنڌي پاٺڪ پئدا ٿيندا. سندن اخبارون ۽ رسالا ڇپجندا ئي تڏهن، جڏهن سنڌي پڙهڻ ۽ لکڻ وارا هوندا. باقي سنڌي ڳالهائڻ وارو حصو ته اِن فقري کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ آهي. ٿي سگهي ٿو سندن چنتا اِنهن لفظن ۾ سامهون ايندي هجي. ڪو سوارٿ اِنجي پٺيان نه هجي. پر هڪ ڳالهه پختي نموني چئي سگهجي ٿي ته سنڌي ڀاشا ۽ سنڌيت کي زنده رکڻ جي اُڪير هنن ۾ شايد ئي آهي.

اخبار ۾ ليک ڇپيو. جنهن سان واسطو هو، اُهو شخص ليک پڙهي، من اثر ٿئيس، اِن اِرادي سان سمپادڪ کي عرض ڪيو ويو ته فلاڻي شخص کي واسطيدار ليک واري ڪاپي موڪلڻ جي ڪرپا ڪندا. سمپادڪ جو جواب آيو، عرض ڪيو اٿوَ ته ڪاپي موڪليون ٿا، پر اِن مان ڇا ورندو؟ سمپادڪ جو ڀروسو اُن لفظ ۾ ڪونهي، جيڪو هُو پنهنجي اخبار يا رسالي ۾ ڇاپي ٿو. ليکڪ جو ڀروسو اُن لفظ ۾ ڪونهي جيڪو هُو لکي ٿو. ته پوءِ ڇوٿو پاڻ ويلي سمپادڪ؟ ڇوٿو جاکوڙ ڪري ليکڪ؟ لکون ٿا، جيئن سڄاڳي اچي، جيئن تبديل لاءِ زمين تيار ٿئي. سمپادڪ ڇاپي ٿو اِن اِرادي سان ته پاٺڪ پڙهندو، سوچيندو ۽ جيڪڏهن ٺيڪ لڳس ته هنڊائيندو. جيڪڏهن ليکڪ ۽ سمپادڪ ٻنهي جو عقيدو مقصد ۾ ڪونهي، ته سڄي ڪثرت بيڪار آهي. سماج ۾ ڪرانتيڪاري بدلاءُ چاهي نه آڻي سگهون، پر ڪجهه شخص اهڙا ٿي سگهن ٿا، جن ۾ واسطيدار ليک پڙهي ڪري وڏي تبديل اچي. اسان اوندهه ۾ تير هلايو آهي ضروري ناهي ڪنهن کي لڳي. پر ضروري ناهي ته ڪنهن کي به نه لڳي.

مقصد ۾ عقيدو هوندو ته هٿ ۾ ڪنيل ڪم ۾ دل به هوندي ۽ جان به. فقط زبان کي گهڙيال جي سُئين وانگر گهمڻو آهي ته چوويهن ڪلاڪن ۾ به دفعا بارهان وڃڻ کان سواءِ ڪجهه نه ٿيندو. سنڌيت جي ڏس ۾ وقت کي قابو ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته زبان کي گهڙيال وانگر اِستعمال ڪرڻ بند ڪري دماغ ۾ جنوُن جي باهه ٻري، مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پوري عقيدي سان جنبي وڃون. برابر سولي ڳالهه ڪونهي پر سنڌي ڏکيا ڪم ڪاميابيءَ سان ڪرڻ جي معاملي ۾ مشهور آهن! □

مقصد ۾ عقيدو

مقصد ۾ عقيدو سوڀ ۽ فتح جو مُول منتر آهي. ڊيل ڪارنيگي جڏهن اِها ڳالهه چئي تہ ڪانئس ڪنهن پڇيو، ”تہ ڇا ڪاميابيءَ لاءِ ڪرم، ڀاڳ، تعلقاتن، شخصيت ۾ پوشيده عناصرن ۽ آسيسن-شپ ڪامنائن جي ڪابہ اهميت ڪونهي؟“ ڪارنيگيءَ جو جواب هو، ”ضرور آهي، پر اوتري ئي جيتري گهرج بدن جي هلچل لاءِ عضون جي آهي. عقيدو آتما مثل آهي.“ شايد تنهنڪري ئي چوندا آهن، جنُون عقيدي جي آخرِي حد آهي.

راڄ وڃائي، جهنگل ۾ لڪي ڏينهن گذارڻ واري نراش ۽ غمگين راجا جو قصو عام آهي. ڪئليءَ کي غفا جي ڇت تي جوئر جو داڻو وات ۾ جهلي چڙهندو ۽ ور-ور هيٺ ڪِرندو ڏسي ڪيس پنهنجي حالت ياد پئي اچي. اڪيچار ڪوشش ڪان پوءِ جڏهن ڪئليءَ منزل فتح ڪئي تہ راجا کي لڳو، مقصد ۾ عقيدو اِنسان کي سنگهرش ڪرڻ جي طاقت تو بخشي. ڪئلي هر-هر ملندڙ شڪست ڪان پوءِ بہ هار نٿي مڃي ۽ مقصد حاصل ٿي ڪري؛ تہ ڇا مان، مان هڪ اِنسان، هڪ راجا، هڪ نہ هڪ ڏينهن پنهنجو راڄ وري هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندس؟

ڊاڪٽر ستيش روهڙا هڪ ليک ۾ سنڌِي ڀاشا ۽ سنڌيت جي واڌاري جي ڏس ۾ عام خواه خاص سنڌين ۾ ’چاهہ‘ ۽ ’چاهہ‘ جو فرق ٻڌائيندي پنهنجي سچاٽپ قائم ڪرڻ جي مقصد ۾ عقيدي جي ڪميءَ ڏانهن اِشارو ڪيو آهي. چوڻ ۽ ڪرڻ، سڌانت ۽ وهنوار، اُپديش ۽ هلت جو فرق ننڍي-وڏي هر سنڌِي اڳوان، سماج شيوڪ ۽ ناٽي واري ۾ نمايان آهي. تقريرون سنڌيت جي بچاو ۽ بهبوديءَ جي نسخن تي ڏيندا ۽ سندن شخصي زندگيءَ ۾ اُنهن نسخن جي ڪنهن تروري جي داخلا تي بہ پهرا هوندا. سنڌِي ڀاشا، ساهت، سڀيتا، سنسڪرتي، شڪشا، کاڌو-پيتو، ڏڻ-وار، اُٿڻ-ويهڻ، مهمان نوازِي ۽ ڪلا سان وابسط هر مدعي تي عالماڻا فقرا هنن وٽ ڀرپور آهن، پر اِهي سڀ جزا اڳوڻي اوچ تي پهچن، اِها اُڪير عدم موجود آهي.

اڪادميون الڳ-الڳ پرڳڻن ۾ ڪلنديون ٿيون وڃن. اِدارا ڏينهون-ڏينهن وڌندڙ آهن. چيني چند پنهنجي-پنهنجي ڍنگ سان هرهنڌ هر سال ملهائڻ جي روايت پختي ٿيندڙ آهي. راشٽريہ سنڌِي ڀاشا وڪاس پريشد سنڌ[illegible]ءَ جا اِمتحان وٺي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي. تڏهن [illegible] چاهي اِسڪولن مان سنڌِي تيزيءَ سان غائب ٿيندي ٿي وڃي. ووڪل [illegible]رفت سنڌيءَ کي جيارو بخشڻ جو پريوگ ذري گهٽ ناڪامياب ثابت پر[illegible]

اڪادمين جا ڪم سرڪار جي ويچارڌارا ڪي هٿي ڏيڻ وارا گهٽ سنڌين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ وڌيڪ ڪيا ويا.

ڪجهه سالن کان سوچڻ جي طريقي ۽ وهنوار ۾ فرق اچڻ لڳو آهي. ووٽ ڏيندا سين نه چونڊ جو آڌار سنڌين ۽ سنڌيت جي چنتا نه پر پارٽي ٿيندي. اڪادمين جي جوڙجڪ جو آڌار ڪرسيءَ تي ويٺل سرڪار ۽ اُنجا پروگرام هوندا ۽ نه سنڌيت جي بهبودي. بي-جي-پي- يا ڪانگريس جي غير سنڌي اُميدوار جي مقابلي اسانکي سنڌي اُميدوار ڪمتر محسوس ٿو ٿئي.

لوڪ سڀا، وڌان سڀائن، ڪارپوريشن وغيره ۾ جيڪي به سنڌي چونڊ ڪٽي پهچن ٿا، اسان سنڌي اُنهن تي فخر ڪريون ٿا. آچاريه ڀڳوانديو جيڪڏهن لوڪ سڀا ۾ سنڌيءَ ۾ قسم ٿو کڻي يا سنڌيءَ ۾ تقرير ٿو ڏي ته اسان سنڌي اُنکي ڳايون ٿا. ايستائين جو لعل ڪرشن آڏواڻي جيڪڏهن لوڪ سڀا ۾ مهان سنڌي سيپتا جو ذڪر به ڪري ٿو ته اسان سنڌين جا ڳاٽ اونچا ٿا ٿي وڃن. ته پوءِ سنڌيت جي جڳهه تي ڪا خاص ويچارڌارا يا ڪا خاص پارٽي اسانجي فيصلي جو آڌار ڇو ٿي بڻجي؟

پنهنجين خوبين سبب سنڌي ٻين جاتين جي مقابلي گوءِ کڻي سگهيا آهن. جيڪي خوبيون اسانجي طاقت آهن، اُنهن کي تيزڻ سان اسانجي طاقت گهٽجندي، نه ڪي وڌندي. اسان سڀ اڳ ۾ سنڌي آهيون تنهن کان پوءِ ڪانگريسي، ڪميونسٽ، شوَ سئنڪ يا بي-جي-پي- جا ڪاريه ڪرتا. جيڪي ڪميون اسان ۾ آهن، پلي اُنهن کي دُور ڪرڻ ڏانهن ڌيان نه ڏيون، پر جيڪي خوبيون سنڌين جي خون ۾ آهن، سياست جا رنگ اُنهنکي بدرنگ بڻائيندا. سنڌين جو شان سنڌيت جي واڌاري سان پروان چڙهندو. ويچارڌارا کي پلي اهميت ڏيون، پر وساريون نه ته ويچارڌارا سنڌيت کان وڌي نه آهي. اسانجو وجود جيڪڏهن قائم رهندو ته اُنجو آڌار ويچارڌارا نه، سنڌيت هوندي.

❑

ويچارڌارا ۽ شخصي تعلق بنام سنڌيت

ملڪ جي ٻين حصن جيان سنڌ کان وٺي سنڌين ۾ پڻ مختلف ويچارڌارائن جا پوئلڳ نظر ايندا آهن. هوندراج دکايل پنهنجي ڪنجڙيءَ تي جيڪي گيت ڳايا، اُنهن جو مقصد ديش ڀڳتيءَ جو جذبو جاڳائڻ نه هوئي، پر سنڌس مهم ڪانگريس جي سرگرمين جو حصو به هئي. جئرامداس دولترام ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ سميت آچاريه جي-بي-ڪرپالاڻي سنڌ ۾ ڪانگريس جي ٻيڙيءَ جا مانجهي هئا. هيمون ڪالاڻيءَ جهڙا نوجوان ڪرانتيڪاري هلچلن سان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ مٿي تي ڪفن ٻڌي مرڻ لاءِ تيار هئا. صوڀو گيانچنداڻي وغيره ڪميونسٽ ويچار کي سچ بڻائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا. آر-ايس-ايس- پنهنجي نموني ديش لاءِ قربان ٿيڻ جي پاونا مضبوط ڪرڻ ۾ لڳل هو. اِنهن مکيه ڌرين ڪانسواءِ به پنهنجي ڍنگ سان ڪم ڪرڻ وارا شاگرد ۽ زالون سرگرم هئا.

پلي ويچارڌارا جي اَنسار ڪم ڪرڻ وارن جي سوچڻ ۽ مهم چيڙڻ جي طريقن ۾ فرق هجي پر سنڌ ۾ ڪڏهن به ويچارڌارا شخصي رشتن تي حاوي نه ٿي سگهي. آزاديءَ کان پوءِ جڏهن ڪانگريس ڪرسيءَ لاءِ غلط ۽ صحيح جو تفاوت وساري سنڌ کي قربانيءَ جي ٻڪري بڻائي ڇڏيو ته انهي، اجهي ۽ لٽي لاءِ مشفت ڪندڙ سنڌي ڪانگريس کي همدرد جي روپ ۾ ڏسڻ واري ڳالهه چڻ نه وساري ويٺا. ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي ۽ اي-جي-اُتم ترقي پسند ويچارڌارا سان گڏ خاص طور سان ساهتڪ-سماجڪ سطح تي جيڪي هلچلون آزاديءَ کان پوءِ هلايون، اُنهنجي پنيان به ويچارڌارا جي آڌار تي شخصي تعلق نيائڻ يا بگاڙڻ جو نظريو ڪونه هو.

سنڌين ۾ ويچارڌارا جي آڌار تي نه وڙهڻ جو وڏو سبب آزاديءَ کان اڳ ديش ڀڳتيءَ جو جذبو ۽ آزاديءَ کان پوءِ سنڌيت جي ڀهبوديءَ جي پاونا هئي. جڏهن سنڌيءَ کي انين سڊيول ۾ شامل ڪرڻ لاءِ تحرڪ هلندڙ هئي، هر ويچارڌارا جي سنڌيءَ اُنجو ساٿ ڏنو. سياست ۾ سنڌي ڪانگريس، جنسنگهه يا ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ هوندي به اِن مدعي تي هڪ ٻئي جي ڪلهي سان ڪلهو هڻي بيٺا هئا. ڪجهه پرڳڻن ۾ سنڌي اڪاڊميون برپا ٿيون ته اُنهن ۾ به ميمبر ٿاڦڻ وقت سنڌيت جي هڏ-ڏوکين کي اهميت ڏني ويئي. پلي چيئرمئن سرڪار جي طرفان راجنيتڪ آڌار تي مقرر ڪيا ويا هجن پر

جي ڀاونا اسان ۾ ٻين جاتين کان گهٽ يِ وڌيڪ آهي. تنگ ڇڪڻ ۽ پنهنجي سوارٿ کي اهميت ڏيڻ واريِ ڳالهه سنڌين ۾ جڻ ته ڪُٽي-ڪُٽي ڀريل آهي. اسان ۾ ايڪتا ڪونهي. پڇ به ڪنداسين ته پرچار ۽ ڏيکاري لاءِ ڪنداسين. ڏيتي-ليتيءَ جو مرض جيئن پوءِ تيئن وڌندو ٿو وڃي. مادري ٻولي، مادري زبان، سنڌي ساهت، ڪلا، سنسڪرتي، سڀيتا، سنڌي ڏڻ، سنڌي گيت-سنگيت، سنڌي ناٽڪ، نرتيه اسان لاءِ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ پراوا ٿيندا ٿا وڃن. نئين ته نئين، پراڻي پيڙهي به اِن ڏس ۾ جوڳو ڌيان نٿي ڏي. نتيجي طور سنڌي چئنل لاءِ لاڳيتا، سٺا ۽ موهيندڙ-وڻندڙ پروگرام تيار ڪرڻ وارن ڪلاڪارن جي کوٽ محسوس ٿي ڪجي. ساهته اڪادمي جن ڪتابن تي اِنعام ٿي ڏئي، ٻين ڀاشائن جي مقابلي عام طور سان گهٽ معياري ٿا هجن.

سنڌين وٽ ڇوته ڀارت ۾ ڪو الڳ پرانت ڪونهي، سڀ جاتيون ۽ ڀاشا-ڀاشي اسان سان لهه-وچڙهه ۾ آهن. شخصي وهنوار مان پئدا ٿيل سماج لاءِ نظريو، مثال جي روپ ۾ اسان سندن سامهون پيش ڪندا ٿا رهون. جيڪي اثر هُو ڪڍن ٿا، اُنهن جوئي نتيجو آهي جو فلمن ۽ بيانن ۾ سنڌين لاءِ اڻ-وڻندڙ گفتا ٻڌڻ-ڏسڻ ۾ ايندا ٿا رهن. ڀلي مخالفت ڪري، آواز اُٿاري، وروڌ ظاهر ڪري ڪڏهن ڪنهنکي معافي گهرڻ لاءِ اسان مجبور ڪري سگهيا هجون پر سندن دماغن ۾ نهيل سنڌين جي ڇبي ڪيئن انهن وينديِ؟

’نندڪ نيري راکئي‘ جي جڳهه تي ’اَپني مُنهن مِيان مِٺُو بننا‘ اسانکي پنهنجي اندر جهاتي پائڻ کان روڪيندو. پاڻ کي ڦولينداسين ته ڪمين کي ڪٽي، دُور ڪري، گڻن ۾ اِضافو ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. ڀلي ٻڌائن نه غير سنڌيِ به! گهٽتائيءَ جو ذڪر اسان ۾ دهشت پئدا ڇو ٿو ڪري؟ سهنشيلتا جو گڻ اسان ۾ ڀرپور آهي ته پوءِ جيڪو اسان وٽ ڪونهي، جاتيءَ جي سطح تي جيڪي اوڻايون اسانجي ڌيان ۾ آنديون ٿيون وڃن، اُنهن تي ويچار ڪري سُڌارڻ جو قدم کڻڻ کان اسان ڇو ٿا ڪيٻايون ۽ ٻڇون؟ سچل جو ٻلاند جهلي ’آئون جوئي آهيان، سوئي آهيان‘ ۾ يقين رکي پاڻ کي ۽ اُن سان گڏ جاتيءَ کي راهي روشن تي وڌڻ جو موقعو اسانکي تڏهن ۽ فقط تڏهن ملندو، جڏهن ڇڻاين ۽ لڱاين ٻنهي تي کُلي ڳالهائڻ جي همت پاڻ ۾ پئدا ڪنداسين. □

سچ جون صورتون

ڇا اخبارن، مخزنن، ريڊيو، ٽي-وِي- ناٽڪن ۽ تقريرن ۾ سنڌين جي ڇڻاين-لڻاين، گڻن-اوگڻن کي حقيقت شناس تي پيش ڪرڻ مناسب آهي؟ خاص طور سان جن وسيلن معرفت چندچاڻ يا صافگوئي غير سنڌين جي سامهون ٿي اچي، اُنهنجو اِستعمال ڪرڻ کان اڳ ۾ ڇا ڪنهن پرهيز جي ضرورت آهي؟ پنهنجين خوبين کي اُڀاري ۽ ڪمين تي خاموش رهي نئين ٿهيءَ ۽ غير سنڌين جي نظرن ۾ سنڌيت جو مان اونچو ٿو ڪجي يا هوا جو وهڪڙو هڪ پاسيرو ڪري، آتم وشليشڻ بند ڪري جاتيءَ جو نقصان ٿو ڪجي؟ خوبين پريا چمڪندڙ پاسا وڌيڪ روشن ڪري ۽ اوڻاين پريا اونداها اولاڪا پردي پنيان لڪائي ڇا نوجوان پيڙهيءَ کي سنڌيت جو هڳاءُ بخشڻ ممڪن آهي؟ ٻڌيجيوِي، دانشور، ودوان، چنتڪ، ويچارڪ جيڪڏهن ڪنهن منچ تان سڏار جوڳي پڪش تي پنهنجي اوڪ-ٻوڪ پيش ڪن ٿا تہ اِنجي آجيان ڪجي يا ننديا؟

اُلهاسنگر جي هڪ سنڌِي هفتيوار اخبار ۾ مشهور ليکڪا ۽ سنڌيت جي حق ۾ پختي نموني آواز بلند ڪرڻ وارِي پوپٽي هيراننداڻيءَ جو هڪ ليک شايع ٿيو، ’سنڌِي پروگرام ۾ ڪهڙا اِسم پيش ڪرڻ گهرجن.‘ سنڌين جون سٺيون ڳالهيون ڳڻائيندي پوپٽي اعلان ڪيو، ’شرم اچڻ گهرجي اُنهنکي جيڪي غير سنڌين اڳيان جاتيءَ کي ڪٺل يا خراب ظاهر ڪن.‘ مٿي اُٿاريل سوالن کي سندس ليک ۽ اعلان وڌيڪ ترش ٿو بڻائي.

ڪير اِنڪار ڪندو تہ عام طور سان سنڌِي ڏيءَ ۽ پٽ کي ٻين جيان گهٽ-وڌ نہ مڃيندا آهن. پالن-پوشڻ، پڙهائي-لکائي، کاڌو-پيتو، صلاح-مصلحت، آزادي-پابنديءَ ۾ ٻيائي نہ ڪندا آهن. ويتر ڌيءَ کي نياڻي ڄڻي پوڄا ۽ شرڌا جي پاونا سان وهنوار ڪندا آهن. جات-پات، مذهب، مورتون، پوڄا اِستل خواه ڌرم ۽ پرماتما سان واسطو رکندڙ ڪوبہ مدعو سنڌين کي جذباتي بڻائي ڪترپڻو پئدا نہ ڪندو آهي. ڇوت-ڇات، ٻال وواه جهڙا سماجڪ مرض سنڌين ۾ ڪونهن. مهماننوازِي ڪرڻ ڪو سنڌين کان سِکي. اڄ ڏينهن سنڌِي جيترِي مالي ترقي ڪري پاڻ کي ٽانئينڪو ڪري سگهيا آهن، دنيا ۾ اُنجو ٻيو مثال نہ ملندو.

پر اِن سچ کان بہ ڪهڙو سنڌِي اِنڪار ڪندو تہ ايرکا، حسد ۽ چڙهت

ميلن - ملاکڙن ۾ شرڪت ڪرڻ وارن سنڌين جي تعداد برابر وڌندڙ
آهي. سنڌيءَ ۾ ڇپجڻ وارن ڪتابن جي کپت برابر هرسال وڌندڙ آهي.
چئنلن ۾ حصيداري ڪرڻ وارن سنڌي ٻارن جي گهٽ برابر وڌندڙ آهي.
انهن زباني، آوازي ۽ نظاري سنسڪرتيءَ جي ڳالهه سنڌي ودوان، سنڌيءَ
جا شيدائي ۽ گهڻگهرا ڪندا آهن، اُنجو وستار ۽ ڦهلاءُ ٿيندو هرڪنهن کي
نسڻ ۾ تو اچي. پوءِ سنڌي ڀاشا ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ جي حالت قياس جوڳي
ٿوٿي ٿيندي وڃي؟ ڇو نامنهاد آوازي سنسڪرتيءَ جو ڪو اِسم سنڌيءَ ۾
پيش ڪري اِسٽيج تان هيٺ لهي ماءُ پيءُ کان سوال تو پڇي ٻار، ’پاپا،
ممي، ميرا پروگرام ڪئسا لگا؟‘ ڇا پروسو ڪرڻ لائق رهيو آهي اِهو ويچار؟
ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي ليک ’ڪلچرل باءِ پاس سرجري‘ جي انسار
ڀاشا کان ساهت ۽ ساهت کان سنسڪرتيءَ وارو رستو نئين نهيءَ لاءِ رڪاوٽ
ٿيو ٿي پيو آهي. تنهنڪري ضرورت آهي ووڪل ڪلچر کان ڪلچر ۽ ڪلچر
کان ڀاشا خواه ساهت جو نئون رستو اِستعمال ڪرڻ جي. روهڙا جي نظرداريءَ
۾ اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي نرتيه - ناٽڪ - سنگيت جا اڪيچار
پروگرام ڪرايا آهن، ڇونه مليو آهي اُنهنجو ڪو فائدو؟
برابر اسان وٽ زمين ڪونهي، پر فقط 1947 کان. وري اسان پنهنجي
ملڪ ۾ ٿا رهون. اِزرائيل وارا ٻه هزار سال شرڻارٿي بڻجي دنيا ۾ ڀٽڪندا
رهيا. ڪيئن بچائي سگهيا هُو پنهنجي ڀاشا ۽ سنسڪرتيءَ کي؟ الڳ - الڳ
ملڪن ۾ رهندي، هٽلر جهڙن نردئي حاڪمن جي گيس چئمبرن ۾
ساڻجندڙ يهودي آخر ڪيئن بچائي سگهيا پنهنجي شناخت؟ شيڪسپيئر
جو شائلاڪ ياد ڪيون. سورهين صديءَ ۾ انگلئنڊ ۾ يهوديءَ جي ڇبي پئسي
جي هر حد اوراتگهيندڙ شخص جي هئي. سنڌين کي به عام طور سان ڪجهه
اهڙي نظر سان ڏٺو تو وڃي اڄ. يهودي سنڌين کان گهٽيون وڌيڪ مصيبتون
سهي به پنهنجي ڀاشا ۽ سنسڪرتيءَ کي ڪيئن بچائي سگهيا؟
اِنجو سبب هو خصوصيت جو احساس جيڪو کين پنهنجو اِتهاس پيو
بخشي، جيڪو کين پنهنجا مهاپرش پيا بخشن. سنڌي خاص آهي، اِهو احساس
سنڌيءَ کي مرڻ کان روڪيندو. خوبيون ياد ڪرايون. اِتهاس جا سونهرا ورق کولي
ڏيکاريون. ٻين کان مٿيرا آهيون، اِنجا مثال پيش ڪيون. پنهنجي سڃاڻپ ٻيهر
ڪيئن جذب ڪرڻ چاهيندو اُهو شخص جيڪو پاڻ کي هنن کان سوايو تو سمجهي؟
سنڌي اِدارا، سنڌي اِسڪول، سنڌي اڳوان هلائي ڏسندا اِها مهم؟ ❑

ڪيئن بچندي سنڌيت؟

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي اڳوان ۽ بڌيجيوي سنڌيت کي بچائڻ لاءِ هڪ مدعي تي قريب-قريب يڪراءِ آهن. زباني ۽ نظرن جي اِسمن معرفت سنڌي پاشا، سيپتا ۽ سنسڪرتيءَ کي بچائڻ، بهترين رستو تو محسوس ٿي سيني کي. سرڳواسي گوبند مالهي ورهين جا ورهيه ڀڳونتي ناواڻيءَ سان گڏجي ديس-وديس ۾ سنڌي گيت-سنگيت پهچائي الک جاڳائيندو رهيو. رميش چاچاڻي، ايس-پي-مينگهاڻي، جسونتڪمار وغيره ناٽڪ ذريعي اِن ڏس ۾ پنهنجو يوگدان ڏنو آهي. مهيش چندر، ڪاجل ڪيولراماڻي، دشينت ڪمار، آسڪرڻ شرما جهڙا ڳائيندڙ ۽ راڻي ڪرٽا، انيلا سندر، سنڌو پاڳيا مشرا، وشني اِسراڻيءَ جهڙيون نرتڪيون لاڳيتو پنهنجي ڪلا پيش ڪري اِن ويچار کي حقيقت بڻائڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهن.

اڄ ڀارت جي هر شهر ۾ هڪ کان وڌيڪ سنڌي سنستائون برپا ٿيل آهن. غريبن جي مدد، بيمارن کي دوائون ڏيڻ جهڙا ڪم، شاگردن کي ڪتاب-پوشاڪون-اِسڪالرشپ عطا ڪرڻ سان گڏ گيت-سنگيت، نرتيه-ناٽڪ جا پروگرام هي سڀ سنستائون ڪن ٿيون. چيٽي چنڊ تي هر شهر ۾ جلوس ٿا نڪرن. سنڌيت کي زباني اِسمن معرفت اڳيان وڌائڻ لاءِ هڪ ڏينهن کان پندرهن ڏينهن جا پروگرام ٿا ٿين. نئشنل ڪائونسل فار پرموشن آف سنڌي لينگوئيج ۽ ملڪ جي ڇهن پرڳڻن ۾ سرڪار طرفان هلندڙ سنڌي اڪادميون بين وسيلن سان گڏ آوازي سنسڪرتيءَ جي نمائندگي ڪندڙ پروگرام ڪن ٿيون. دوردرشن جا احمدآباد، ڀوپال، جئپور وغيره ڪيندر منڍ کان ئي سنڌي پروگرام ڏيندا آهن. هينئر ڪجهه ٻيا چئنل پڻ سنڌيءَ ۾ پروگرام ڏيڻ لڳا آهن. ڪي-ٽي-اين- تي سنڌي پروگرام ڀلي پاڪستان ڏيندو هجي پر اُنهن کي ڀارت جا سنڌي ڏسن ٿا. ڪلا ملائي، آوازي سنسڪرتي معرفت سنڌين کي سنڌيت سان جوڙڻ جي ڪا نه ڪا ڪوشش ذري گهٽ هر سنڌيءَ تائين پهچي ٿي. ٻيو نه ته آڪاشواڻيءَ تان نشر ٿيندڙ سنڌي پروگرام، ڀڳونتي ناواڻيءَ جي سڪمني يا پرمانند پياسيءَ جا ڇهڇٽا ڪئسٽن ذريعي ٻڌڻ جو موقعو هر سنڌيءَ کي ڪنهن نه ڪنهن وقت ضرور ملي ٿو. تنهن کان پوءِ به گهرن ۾ سنڌيءَ جو استعمال ڇوٿو گهٽجندو وڃي؟ نئين ٽهي ڳالهائڻ ته پري سنڌي سمجهڻ ۾ به تڪليف ڇو ٿي محسوس ڪري؟ آخر ڪان سواءِ سنڌي هئڻ جي ڪابه سڃاڻپ ڇو ڏوراهين ٿيندي ٿي وڃي؟

ائريڪٽر نہ ٿاهيندي. ڪن ٿا اِنڪري ڇو تہ سيمينار پلي اڪادميءَ (يعني رڪار) جي خرچ سان ٿيندي هجي، پر اُن مان ڪو ڪڙتيل، ڪو نتيجو نڪري.

سنستا ڪابہ هجي، آخر خرچ نسبت، وهنوار نسبت، پروگرامن نسبت، ندوبست نسبت ڪي تہ فيصلا ڪندي؟ پئسا هِتان-هُتان وٺي (پِني) گڏ ڪرڻ و مطلب اِهو ڪونهي تہ اُنهن ڪي دارونئن ۾ وهائي ڇڏڻ جو حق اسانکي ملي يو. جن مان فائدا حاصل ڪرڻا آهن يا جيڪي اسانجا ٻولڙيا آهن، اُنهن ي جيئن وڻي تيئن خوش ڪجي. ڪي قاعدا تہ مڃڻا ئي پوندا هر حالت ۾. نہ مڃيندا سين تہ جيڪا ڇٻيءَ ساک گهربل آهي، نہ ٿهندي. اِهوئي سبب هي، جنهن پاسي نظر ڦيرجي، جيبي اِدارن جون قطارون ڏسڻ ۾ ٿيون اچن.

اڪادميءَ ڪي سرڪار جيڪو بجيٽ ڏي ٿي، خانگي اِدارا تہ اوترِي قم بہ ڪنهن وٽ گهرڻ ٿا وڃن. دخل اندازي ناڻو ڏيڻ وارن جي وڌيڪ آهي خانگي اِدارن ۾. سرڪار طرفان اڪادمين ڪي ڪجهہ خاص ڪرڻ لاءِ، ڪنهن خاص شخص ڪي گهرائڻ يا ورسائڻ لاءِ شايد ئي چيو ويندو هجي پر خانگي ادارا دان ڏيڻ واري شخص جا هوند ماتحت ٿي ٻيهندا آهن. مقرر رقم سرڪار ڏني، باقي رقم مدد جي روپ ۾ وٺي جيڪي ڪم ڪرڻا آهن، ڪري گهجن ٿا. جيڪي رٿون عمل ۾ آڻيون آهن، سڀ ڪري سگهجن ٿيون. ڪادمي سرڪاري سنستا آهي. هڪ غيبي اثر مدد ڏيڻ وارن ڪي پنهنجون رطون چسپا ڪرڻ ڪان روڪي ٿو.

رهي اڪادميءَ جي پرڌان پد تي سرڪار طرفان پنهنجي پسند جو شخص مڙهڻ وارِي ڳالهہ، تہ ڇا خانگي اِدارا هميشهہ قابل شخصن جي رهنمائيءَ ۾ ٿا هلن؟ سرڪاري اڪادميون هجن چاهي نجي سنستائون، انجا پرڌان جي نظرئيءَ سوچ جي انوسار ئي ملندا. پر شايد سرڪاري سنسي ۾ اِها ڪرامت آهي جو پرڌان هجي يا ٻيا واسطيدار، اُنکي پرائو پئسو سمجهي اِستعمال ٿا ڪن. اڪادميءَ طرفان رکيل ادبي بئنڪ ۾ رچنا پڙهندا سين سوَ روپيہ وٺندا سين. اِهو نہ سوچيندا سين تہ ڪنهن بہ ڀاشا وارا ادبي بئنڪ رچنا پڙهڻ واري ڪي اُجورو نہ ڏيندا آهن، پوءِ اڪادميءَ ڪان سوَ روپيہ ڻ جو ضد ڇو ٿا ڪيون؟

اڪادميون گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿيون سنڌيت، سنڌي ڀاشا، ساهت سنسڪرتيءَ جي واڌاري لاءِ. ڇا اسان پنهنجو ضروري يوگدان ڏيڻ لاءِ تيار هيون؟ ❑

خانگي اِدارا بنام سنڌي اڪادميون

گذريل ڏينهن ۾ ٻن راشٽريہ سيمينارن ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو مليو
جوڌپور ۾ هڪ خانگي اِداري ’اوني‘ سانسڪرتڪ منتراليہ، نئين دهلي
جي سهيوگ سان هندي ناٽڪ تي جيڪا راشٽريہ سيمينار رکي اُن ۾ ڀاڳ
ڀارتي، دنيش کَنا، رٹويرسنگهہ، ايس-واسوديو، سرتاج ماٿر ۽ مدن موهن ماٿ
جهڙين ناميارين شخصيتن ڀرپور ورتو. رهائش ۽ کاڌي جو سهٹو، آدرڀريو بندوبست
۽ سيمينار ۾ پڙهيل پيپرن توڙي بحث جي معيار اوچ درجي جا هئا. سيمينار ۾
اُٿڻ وارن سوالن جا عالمن طرفان جواب ٻڌڻ وارا ڇڻ ڪڪجن ئي نہ پيا.

دهلي ۽ ۾ دهلي سنڌِي اڪادمي ۽ پاران رکيل سيمينار ڀڻ راشٽريہ هئي
سنڌي ۽ جي هر صنف ۾ لکڻ وارا ذري گهٽ سڀ مشهور ليکڪ ۽ ليکڪائون
سيمينار ۾ حاضر هئا. رهائش جو بندوبست اڪادمي ۽ ڪونہ ڪيو هو. سيمينار
جا ٻئي ڏينهن منجهند جي کاڌي ۽ چانهن وغيره جو چڱو-چوکو بندوبست
هو. جوڌپور ۾ عام شرڪت ڪرڻ وارن کي سيڪنڊ ڪلاس سليپر جو ڀاڙو ڏنو
ويو هو، جڏهن ڪِ اڪادمي ۽ هر ڪنهن کي ٿرڊ اي-سي- جو ڀاڙو ڏيڻ جي
آش ڪئي هئي. روزانا ڀتو ادائي سَو رپيا ڏنو ويو. هوٽلن ۾ خرچ وڌيڪ ٿيا
آهن. اچڻ-وڃڻ تي خرچ گهٽو ٿي ويو آهي. راڄڌاني ۾ آيا آهيون تہ ڀاڙو
فقط ٿرڊ اي-سي- جو ڇوٿو ملي؟ اهڙا ڪجهہ سوال ۽ شڪايتون ليکڪن کُلي
ڪري بانيڪارن جي سامهون رکيون. پيپرن ۽ بحث جو معيار وشيہ جي داعري
کان پوري ۽ طرح ٻاهر هو.

سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙ ڪجهہ ليکڪ موقعي-بي موقعي اڪادميون
بند ڪرڻ جي پڪش ۾ اثرائتيون دليلون ڏيندا رهيا آهن. جيڪڏهن هوُ
اُهوئي ٿا چون، جيڪو سڀ پڇ محسوس ٿا ڪن تہ پوءِ ڪنهن بہ اڪادمي ۽
جي سڏ کي ڇوٿا اونائن؟ اڪادمين ۾ ميمبر ڇو بڻجي وينا آهن؟ ڪين چاڻ
آهي تہ اڪادميون فقط ۽ فقط سرڪاري پئسي سان ٿيون هلن. خرچ من
مرضي ۽ سان نٿا ڪري سگهن. حساب- ڪتاب جو آڊٽ بہ ٿيندو آهي. طئشده
قاعدن جي پڄڪڙِي ڪو خانگي اِدارو پنهنجي مرضي ۽ سان ڀلي ڪري پر
اڪادمي نٿي ڪري سگهي. تہ پوءِ وڌيڪ پئسا وٺڻ لاءِ نقطچيني ڇوٿا ڪن؟
ڀلي نہ اڇو پر اڇي ڪري قاعدا ٽوڙڻ جي ڪوشش ڇوٿا ڪيو؟ لڇمڻ ڀاٽيا
’ڪومل‘ جهڙا شخص ڀاڻ پتوڙي جيڪڏهن سيمينار کي سڦل بڻائڻ لاءِ هرچند
ڪوشش ٿا ڪن تہ اِنڪري نہ ڇوتہ ڪين اڪادمي وري ڪنهن سيمينار جو

پنهنجو نالو ڇپارائڻ وارن جون حسرتون چوٽ چڙهي ويون. شڪشا ۽ ساهت سان ناتو رکڻ وارن کي اڳيان وڌڻ واڳون سنڀالڻ کپنديون هيون، پر اڳوان راڄنيتيءَ ۾ دلچسپي رکندڙ نهي بيٺا هئا. ڏولڻ راهي ۽ ڪملا گوڪلاڻيءَ کي ڇڏي اجمير جي هڪ ٻه سنڌي ليکڪ يا ليکڪا پڳڙين ۾ شرڪت ڪرڻ جي گهرج محسوس نه ڪئي. ايسرسنگهه بيديءِ، ايم-ٽي-ڀاٽيا جهڙا شخص/ليکڪ ضرور هئا پر سندن هئڻ بطور ليکڪ گهٽ، شخصي ويجهائپ سبب وڌيڪ هو.

سال 1992 ۾ ايشور چندر جي اوچتي، اڻوقتائتي قضيي کان پوءِ تيل پڳڙين تي ته حالت اِن کان به خراب هئي. سندس ڪجهه ليکڪ دوست جئپور مان پڳڙين ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پهتا هئا پر اجمير جو هڪ به ليکڪ اُتي ڪونه هو. شڪر جو هن دفعي سنڌي ساهت سان واسطو رکندڙ ڪي نالا ته پڳڙين ۾ هئا! ڪنهن جي آءِ-آدر ۾ سشيلا موٽواڻي ڪمي نه رکندي هئي. سندس لئبريري گهرجائن لاءِ هميشه کليل هوندي هئي. پڙهڻ جي ڏس ۾ مدد ڪرڻ لاءِ هوءَ هميشه تيار رهندي هئي. گورنمينٽ ڪاليج، اجمير ۾ سنڌيءَ ۾ ايم-اي- ۾ سڀ کان وڌيڪ مارڪون کڻڻ وارن کي سندس پاران سون جو مئڊل عطا ٿيندو آهي. شايد ئي ڪنهن شخص سان سندس جهڳڙو يا وواد هجي. پوءِ اجمير وارن بيماريءَ جي دوران ڪيس جوڳي اهميت ڇونه ڏني؟

سماج ۾ سنويدنشيلتا لڳاتار گهٽجندي وئي آهي. ڏکئي وقت ۾ يا جسماني تڪليف هوندي سماج جي خاموشي ڪجهه حد تائين سمجهي سگهجي ٿي. راڄنيتيءَ ۾ چاهه رکندڙ هوئڻ چاهي نظر نه اچن پر فائدو وٺڻ وقت سڀ کان اڳيان نظر ايندا، اِها ڳالهه به سمجهي سگهجي ٿي. پر ليکڪ ته ٻين جي مقابلي وڌيڪ سنويدنشيل هئڻ جي حام هڻندا آهن. سندن دل کي ساڻي ليکڪ جي تڪليف ڇو نٿي ڏوڏي؟ اجمير ۾ سنڌي ليکڪن جو تعداد سٺو آهي. ٻه ليکڪ ته ساهتيه اڪادميءَ جي اِنعام سان نوازيل آهن. ظاهر آهي سندن کي مريد به هوندا. ڇا دک-سک کان هو پاڻ کي مٿي سمجهڻ لڳا آهن؟ گيتا ۾ جنهن 'اِستٿپر گيتا' جي ڳالهه ڇئي ويئي آهي، ڇا اجمير جا سنڌي ليکڪ اُن مقام تائين پهچي ويا آهن؟

سنڌي ليکڪ عام طور سان شڪايت ڪندا آهن ته سنڌي سماج کين جوڳي اهميت نٿو ڏي. هن قسم جو وهنوار کين اهميت جي قابل ثابت ڪري ٿو ڇا؟ رستو ڏيکاريندا سين نه ۽ اُميد رکندا سين ته ماڻهو گهربل رستي تي هلن. ڇڏي سگهندا سنڌي ليکڪ اهڙي خوشفهمي؟ ❑

سنويد نشيلنا ۽ ليکڪ

14 مئي 2003 تي سنڌيءَ جي ليکڪا، تاعمر سنڌي شڪشا جي واڌاري ۽ مضبوطيءَ لاءِ تن-من-ڌن سان پاڻ موکڻ واري، گورنمينٽ ڪاليج، اجمير جي سنڌي وڀاڳ جي پهرين اڌيڪش ڊاڪٽر سشيلا مونواڻيءَ پنهنجا آخري پساهه کڻيا. اٽڪل ٻه سال اڳ هلڻ ۾ تڪليف سان شروع ٿيل سندس بيماريءَ ڇپاڙيءَ تائين پهچندي پهچندي ڪيس پوريءَ طرح بستر داخل ڪري ڇڏيو هو. اڌائي-ٽي مهنا پهرين ٿيل فرئڪچر سبب لڳل ٽرئڪشن ڪري هوءَ ٻلي پاسو به ورائي نه پئي سگهي. نتيجي طور پٺيءَ ۾ ڦٽ ٿي پيا هئس. ڪمزوريءَ ۽ بيماريءَ سبب آواز وڃڻ لڳو هئس. هٿن ۾ ٽيلفون جهلڻ جي طاقت به ڇڻ نه رهي هئس.

خوشي ٻلي ورهائجي، ڏک پنهنجو ۽ فقط پنهنجو ٿيندو آهي. سشيلا مونواڻيءَ جو خاوند نانڪرام مونواڻي سندس شيوا ڪرڻ وارو اڪيلو شخص هو. سشيلا مونواڻي 68 ورهين جي هئي، نانڪرام مونواڻي 70 ورهين جو آهي. ڪيترو به صحتمند ڇو نه هجي، 70 سالن جي شخص مان اُها اُميد ته نٿي رکي سگهجي، جيڪا ڪنهن نوجوان يا وچولي عمر جي مرد مان رکي سگهجي ٿي. ٽنهن هوندي به هن لاءِ جيڪو ممڪن هو، ڪندو رهيو. جئپور يا ٻين شهرن ۾ رهڻ وارا ناٺي-رشتيدار ۽ پريتوان اجمير ايندا ته مزاجپرسي ڪري موٽي ويندا. ٻاهران اچڻ وارا ايندا به ته ڪيترا دفعا ايندا؟ وڌ ۾ وڌ ٽيليفون تي حال-چال پڇندا رهندا. پر ڇا اجمير وارا ايترو به نه پيا ڪري سگهن ته وڃي سندس دل وٺائن ها؟ بيماريءَ جي مياد وڌيڪ هوندي آهي ته گهر جا ڀاتي به ٿڪجي پوندا آهن. نانڪرام مونواڻي پيريءَ ۾ نه ٿڪو هوندو ڇا؟ اِن سڀ کي محسوس ڪندي اجمير ۾ رهڻ وارن سشيلا مونواڻيءَ جي چاهتل سڄاتلن، شڪشا سان واسطا اُستادن توڙي شاگردن، سماج شيوا ۾ سندس خدمتن کي اِستعمال ڪرڻ ۽ فائدو حاصل ڪرڻ وارن، ليکڪن وغيره جو ڇا ايترو فرض به نه هو ته هفتي-ڏهين ڏينهن وڃي سشيلا مونواڻيءَ جي طبيعت جو احوال پڇي اچن؟ پنڌرهانِ-ويهه منٽ ويهي سندس مونجهاري کي جهڪو ڪري اچن؟

باقي سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ شرڌانجلين جا وسڪارا ٿي ويا. جيڪي نه ٿيون، اُنهن شرڌانجلي سڀائن جون خبرون ۽ نالن جا انبوهه پڻ اخبارن ۾ نظر اچڻ لڳا. سشيلا مونواڻيءَ جي موت جي بهاني اخبارن ۾

ملندا ڏنا ويا آهن. سنڌيءَ ۾ گهٽو ئي اهڙو لکيو ويو آهي، جيڪو ڀارتيه ڀاشائن جي ساهت ۾ ئي نه وشوَ ساهت ۾ به اهم ثابت ٿيندو. جيڪڏهن اِئين آهي ته پوءِ وري ساڳيو ئي سوال آڏو ٿو اچي ته گذريل 35 سالن ۾ سنڌيءَ کي گيانپيٺ پرسڪار ڇونه مليِ سگهيو آهي؟

اِنجو وڏو سبب آهي شاهڪار ۽ سٺن سنڌي ڪتابن جي هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ ترجمي جي کوٽ. آزاديءَ کان اڳ ۾ شرتچندر وغيره جو گهٽو ئي ساهتيه ترجمو ٿي سنڌيءَ جي پاٺڪن سامهون آيو. آزاديءَ کان پوءِ به ييشم ساهني جي 'تمس' سميت ڪيترائي ٻين ڀاشائن ۾ ڇپيل ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي آيا. هندي، گجراتي، مرهٽي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي سنڌي ليکڪ لکن ٿا، تنهن هوندي به اهڙيون ڪهاڻيون ڇاهي ناول گهٽ تعداد ۾ آهن، جيڪي سنڌيءَ مان هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي آيا هجن. هر سال ترجمي تي ملندڙ ساهتيه اڪادميءَ جو پرسڪار اِنجو ثبوت آهي. گيانپيٺ پرسڪار لاءِ سنڌي صلاحڪار سمتيءَ جي سفارش جي آڌار تي سيني ڀاشائن جي ليکڪن ۽ ذير ويچار ڪتابن جا نالا پرور سمتيءَ وٽ ويندا آهن. پرور سمتي ڪنهن به ڪتاب تي اثردار نموني تڏهن ويچار ڪري سگهندي، جڏهن ميمبرن کي گهٽ ۾ گهٽ اُهو ڪتاب (۽ وڌ ۾ وڌ اُن خاص ليکڪ جا ٻيا ڪتاب پڻ) هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ ملن. پهرين ته سفارش ڪيل ڪتاب جو هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ئي نه ملندو ۽ ملندو ته سٺو ترجمو نه هوندو.

سنڌيءَ جي ليکڪن ۽ خاص طور سان اُنهن ليکڪن جي ذميواري اهڙين حالتن ۾ وڌي وڃي ٿي جيڪي سنڌيءَ مان هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري سگهن ٿا. سنڌي ساهت ۾ قوت آهي ۽ اُن کي ثابت ڪري گيانپيٺ پرسڪار جي منزل تائين پهچائڻ لاءِ سٺن ڪتابن جا هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ ترجما بيحد ضروري آهن. جيڪڏهن مُول لکڻي ڇڏي ترجمن ڏانهن مائل نه به ٿين ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنڌي ڪتاب کي هنديءَ يا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ضرور ڇپارائن. اِن سڏ کي ليکڪن گنڀيرتا سان ڪنيو ته ڪو سبب ڪونهي ايندڙ ڪجهه سالن ۾ سنڌي پڻ گيانپيٺ پرسڪار کٽڻ وارين ڀاشائن ۾ شامل نه ٿي سگهي. ❑

گيانپيٺ پرسڪار ۽ سنڌي

ٽائيمس آف اِنڊيا گروپ جي ساهُو - جئن ڪٽنب طرفان برپا ڪيل پنجن لکن روپين جو گيانپيٺ پرسڪار ملڪ جو سينيئي کان وڏو اِنعام آهي جيڪو ڀارت جي جوڙجڪ ۾ شامل ڪنهن به ڀاشا ۾ هر سال ڏنو ويندو آهي. 1960 جي ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ قائم (صلاح مشوري جي 1961 کان 1963 تائين هليل دورن کان پوءِ پهريون گيانپيٺ پرسڪار 1965 ۾ ڏنو ويو) هن اِنعام جا سال 2000 تائين ڪل 38 حقدار بڻيا آهن. ٽي دفعا اِنعام ٻن-ٻن ڀاشائن جي ساهتيڪارن کي شامل روپ ۾ مليو آهي. وڌيڪ وستار ۾ وڃجي ته ڪنڙ ۽ هنديءَ کي ڇهه دفعا، بانگلا کي پنج دفعا، مليالم ۽ اُڙيا کي چار دفعا، گجراتيءَ کي ٽي دفعا، پنجابي -مراٺي- تيلگوُ- اُردوُ کي ٻه دفعا، اسميا ۽ تمل کي هڪ دفعو گيانپيٺ پرساڪار ملي چڪو آهي. اِهي ٽيون ٻارهان ڀاشائون. جوڙجڪ جي اٺين سڊيول ۾ شامل ڪل 18 ڀاشائن مان ستن ڀاشائن کي 35 سالن ۾ به گيانپيٺ پرسڪار نه ملي سگهيو آهي. سنڌي اِنهن ستن ڀاشائن مان هڪ آهي. غور طلب آهي ته ستن مان ٽي ڀاشائون اُهي آهن، جيڪي اٺين سڊيول ۾ فقط ٽي سال اڳ شامل ڪيون ويون آهن.

جو نه جنهن ڀاشا تي گيانپيٺ پرسڪار ملي ٿو، ايندڙ ٽن سالن تائين اُها ڀاشا چونڊيٽيءَ ۾ شامل نٿي ڪئي وڃي، اِنڪري وهنوارڪ سطح تي ڏسجي ته گيانپيٺ پرسڪار لاءِ چونڊيٽي اٺن ڀاشائن سان آهي. سوال ٿو اُٿي ته پوءِ سنڌيءَ کي اڃ تائين گيانپيٺ پرسڪار ڇونه مليو آهي؟ ڇا ٻين ڀاشائن جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ ۾ معياري ساهت نٿو لکيو وڃي؟ گيانپيٺ پرسڪار جو فيصلو ليکڪ جي گذريل ويهن سالن جي سرجڻ جي آڌار تي ٿيندو آهي. ته ڇئجي گذريل 35 سالن ۾ سنڌي ليکڪ ٻين ٻارهن ڀارتيه ڀاشائن جي ڀيٽ ۾ ڪمزور ساهتيه رچيو آهي؟ ڇا سنڌي ڀاشا پنهنجي ورثي جي پس منظر ۾ ايتري پٺيان ڏڪجي وئي آهي؟

سچ آهي ته هر سال جنهن سنڌي ڪتاب تي ساهتيه اڪادمي پرسڪار ملندو آهي، ڪيترا دفعا اُهو ڪتاب ٻين ڀاشائن ۾ ساهتيه اڪادمي پرسڪار مليل ڪتابن جي ڀيٽ ۾ ڪمزور معيار جو هوندو آهي. پر هڪ ته هر سال سنڌيءَ جو اِنعام کٽيندڙ ڪتاب ڪمزور معيار جو نه هوندو آهي ۽ ٻيو ڪيتريون ٻيون ڀاشائون به آهن، جن جي ڪمتر ڪتابن تي ساهتيه اڪادمي پرسڪار

عربي لپيءَ مان ديوناگريءَ ۾ اُلٿو ڪجي يا ديوناگريءَ ۾ نئون سنڌي ساهت سرجڻ ڪجي، اِن ڪان اڳ ۾ ڪجهہ مدعن تي ويچار ڪرڻ ضروري آهي. سنڌيءَ کي ديوناگري لپيءَ ۾ اُچار جي آڌار تي لکجي يا عربي لپيءَ ۾ لکيل سنڌيءَ جي هِجي جي آڌار تي لکجي؟ جيڪڏهن اُچار جي اَنسار لکبو تہ محسوس ٿيندو، الڳ الڳ پرڳڻن ۽ علائقن ۾ رهڻ وارن سنڌين جي زبان تي مڪاني ڀاشا جي اثر وهنوار ۾ سنڌيءَ جا اُچار ڦيري ڇڏيا آهن. ساڳيو سنڌي لفظ اُچار جي آڌار تي مهاراشٽر، گجرات يا راجستان ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ الڳ-الڳ نموني لکڻ ۾ ايندو. ديوناگري لپيءَ جا حمايتي خوبيون ڳڻائيندي چوندا آهن تہ ديوناگري لپيءَ ۾ اُچار مُوجب لکبو آهي ۽ لکيل مُوجب اُچار ڪبو آهي. هوندي تہ اِهو سچ نہ آهي پر سنڌي اُچارن جي معاملي ۾ ڪيئن طئہ ٿيندو تہ ديوناگريءَ ۾ ڪهڙي لفظ کي ڪيئن لکجي؟

عربي لپيءَ ۾ هر سنڌي لفظ جو هِجو مقرر آهي. وياڪرڻ جي آڌار تي سنڌي ڀاشا منزلون طئہ ٿي ڪري. شڪشا جو سرشتو ڪمزور ٿيڻ بنہ ٽٽڻ سبب سنڌ ۾ پڙهيل شخص بہ هِجي جون چوڪون ٿا ڪن. اڀياس جي اٽاٽ جا اِهي سڀاويڪ نتيجا آهن. عربي لپيءَ جي ڄاڻ ڪونهي، اڌوري ڄاڻ آهي يا اڀياس جي ڪميءَ سبب غلط سنڌي لکڻ وارو شخص عربي لپيءَ جي هِجي کي آڌار بڻائي ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي لکندو تہ اُن ۾ هڪ جهڙائي ڪٿان ايندي؟ دستوري نموني سنڌي اِسڪول ۾ نہ پڙهڻ ڪري سنڌيءَ جي وياڪرڻ جي ڄاڻ ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي لکڻ وارن کي ڪونهي. تي، ۾، کي وغيره جو اِستعمال، سنڌون ۽ پئرا گراف ٺاهڻ جا قاعدا ڪين پتو ڪونهن. ظاهر آهي تہ فقط ديوناگري لپيءَ جي ڄاڻ سنڌيءَ کي ديوناگري لپيءَ ۾ لکڻ جو واحد سبب نٿي بڻجي سگهي.

ضروري آهي تہ عربي لپي توڙي ديوناگري لپي، ٻنهي جا ماهر ۽ مدبر ويهن. بحث-مباحثا ڪري، ڇنڊ-ڇاڻ، سوچ-ويچار ڪري ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي لکڻ جا ماڻ مقرر ڪن. اراجڪتا جي ڇنبي ۾ ڦاٿل سنڌي ڀاشا کي سنئين دڳ لڳائڻ جو ڪم نئشنل ڪائونسل فار پرموشن آف سنڌي لينگوئيج، وڏودڙا ڪري سگهي ٿي. جهجهي بجٽ واريون دهلي ۽ راجستان سنڌي اڪادميون گڏجي يا الڳ-الڳ ڪري سگهن ٿيون. اِنڊس اِنڊ فائونڊيشن ۽ اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ڪري سگهن ٿيون.

❑ ٻڌندو ڪو ڀاشا جي سڏ کي؟

ماڻ مقرريِ سنڌيِ ديوناگريِ لپيءَ جي

ڀارت سرڪار سنڌيِ ڀاشا کي عربي خواه ديوناگريِ ٻنهي لپين ۾ لکڻ پڙهڻ کي هڪ جهڙيِ مڃوتي ڏني آهي. 10 اپريل 1967 تي سنڌيِ ڀاشا کي جوڙجڪ جي انين سڊيول ۾ پندرهين ڀاشا جي روپ ۾ شامل ڪيو ويو. اُن ڏينهن کان پوءِ ڀارت سرڪار جي لپيءَ نسبت فيصلي جي اهميت ويتر وڌيِ ويئي. راجستان ۽ مڌيہ پرديش جهڙن هنديِ ڳالهائيندڙ پرڳڻن ۾ توڙي مهاراشٽر ۽ گجرات جهڙن ديوناگريِ لپيءَ ۾ مڪاني ڀاشائون لکڻ-پڙهڻ وارن پرڳڻن ۾ پڙهندڙ سنڌيِ ٻارن کي ديوناگري لپيءَ جي ڄاڻ اِسڪول سطح تي ملي وڃي ٿي. سنڌيِءَ ۾ خواه سنڌيِ ڀاشا جي شڪشا جي ڏينهون پوءِ ڪمزور ٿيندڙ سلسلي عربي لپيءَ کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. سنڌيِ ليکڪن ۽ ودوانن ۾ شروع کان عربي ۽ ديوناگريِ لپيءَ جو مدعو وواد جو سبب رهيو آهي. حالتن ديوناگريِ لپيءَ جي ڄاڻ رکڻ وارن جي تعداد تيزيءَ سان وڌائي ۽ عربي لپيءَ جي ڄاڻ رکڻ وارن جي ڳٽپ تيزيءَ سان گهٽائي آهي.

سال 1853 کان عربي لپي سرڪاريِ سطح تي سنڌيِءَ جي تسليم ٿيل لپي آهي. ورهاڱي کان اڳ گذريل اٽڪل سوَ سالن ۽ ورهاڱي کان پوءِ گذريل اٽڪل پنجاه سالن ۾ ڇپيل گهڻي ڀاڱي سنڌيِ ساهت عربي لپيءَ ۾ آهي. آءِ-اي-ايس- يا پرڳڻن جي ايڊمنسٽريٽو سروس ۾ وڃڻ جا خواهشمند توڙي سنڌيِ وشيہ کڻي لوڪ سيا سڇيواليہ، دوردرشن، آڪاشواڻي، يونيورسٽي وغيره ۾ نؤڪريِ ڪرڻ جي چاهہ رکڻ وارا نوجوان عربي لپيءَ جي ڄاڻ نہ هئڻ سبب اِمتحانن لاءِ مقرر ڪتاب نٿا پڙهي سگهن. ساهت جو وڏو ذخيرو مُيسر آهي. تنهن هوندي بہ عربي لپيءَ کان اڻواقف سنڌيِ، ساهتڪ اُفق تي سنڌيِ ڀاشا کي ڪنگال ٿا سمجهن. سنڌيِ سُڄاڻ، سنڌيِ اِدارا، سنڌيِ ٻڌيجيويِ محسوس ڪرڻ لڳا آهن تہ عربي لپيءَ ۾ ڇپيل سنڌيِ ساهت کي ديوناگريِ لپيءَ ۾ پڌرو ڪرڻ ضروريِ ٿيندو پيو وڃي. اِن ڏس ۾ ڪجهہ ڪم ٿيو بہ آهي پر اُهو بيحد گهٽ، بيحد ٿورو ۽ بيحد ناڪافي آهي. ايڪڙ ٻيڪڙ ليکڪ هڪ اڌ ڪتاب کي عربيءَ مان ديوناگري لپيءَ ۾ اُلٿو ڪن تہ اِنسان خاص ڪجهہ نہ ٿيندو. جنوني جذبو رکڻ وارن جو هڪ طبقو جيستائين اِن ڪم کي زندگيءَ جو مقصد بڻائي هٿ ۾ نہ کڻندو، تيستائين اثردار نتيجا سامهون نہ ايندا.

لئنگوئيج جو هندي ترجمو راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد ڪيل آهي. پريشد جي ٽماهي ’خبرنامو‘ جي رومال تي سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي - راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد. مزي جي ڳالهہ اِها تہ ’خبرنامو‘ جي مواد ۾ پريشد جي نالي ۾ ڪٿي ڀاشا تہ ڪٿي ٻولي ڪتب آندل آهي. لڇمڻ خوبچندائڻي پنهنجي ڪتاب ’سنڌي سماج ۽ ڀاشا وگيان‘ ۾ لئنگوئيج لاءِ ٻولي ۽ ڊائليڪٽ لاءِ اُپڀاشا لفظ اِستعمال ڪيو آهي. سوال ٿو اُٿي، اُپڀاشا ڪنهنجي؟ اُپڀاشا آهي تہ ڪا ڀاشا بہ هوندي. پر خوبچندائڻيءَ وٽ اُپڀاشا تہ آهي، ڀاشا ڪونهي. ڀاشا جي معنيٰ ۾ هن وٽ ٻولي آهي. ڀاشا وگيان تي سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتابن ۾ فقط ستيش روهڙا ’ڀاشا ۽ ڀاشا وگيان ۾‘ سنڌيءَ کي ٻولي نہ، ڀاشا ٿو لکي.

2003 ۾ احمدآباد ۾ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا جي سيمينار ۾ سنڌيءَ کي ٻوليءَ جي جڳهہ تي ڀاشا چوڻ جو مدعو اُٿيو هو. برک ڪوي ۽ ودوان ارجن حاسد اِن مدعي کي بي مطلب چئي خارج ڪري ڇڏيو. سندس چوڻ هو، سنڌي ٻولي آهي. ڀاشا-ڀاشا هنديءَ ۾ لکندڙ سنڌي ليکڪ ٿا چلائن. ارجن حاسد جهڙن ڪان پڇبو تہ ستيش روهڙا جي ’ڀاشا ۽ ڀاشا وگيان‘ ۾ اِستعمال ڪيل ’سنڌي ڀاشا‘ کي هنديءَ جي رچنا ڪيل پروفيسر جو فتور چوندا.

سنڌ ۾ رهندا هئاسين تہ سنڌيءَ کي ڀاشا چئون يا ٻولي، ڪو خاص فرق نہ پوندو هو. هينئر جڏهن ٽڙي پکڙي ويا آهيون، زمين جو ڪو ٽڪر سنڌي ڳالهائڻ وارن لاءِ طئہ ڪيل ڪونهي تہ جيڪا زبان ڳالهايون ٿا، اُن کي ڀاشا ٿا چئون يا ٻولي، اِن آڌار تي سنڌين جي حيثيت جو فيصلو ٿيندو. سال 1991 جي آدمشماريءَ موجب ڀارت ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ فقط 21 لک 23 هزار هئا. ملڪ جي آباديءَ جو 0.25سيڪڙو، بس. سال 2001 ۾ ٿيل ڳڻپ جا انگ اکر هيءَ ليک لکڻ تائين ظاهر نہ ڪيا ويا هئا. هڪ تہ ڳالهائيندڙ گهٽ تعداد ۾ هوندي بہ سنڌي اٺين سڊيول ۾ شامل آهي، مٿان وري اسان ٻولي چئي سنڌيءَ جو درجو گهٽائي رهيا آهيون. اِئين نہ ٿئي تہ ٻولين کي ڀاشائون ثابت ڪرڻ ۾ لڳل اناٿر سياڻي سوال اُٿارن تہ ڀاشا جي حيثيت رکڻ ڪانپوءِ بہ سندن ٻوليءَ کي اٺين سڊيول ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي، جڏهن ڪِ ٻولي هوندي بہ سنڌي اِن سوچيءَ ۾ شامل آهي.

بهتر ٿيندو اهڙي نوبت اچڻ کان اڳ ۾ اسان سڄاڳ ٿيون! ❑

سنڌي ٻاشا آهي يا ٻولي؟

ڀارت جي جوڙجڪ جي آئين سڊيول ۾ ارڙهان ڀاشائون تسليم شده آهن. ڪڇي، ڀوجپوري، مئٿلي، اوڏي، ڇتيسگڙهي، راجستاني وغيره ڪيترين ئي ٻولين ڳالهائيندڙ ثبوت ۽ دعوائ پيش ڪري پنهنجي زبان کي ڀاشا جي روپ ۾ آئين سڊيول ۾ شامل ڪرڻ جي گهر ڪندا رهيا آهن. عام توڙي خاص جي سطح تي اهڙيون ڪوششون پڻ ٿينديون آهن. ڀاشا ۽ ٻوليءَ جي ڏس ۾ بحث هلندا آهن.

گريئرسن، ٽرمپ، اِسٽيڪ جارج، غلام علي الانا، نبي بخش خان بلوچ، علي نواز جتوئي، منو تولارام گدواڻي، ليلارام رچنداڻي، مرليڌر جيٽلي، لڇمڻ خوبچنداڻي، ستيش روهڙا، راجمڻي شرما، مهاوير سرن جئن، ديويندرناٿ شرما، گوريچند هيرانند اوجها وغيره ڀاشا، اُپڀاشا، ٻولي، اُپٻوليءَ جي هيٺ لهندڙ ڏاڪن جا حوالا ڏنا آهن. گريئرسن، ’لنگوسٽڪ سروي آف اِنڊيا‘ ۾ سنڌي ڀاشا جون ڇهه ٻوليون ٻڌايون آهن. سرولي، وچولي، لاڙي، ٿري، ڪڇي ۽ لاسي. ساهت ۾ وچولي ٻوليءَ کي اِستعمال ڪري اُنکي سنڌي ڀاشا جو درجو ڏنو ويو آهي. ٻولي محدود علائقي جا رهواسي ڳالهيندا آهن، جڏهن ڪ ڀاشا ڪيترين ئي ٻولين کي اِستعمال ڪرڻ وارن، هڪ ٻي جي زبان سمجهي سگهندڙن جو تسليم ڪيل روپ آهي.

ڀاشا لاءِ انگريزيءَ ۾ لئنگوئيج ۽ ٻوليءَ لاءِ ڊائليڪٽ لفظ ڪتب آيا آهن، پر پرمانند ميوارام جي سنڌي-اِنگلش ڊڪشنري سميت هرڪنهن سنڌي لغت ۾ ڀاشا خواه ٻولي ٻنهي جي معنيٰ لئنگوئيج بہ ڏنل آهن ۽ ڊائليڪٽ بہ. جڻ تہ سنڌيءَ ۾ ڀاشا ۽ ٻوليءَ ۾ ڪو فرق ڪونهي. ٻاونجاهہ اکري لپي چئي اسان سنڌيءَ کي پڙائيندا آهيون. هام هڻندا آهيون تہ سنڌيءَ ۾ اهڙا اهڙا لفظ آهن، جيڪي ٻين ڀاشائن ۾ ڳولهيا نہ لڀندا. هونئن تہ هر ڀاشا وٽ ڪجهہ اهڙا لفظ ضرور هوندا آهن، جيڪي اُن خاص ڀاشا جا پنهنجا لفظ ليکبا آهن پر ڀاشا ۽ ٻوليءَ کي هڪ معنيٰ ۾ ڏسڻ سنڌيءَ جي لفظي ذخيري ۾ شڪ پئدا ڪندڙ آهي.

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا ۽ اُنمان نڪتل اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا، ٻئي سنڌي ليکڪن جي نمائندگي ڪرڻ وارا اِدارا آهن. ٻئي اِدارا سنڌيءَ کي ٻولي ٿا چون. نئشنل ڪائونسل فار پرموشن آف سنڌي

ڪاريڪرتائن جي رهائش، وغيره جو بندوبست آشرم ۾، آشرم طرفان ڪيل هو. بانيڪارن ڪوشش ڪئي هئي تہ سنڌي پستڪ ميلي ۾ وڌ ۾ وڌ ليکڪن جا نوان- پراڻا سڀ ڪتاب هجن. وڪرو ڇپيل قيمت جي پنجاه سيڪڙو لاٿ تي ڪيو ويو. تنهن ڪان پوءِ بہ ٽن ڏينهن ۾ شايد ئي ڪنهن هزار رپين ڪان وڌيڪ وڪرو ڪيو.

عام پستڪ ميلن جي ڪاميابيءَ جو هڪ وڏو سبب سرڪاري لئبريرين ۽ اِدارن پاران وڏي پئماني تي ڪيل ڪتابن جي خريداري هوندي آهي. سنڌي پستڪ ميلي ۾ ڪنهن سرڪاري اِداري جي طرفان همت افزائي تہ ممڪن ئي نہ هئي. اڪادميون پڻ ڪتاب خريد ڪرڻ جي ڏس ۾ هٿ نہ ڏگهيريو. شرڪت ڪري ۽ هزار بہ مدد ڏيئي هنن پنهنجو فرض پورو مڃي ورتو. محنت جي مقابلي پستڪ ميلي جا حاصلات ڏاڍا گهٽ ليکبا. بانيڪار خوش هئا جو سنڌي پستڪ ميلو اِسم جي روپ ۾ سٺي نموني پورو ٿيو. ڪاريڪرتا خوش هئا جو جئپور جا سنڌي ڪتاب ڏسڻ (۽ نہ خريد ڪرڻ) آيا. ظاهر آهي ميلي جو مقصد فقط ايترو نٿو ٿي سگهي. پستڪ ميلو سڦلو تڏهن چئبو، جڏهن پاڻڪن جو ڪتاب خريد ڪرڻ ۾ چاهہ وڌي. بس اِهوئي ڪونہ ٿيو، باقي سڀ ٿيو اُن سنڌي پستڪ ميلي ۾.

راجستان، دهلي، مڌيہ پرديش، گجرات، مهاراشٽر ۽ يو- پي- ۾ سنڌي اڪادميون سرگرم آهن. اين- سي- پي- ايس- ايل- وٽ بہ جهجهو سرڪاري بجيٽ آهي. ٿلهي نموني هزار کن ننڍيون- وڏيون سنڌي سنستائون ضرور هونديون ملڪ ۾. اِنهن مان ڪو اِدارو اڪيلي سِر يا ڪي اِدارا گڏجي ڪري مختلف پرانتن ۾ رهندڙ سنڌي آدمشماريءَ لاءِ سُهڻي نموني سنڌي پستڪ ميلا لڳائي سگهن ٿا. لڳيتا ميلا سنڌيءَ جي پاڻڪ کي سنسڪارت ڪندا. بانيڪارن کي مجبور ڪندا، نوان نوان طريقا اختيار ڪرڻ لاءِ جيئن پاڻڪ کي ڇڪي ميلي ۾ آڻي سگهجي. اڪادميون ڪتاب ڇپارائڻ لاءِ مالي مدد ڏين تہ پاڻڪ پئدا ڪرڻ بہ سندن فرض آهي. اين- سي- پي- ايس- ايل- ۽ ٻيا اِدارا سيمينار ٿا ڪرائن، سنڌي ميلا ٿا لڳارائن، ڪي ڪي گڏيل شاديون بہ ٿا ڪرائن. ڪتابن لاءِ چاهہ پئدا نہ ڪري ڀاشا ۽ سنسڪرتيءَ جي سامهون وڌندڙ خطرن کي اسان نظرانداز ٿا ڪيون. ٻيو ڪجهہ نہ تہ اِهي اِدارا ۽ سرڪاري سنستائون سنڌي پستڪ ميلن کي پنهنجن پروگرامن ۾ تہ جڳهہ ڏئي سگهن ٿا! □

سنڌي پستڪ ميلا

راجستان ۾ هر سال اين-بي-ٽي-، پرانتڪ پبلشر ائسوسئيشن، اکل ڀارت پبلشر ائسوسئيشن يا ٻي ڪنهن اِداري طرفان هنديءَ ۽ انگريزيءَ جا هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پستڪ ميلا لڳندا آهن. 30 نومبر کان 8 ڊسمبر 2002 تائين ساڳين تاريخن ۾ جئپور ۾ راجستان پترڪا (هنديءَ جي روزانا اخبار)، راجستان پبلشرس ائسوسئيشن ۽ روپا پبليڪيشن پاران ٽي الڳ-الڳ پستڪ ميلا/پردرشنيون لڳيون. ٽنهين جڳهين تي لڳل ڪتابن جا اِسٽال ڇٽو-ڇوڪو ڏنڌو ڪري سگهيا. پبلشر ۽ پاٺڪ ٻئي ميلن مان خوش هئا. هميشهہ پستڪ ميلن ۾ وڃڻ لاءِ ٽڪيٽ وٺڻي پوندي هئي. هن سال فري پرويش تہ هو ئي، خريد ڪيل ڪتابن تي لاٽريون ڪڍي اِنعام ڏيڻ جو بہ بندوبست هو. ڇٽي سگهجي ٿو تہ پاٺڪ کي پستڪ ميلي ۾ ڇڪڻ لاءِ اختيار ڪيل اِهو هڪ طريقو آهي. برابر طريقو ئي آهي پر ڇا ڪڏهن واپاري ڳنڍ مان رپيو ڪڍي گراهڪ کي ڏيندو آهي؟ پبلشر بہ واپاري آهن. چار پئسا ڪمائي، هڪ پئسو ڏيڻ ۾ ڪين ڇو اعتراض ٿيندو؟ اِئين ٿيو بہ. نہ تہ هرڪو پبلشر خوش ٿي ڇو موٽي ها پستڪ ميلي مان؟ سندس خوشي تہ فقط ڪمائيءَ مان پيدا ٿي هوندي!

پرانتڪ ٻولين ۽ ڀاشائن جي ڪتابن جا اهڙا پستڪ ميلا واسطيدار پرڳڻي ۾ پڻ لڳندا آهن. سنڌين وٽ هڪ تہ پنهنجو پرانت ڪونهي، ليڪڪ ئي پبلشر آهن ۽ وري سڄي ملڪ ۾ ٽڙيل-پکڙيل آهن. ننڍي ٿهي عربي لپي سمجهي/جاڻي ڪونہ. ديوناگريءَ لپيءَ ۾ ڇپجڻ وارن ڪتابن جو تعداد بيحد گهٽ. مٿان ٿهر اِهو تہ عام سنڌيءَ جو ڪتابن ۾ چاهہ گهٽ. جنجي ٿوري گهڻي رچي آهي، اُنهن وٽ فري ڪتاب بطور تحفي پيش ٿا ٿين. ڪتاب وڪامندو ڪونہ. پستڪ ميلي ۾ سنڌي ڪتابن جو فقط هڪ اِسٽال پل ۾ ڪا اڪادمي لڳائي تہ الڳ ڳالهہ آهي، نہ تہ سنڌي ڪتاب ڳولهيا بہ نہ ملندا.

اٽڪل پنج سال اڳ هڪ سرگرم اِداري سنڌو سنسڪرتي پرچار سنستا جئپور ۾ سنڌي پستڪ ميلو لڳايو هو. ٽيئونرام صاحب جي پريم پرڪاش/امراپرا آشرم ۾ ڪين فري هال مليو هو. ڪتاب رکڻ لاءِ فقط ٽيبلن جو بندوبست هو. دهلي سنڌي اڪادمي ۽ راجستان سنڌي اڪادميءَ سان گڏ اُديپور مان ڪشن ٻجاج جهڙا سنڌيت جا ديوانا ميلي ۾ ڪتاب کڻي آيا هئا. ليڪن پنهنجا ڪتاب ڪنهن نہ ڪنهن اِسٽال معرفت ميلي ۾ پيش ڪيا هئا.

ڀارت ۾ سنڌي ڇوڪريون، ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ٿيون پڙهن. ڇوڪرا جلدي يا اڌوري پڙهائي ڇڏي ڌنڌن ۾ لڳي ٿا وڃن. ڇوڪرين کي شادي ڪري ساهرن ۾ وڃڻو آهي، تيستائين هو پڙهن ٿيون، تنهن ڪري گريجوئيٽ تہ تقريبن هرڪا ڇوڪري ملندي. ڪيتريون ڇوڪريون پوسٽ گريجوئيٽ ۽ پي-ايڇ-ڊي- ڪيل ملنديون. سنڌين کي پنهنجين ڇوڪرين تي پٽن جيترو ئي ڀروسو هوندو آهي. ڪاڌي-پيتي، ڪپڙي- لٽي ۽ لاڏ-ڪوڏ جي معاملي ۾ بہ ڇوڪريون سنڌين لاءِ ڇوڪرن جيتري اهميت ٿيون رکن.

ڇوتہ ڀارت ۾ سنڌين لاءِ پنهنجي پرڳٽي جي ڀاشا، انگريزي ۽ هنديءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ سنڌيءَ ڀاشا جي ڄاڻ کان وڌيڪ ضروري ٿي پئي آهي، تنهنڪري گهرن ۾ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جو سلسلو موت جي ڪنڌيءَ تي اچي بيٺو آهي. جڏهن ڳالهائڻ جوئي اهڙو حال آهي تہ سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ جي ڳالهہ ڪرڻ تہ بيسود ٿي لڳي. ماءُ-پيءُ ٻار سان سنڌيءَ ۾ نٿا ڳالهائن، ڇوتہ ڪين ٻار جي هندي، انگريزي يا مڪاني ڀاشا ڪمزور ٿيڻ جو ڊپ ٿو ستائي. دوست دڙا، پاڙي وارا سنڌي نٿا ڳالهائن، ڇوتہ هو سنڌي آهن ئي ڪونہ. اِسڪول ۾ تہ خير سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي. ڇوتہ سنڌين لاءِ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ ۾ ڪو فرق ڪونهي تنهنڪري ٻارن لاءِ پنهنجي ٻولي پرائي ٿيندي ٿي وڃي. ورهاڱي کانپوءِ جيئن وقت گذرندو ويو آهي، اِها ويڇن وڌندي وئي آهي.

ٻار جو سڀ کان وڌيڪ سمرپڪ ماءُ سان ٿو ٿئي. اڄ ماءُ ڄاڻي ٻجهي ڪري، سنڌي ايندي بہ ٻار سان سنڌيءَ ۾ نٿي ڳالهائي. سنڌي گهرن ۾ ڇوڪرن سان گڏ ڇوڪرين کي بہ سنڌيءَ کان وانجهيو ٿو وڃي. سياڻي ماءُ کي پڻ سنڌي ايندي ئي نہ هوندي. ماءُ جي ڀاشا سنڌي نہ هوندي تہ ٻار جي ماتر ڀاشا ڪيئن سنڌي ٿيندي؟ ٻار جي مادري زبان ظاهر آهي سنڌي نہ پر هندي، انگريزي يا مڪاني ڀاشا ٿي ويندي. ڇئجي ڪٿي تہ اُهائي زال، اُهائي ماءُ جيڪا پنهنجي ڪٽنب کي ورهاڱي جي دهشتمند ماحول سان مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪري سگهي، سنڌيت کي اونداهين غفائن جو رستو ٿي ڏيکاري. هڪ سنڌي ڀاشا ئي بچي آهي، جيڪا سنڌين جي سڃاڻپ چئي سگهجي ٿي. ماتر اُها ڀاشا بہ سنڌين لاءِ پرائي بڻائي ڇڏن تہ باقي ڇا بچندو؟ سمجهڻ، مڃڻ ۽ هنڊائڻ ۾ ڪو اعتراض نہ هئڻ گهرجي تہ هن ڏکئي دور ۾ سنڌين کي ناري ئي زنده رکي سگهندي. □

ناري ئي زنده رکنديِ

ورهاڱي کان پوءِ گذريل سالن ۾ سنڌين مالي توڙي ٻين کيترن ۾ جيڪا اڳڀري جڳهه حاصل ڪئي آهي، تنهنجون سُرکيون سڀ پرينداآهن. شايد ئي ڪو غير سنڌي وڏو اڳوان يا عهديدار هوندو، جنهن ڪنهن نه ڪنهن موقعي تي سنڌين جي پرشارت جي ساراهه نه ڪئي هجي. آخر اُهي ڪهڙا گڻ آهن، جن سنڌين کي اڄوڪي اوچ تي پهچايو آهي؟ سنڌين جا سنسڪار ۽ خانداني ورثي ۾ مليل کيترائي گڻ-سُوتر اِن حيثيت تائين پهچڻ ۾ مددگار رهيا آهن. پر سوچي ڏاهجي ته سڀني کان پهرين لکبو- سنڌي ناريِ.

سنڌيِ زالون، مردن کي ٻاهرين ڪمن خواه ڏنڌي ڌاڙيءَ تي سمُورو ڌيان ڏيڻ جي ڏس ۾ جيتريون سهوليتون ڏينديون رهيون آهن، تنهنجو مٽ ملڻ مشڪل آهي. هت راجستان ۾ سمجهُو ٻار کان وٺي گهر جو هرڪو ڀاتي پنهنجا ڪپڙا پاڻ ڌوئندو. اُنهن تي اِستريِ پاڻ ڪندو. روزمره جي ڪمن ۾ ته مڙس زال جي مدد ڪندو ئي، مهني ۾ ٻه ڏينهن ڪيس رڌڻ پچائڻ جو ڪم به نه ڪرڻ ڏيندو. سڀ ڪم مڙس ڪندو. سنڌيِ زالون ٽيهئي ڏينهن اِهي سڀ ڪم اڪيلي سِر ڪنديون آهن. جتي مڙس جو وڃڻ ضروري نه هجي، ناتن-رشتن کي مُنهن ڏينديون آهن. هاري بيماريءَ ۾ به وس پڄندي مردن کي تڪليف نه ڏينديون آهن. سڀ کان وڏيِ ڳالهه اِها ته صلاح-مصلحت ۾ مردن جون ٻانهن ٻيلي ٿي بيهنديون آهن. اِنتظام ۽ بندوبست جي سگهڙتا سبب گهر ڏانهن مردن کي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي گهرج ئي نه پونديِ آهي. اڄ به کيترا سنڌيِ گهر اهڙا آهن، جن ۾ مردن کي پتو ڪونهي ته سندن ٻار ڪهڙن درجن ۾ ٿا پڙهن.

سنڌيِ ڪٽنبن ۾ زال يا ڌيءُ-ڀيڻ کي ڇوڪرن جي مقابلي گهٽ اهميت نه ڏني ويندي آهي. تنهن هوندي به سنڌيِ زالن جي پاڻ کي ماري پاڻ ٻٽائي گهر کي ۽ مڙس کي ترقيءَ جي رستي تي اڳيان وڌائڻ جي جذبي جو ئي نتيجو آهي جو سنڌيِ ورهاڱي جو مقابلو ڪري اڄوڪي مقام تي پهتا آهن. اِئين نه هجي ها ته ڪا مائي پاپڙ پچائي، ڇبي ٻڇيءَ ۾ وجهي، هوڪا ڏيئي وڪڻڻ لاءِ پنهنجن جيتامڙن کي رستن تي يا گاڏين ۾ ڌڪڻ جي همت نه ڪري ها! سنڌ ۾ زالون مُنهن ڍڪينديون هيون. اوطاق ۾ قدم نه رکنديون هيون. تڏهن به مرد اهم فيصلا زال جي صلاح بنا ڪونه وٺندا هئا، ڇوته زالون جيڪا ڳالهه چونديون هيون، اُها دانشمند هوندي هئي.

هجن پر ڪيس اخبار جي روپ ۾ اِسم ۽ آفيس جي روپ ۾ دڪان هلائڻ ون مجبوريون پوڻيون ٿيون پون. اخبار توڙي اخبار نويسي سنڌي سمپادڪ ي انڊو پئسو نٿي ڏي. جيڪڏهن اخبار جي پروسي ڪيس پريوار به پالٽو آهي ٽيليفون بيحد وڏي ٿيون وڃن. ٻار ننڍي ڪان وڏي ٿيڻ تائين پنهنجي سنڌي خبار جي سمپادڪ پيءُ ڪي پئسي لاءِ پاڻ پتوڙيندو ٿا ڏسن. اِسڪول، ڪاليج واه دوستن، يارن ۾ پئسي لاءِ اهڙي مارا-ماري ڪين نظر نٿي اچي. ظاهر ڇي پيءُ جي سمپادڪيءَ ۾ نڪرندڙ سنڌي اخبار ۾ ڪين پنهنجو آئيندو ظر نٿو اچي. هُو سنڌي اخبار جا سمپادڪ-مالڪ ٿي اُن سوني هرڻ پٺيان ڪندي-ڊڪندي زندگي نٿا گهارڻ چاهن، جيڪو ڪين ڪڏهن به هٿ نه ايندو.

اخبارن جا سمپادڪ پلي سماج ۾ خاص حيثيت ٿي حق سمجهندا ڇن پر سچ پڇ ڪجهه ڇاپڻ/نه ڇاپڻ/بدنام ڪرڻ جي ڊپ سبب ۽ ڪجهه ڊن بيڊپائيءَ توڙي دليريءَ ۽ نڪرائڻ جي همٿ سبب سماج جو وهنوار ڙو ٿو پاسي، جڻ ڪين خاص جڳهه عطا ڪئي وئي هجي. ننڍا سمجهن ٿا ته نڌي اخبار جو سمپادڪ-مالڪ 'ڏسڻ جو ڏيل- اندر مڙيوئي اڳڙيون' واري ٽيءَ جو ثبوت آهي. اِنڪري به هُو اخبار کي پنهنجو آئيندو نٿا ڻاهڻ هن. پر سترهين جنم ڏينهن جي جلسي ۾ جيڪي پاونائون، جيڪا سِڪ، ڪو سنمان ۽ آدر 'مهراڻ' لاءِ نظر آيو، تنهنکي ڏسي فقط هرِي تنواڻي 'نماڻو' ي جيوت 'مهراڻ' جي به جيوت بڻجي، اِها ڳالهه نه جائز آهي ۽ نه مناسب. راڻ' هرِي تنواڻي 'نماڻو' پنهنجي اهم کي هوا ڏيڻ، بغض ڪڍڻ، بلئڪ ڻ ڪرڻ لاءِ نٿو ڪڍي. عوام جي بهبودي سندس اخبار جو مقصد آهي ۽ نه فقط ناڻو ڪمائڻ. نه ته ڪيس رزرو بئنڪ جي نوڪري ڇڏي ڪنهن سنڌي تنيوار اخبار جو سمپادڪ-مالڪ ٿيڻ جي ضرورت محسوس نه ٿئي ها!

نئين پيڙهي سنڀالي، سني ڳالهه آهي. نٿو ٿي سگهي ته ڪا ٽرسٽ ڇي، ڪو اِدارو برپا ڪري، ڪا پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپني ٺاهي، 'مهراڻ' ن اِشاعت جو اِنتظام ڪري سگهجي ٿو. هرِي تنواڻي 'نماڻو' کي ياد رکڻ جي ته 'مهراڻ' جا پساه ۽ 'مهراڻ' جا مقصد سندس سڃاڻپ آهن. هُو نني اِرادي وارو شخص آهي. ڇا ڪيس وڻندو ته هن سان گڏ سندس سڃاڻپ سنا ٿي وڃي؟ ڇا هُو اِها ڳالهه پسند ڪندو ته بچيل-کُچيل با مقصد سنڌي سارون به وقت جي اوڙاهه ۾ دفن ٿي وڃن؟

❑

هريِ تنواڻيِ ’نماڻو‘ جي ’مهراڻ‘ جي بهاني

29 جولاءِ 2003 تي ’مهراڻ‘ سترهين ورهيہ ۾ پير رکيو. آرتوار 27 جولاءِ تي باقائدا ڪيڪ ڪٽي اِن خاص موقعي کي ملهايو ويو. سوامي شانتي پرڪاش يوگ آشرم، اُلهاس نگر-پنج جو هال حاضرينن جي وڏي تعداد توڙي اُتساهہ سان ڀريل هو، فضا خوشگوار. ’مهراڻ‘ جي سمپادڪ هريِ تنواڻي ’نماڻو‘ تي گلن ۽ گلدستن جي ڇڻ تہ ورکا ٿي رهي هئي. ماحول ۾ ’مهراڻ‘ لاءِ شڀ ڪامنائون ئـي شڀ ڪامنائون هيون.

جلسي ڪانپوءِ دماغ ۾ ور-ور ڪري سوال پيو اُٿي، ’ماڻهن جو اِهو پيار ۽ ساک ’مهراڻ‘ آخر ڪيئن حاصل ڪري سگهي؟‘ شخصي بغض، سڇين-ڪُوڙين طاريقن، چڙهت-موٽ جي جهولن ۽ هيڊ گُڙيءَ جي پروسي پاڻ کي پساريِ سمجهي کُڏ تي بيهي پاڻ کي پڏائڻ واري عام سنڌي پترڪارتا جو چهرو ايڏو داغدار ٿو نظر اچي جو اهڙي قسم جي دعائن پري واتاورڻ جي اُميد نٿي ڪري سگهجي. تہ پوءِ ’مهراڻ‘ اهڙيون سداِڇائون ڪيئن حاصل ڪري سگهي؟ دماغ ۾ اُٿندڙ اِهو سوال اڪيلو نہ هو. تنواڻيءَ اِن موقعي تي ويچار ظاهر ڪندي چيو تہ سندس سامهون قاتلاڻن حملن جي چنوتي نمودار ٿي آهي پر هو هار نہ مڃيندو ۽ جيستائين جيئرو آهي ’مهراڻ‘ ڪڍندو رهندو. سوال اُٿندو رهيو تہ ڇا ’مهراڻ‘ فقط هريِ تنواڻيءَ ’نماڻو‘ جي عمر سان وابسط آهي؟ ڪابہ اخبار يا مخزن ۽ رسالو ڪنهن شخص جي محنت جو نتيجو هوندو آهي، پر ڇا اُن شخص جي اِستيج تان هٽندي ئي اِشاعت جو بہ خاتمو ٿي وڃڻ گهرجي؟

اخبار، سمپادڪ جي اڳوانيءَ ۾ ڪيترن ئي هٿن ۽ دماغن سبب مڪمل ٿيندي آهي. رپورٽر خبرون هٿ ڪندو آهي. خاطوءَ ۽ ڪالمسٽ، ليک لاڳيتو لکندا آهن. سمپادڪ ترتيب ڏيئي، ڇنڊ-ڇاڻ ڪري، پنهنجي سمجهہ موجب مواد کي هڪ خاص مقصد سان جوڙيندو آهي. پريس ۾ ڇپجڻ کان اڳ ۾ ڪمپوزنگ/ڊي-ٽي-پي- پروف ريڊنگ سميت ٻيا ڪيترائي ڪم ٿيندا آهن. اخبار جا گراهڪ ۽ وگياپندا تا هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻيون پونديون آهن. اخبار کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ جو جوڳو بندوبست ڪرڻو پوندو آهي.

سچ آهي تہ سنڌيِ اخبار/مخزن/رسالي جي سمپادڪ کي پير-باورچي-پشتي بڻجي ڪم ڪرڻو ٿو پوي. مالڪ سميت پئڪر ۽ پٽيوالي جو ڪم بہ ڪيترا دفع ڪيس پاڻ ٿو ڪرڻو پوي. مقصد، نئٽ ۽ نتيجا ڪجهہ

مشغول آهن. سوال جو صحيح جواب ملڻ کان پوءِ نوان ليکڪ پنڌ ڇو ـا ڳيندا؟

سنڌيِ پڙهڻ-لکڻ-سِکڻ جو سرشتو ذري گهٽ ختم ٿي چڪو آهي. ـکن ۾ به ساهت پڙهڻ جو چاهه نظر نٿو اچي. نوان پاٺڪ ڪونهن. نوان ـک اڳ ۾ ته مکاني ڀاشائن يا هنديءَ ۽ انگريزيءَ ۾ لکڻ پسند ٿا ڪن، ـيڪڏهن مادريِ زبان هئڻ سبب سنڌيءَ ۾ لکن به ٿا ته ڪجهه ڪؤڙا سچ ـن پريشان ٿا ڪن. سنڌي اخبارن/مخزنن جي گهٽ معيار، سمپادڪ طرفان ـچنا جي پهچ، منظوريءَ/نامنظوريءَ جي ڄاڻ نه موڪلڻ، رچنا ڇپجڻ تي ـبسط ڪاپيءَ جي عدم موجودگي، محنتاڻي لاءِ ڪا اُميد نه رکڻ جي ـجبوري، هرهڪ اخبار/مخزن جو چندو موڪلڻ لاءِ تقاضا سنڌيءَ ۾ لکڻ ـن کين روڪڻ وارا جزا ثابت ٿا ٿين. مٿان وري سنڌي ليکڪ کي پڙهڻ ـڙن پاٺڪن ۽ سندس لکڻيءَ جي اثر جو سوال. آخر نئون ليکڪ سنڌيءَ ۾ لکي؟ سرڳواسي گوبند مالهي ور-ور شاهه جي هڪ سٽ چوندو ۽ لکندو هو، ـهنجي وس واڪا، باقي ڪم ٻروچ جو.' ڇا اِها سٽ مالهيءَ جي نظرئي ـ ظاهر نٿي ڪري؟ لکون ٿا، راتيون ڪاريون ڪري ڪيترا دفعا خون سان ـلکون، تڏهن به لکيل کي سچ بڻائڻ اسانجي وس ۾ ڪونهي. سنڌيءَ ۾ ـڪي تيزيءَ سان گهٽجندا ويا آهن، منهنجو لکيل اُنهن پاٺڪن جي ديا منحصر ٿو ڪري. ليکڪ مارئيءَ جيان فقط رڻ ۾ واڪا ڪري سگهي ٿو. ڪو رحم اچي عمر کي.

لکڻ بنا سرين نٿي، تنهنڪري سنڌي ليکڪ لکن ٿا. جيڪي پڙهن ـهلي اُهي ليکڪ ئي چون هجن، جيڪڏهن سندن لکڻيءَ تي راءِ زني نه ـدا ته ليکڪ آتم وشواس وڃائيندا. جنهن تي به اثر ٿئي ٿو، جيترن تي ـثر ٿئي ٿو، سچو نه ته اُنجو هڪ حصو ليکڪ جي سامهون اچڻ گهرجي. ـن ليکڪ ئي پاٺڪ جو ڪردار نڀائي ٿو ته پوءِ ڪيس عام پاٺڪ کان وڌيڪ ـڳ هئڻ گهرجي. نون ليکڪن ۽ پراڻن ليکڪن کي پڻ، اسان سڄاڳ ـڪ جيان پنهنجائپ جي ڏور ۾ ٻڌِي سگهون ته ٿي سگهي ٿو لکڻيءَ جي ـ نسبت وشواس جو هڪ ماحول پئدا ٿئي.

نديِ سُڪي نه وڃي، اِها چنتا آخر ڪير ڪندو؟ ▢

قلمڪار ۽ سماج

ليکڪ عام طور سان سمجهندا آهن ته سندن قلم سماج کي دشا تي
ڏي. پنهنجي جوڙيل دنيا ۾ رهندي ڌرتيءَ تي رهندڙ هر شخص پنهنجي پيد
۾ ڪين ڪمتر محسوس ٿيندو آهي. مون فلاڻي ڳالهه لکي فلاڻي ليک، فلاڻي
ڪهاڻيءَ، فلاڻي ناٽڪ، فلاڻي ڪويتا معرفت اڳ ۾ ئي آگاهه ڪري ڇڏيو
هو. توهانجي چيل ڳالهه منهنجي فلاڻي رچنا ۾ پهرين ئي واضح ٿي چڪي
آهي. سمجهه جي خوشفهم پڃري ۾ قيد ڪجهه ليکڪ ته موت کان پوءِ زنده
رهڻ جي ڳالهه پڻ چوندا نظر ايندا.

ڇا ساهت پنهنجي ٻل سان سماج ۾ تبديليون آڻي سگهي ٿو؟ ڇا هر
ڪان اڳ ۾ اهڙا ڪي مثال آهن، جن کي آڌار بڻائي چئي سگهجي ته فلاڻي
رچنا سماج ۾ گهربل تبديليون آنديون؟ گيتا، مهاڀارت، رامايڻ جهڙن ڌرم
گرنٿن ۽ ڪارل مارڪس جي داس ڪيپيٽا جهڙن ڪتابن جو نالو ڪٿي ڪي
شخص/ليکڪ دليل ڏيئي سگهن ٿا ته اِنهن رچنائن سماج تي ايترو اثر وڌو
جنهنکي تبديل ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. چڱائيءَ ۽ لڱائيءَ، سچ ۽ ڪوڙ
پاپ ۽ پڇ، نياءُ ۽ انياءُ، شوشڻ ۽ واجب حقن جي جنگ ۾ ڌرمي شڪشا ۽
فيلسوفي سطح تي اِنهن ڪتابن پلي سماج جي هڪ خاص طبقي کي همٿ
بخشي هجي، پر اِن کان وڌيڪ ڪو شرف پاسخاطري چوارائيندو. ٻئي ساهت
جو نه ايترو اثر ٻه سماج تي نظر نٿو اچي.

آگسٽ 2002 ۾ بنارس ۾ سنڌو سيوا سمتيءَ جي هڪ جلسي ۾ شرڪت
ڪرڻ کان پوءِ اُترپرديش سنڌي اڪادميءَ جي سڏ تي فيضاباد وڃڻ جو موقعو
مليو. اڪادميءَ طرفان رکيل ’ڀڳوان انلاڻيءَ سان گڏجاڻي‘ ۾ هڪ نوجوانڙيءَ
لکٽيءَ جي سماج تي اثر جو سوال اُٿاري هوند ثابت ڪري ڇڏيو ته اِن قسم
جا سوال هينئر نون ليکڪن ۽ ليکڪائن جي دماغن ۾ پڻ طوفان کڙا ڪرڻ
لڳا آهن. پراڻا ليکڪ ٽي-وي- آڪاشواڻي ۽ سيمنارن ۾ جنهن سوال سان
روبرو ٿيندا رهيا آهن، ساڳيو سوال سچ جي روشنيءَ ۾ نوجوان ليکڪن جي
همٿ نوڙڻ وارو ثابت ٿي سگهي ٿو. پراڻا ليکڪ جيڪڏهن پنهنجي قلم جو
اڄ نه سياڻي ٿيڻ وارو ڪرشمو ڏسڻ لاءِ اُميدن سان پريل آهن، تڏهن به ۽
جيڪڏهن ڪين لکٽيءَ جو سماج جي تبديليءَ ۾ ڪو هٿ نه هئڻ جو پروسو
آهي تڏهن به، گوورڌن پارتيءَ جهڙن ڳڻ ڳڻين قلمڪارن کي ڇڏي، سڀ لکڻ

پر پنچائتون اهڙا ڪم هٿ ۾ نٿيون کڻي سگهن ڇا جيڪي برائين کي ٻنجو ڏيڻ ۾ مددگار ٿين؟ ڏيتي-ليتي، گرڀ ۾ ڇوڪري-ڇوڪريءَ جي ڄاڻ، شادين ۾ داروئن جو اِستعمال، ٻارهي جي روٽي، وغيره لاءِ پنچائتن جي ڏنل فتون جو حشر ته اسان ڏسي رهيا آهيون پر گهرن ۾ سنڌي ڳالهائڻ جهڙو بيحد ضروري ڪم ڪرائڻ جي طاقت به اڄ پنچائتن ۾ ڪونهي. هر سنڌيءَ جو واهپو سنڌين کان وڌيڪ غير سنڌين سان آهي. ڪنهن قسم جي پابنديِ لڳائي ڪجهه بگاڙي سگهجي ٿو ڇا ڪنهنجو؟ ڄئپور ۾ غير سنڌين ۾ پڳڙيون عام طور سان هڪ ڪلاڪ لاءِ ٿينديون آهن. اُن وقفي ۾ گيتا وغيره جو پاٺ يا پروچن ٿيندو آهي. سنڌين ۾ پڳڙيون مقرر وقت تي ٿينديون آهن. هرڪو خاموش رهندو آهي ۽ رام-رام ڪري روانو ٿي ويندو آهي. مڪاني اثرن هيٺ سنڌين ۾ پڳڙين جو روپ بدلجڻ لڳو آهي. پر پنچائتون ڇاهن تڏهن به ڇا اِن لاڏ پڌاڻ کي روڪي سگهن ٿيون؟

جن سنڌ ۾ پنچائتن جو رتبو ڏٺو آهي ۽ جيڪي بدليل حالتن کي سمجهن ٿا، ٻئي پنهنجي پنهنجي نموني وياکيا ڪري رهيا آهن. ٿي سگهي ٿو، پنجن-ڏهن سالن کانپوءِ جڏهن پنچائتن جون واڳون پوريءَ طرح اُنهنجي هٿن ۾ اچي وڃن جيڪي ڀارت ۾ ڄاوا آهن ته اِها ڇڪ تاڻ ختم ٿي وڃي. پر اِهو احساس ٿيڻ ضروري آهي ته پنچائتن جو ڪِردار هاڻي اُهو نٿو ٿي سگهي، جيڪو سنڌ ۾ هوندو هو. فتون ۽ پابندين جي جڳهه تي پنچائتن کي ماحول پئدا ڪرڻ جا طريقا ڳولهڻا پوندا. ڪتنبن کي ويجهو آڻڻ لاءِ گڏجاڻيون، سنڌيِ ڀاشا کي وهنوار ۾ آڻڻ لاءِ گيت-سنگيت جا ننڍا-ننڍا پروگرام، چٽاڀيٽيون وغيره ڪرائڻيون پونديون. هر شهر ۾ مئرج بيوُرو برپا ڪري شاديءَ لائق ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا پريچيه سميلن ڪرائڻا پوندا. غريبن کي مالي مدد ڏيڻ جي جڳهه تي ڪين روزگار ڏيڻ لاءِ گهريلو ڪمن جا گڏيل آڌار تي ڪارخانا کولائي ٺهيل سامان کي وڪڻڻ لاءِ بندوبست ڪرڻا پوندا.

ٻن ڌرين جا وواد سلجهائڻ جو ڪم پنچائتون هميشهه ڪنديون رهيون آهن. ڪورٽن جا چڪر ڪاٽي وقت، ناڻو ۽ طاقت برباد ٿيڻ کان بچائڻ جو ڪم هاڻي به پنچائتون ڪري سگهن ٿيون. پنچائت کي وچ ۾ وجهي فيصلو ڪرائڻ جون خواهشمند ڌريون ڇوته عام طور سان به ئي هونديون آهن ۽ فيصلو مڃڻ لاءِ تيار هونديون آهن، تنهنڪري ڳاهه ڪرائڻ جو ڪم ڪري پنچائتون سماج کي پريشانين کان بچائينديون. ها، هڪ ڌر جي داٻن تي پنچائت ٻيءَ ڌر کي سمجهائڻ جو ڪم پلي ڪري پر اُن کي سزاياب نه ڪري.

وقت پنچائتن کي نئين ڍنگ سان ڪم ڪرڻ جي تقاضا ٿو ڪري. دور جي سڏن ۽ پڙاڏن کي ٻڌڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. □

سِرشتو سنڌي پنچائتن جو

راج سنڌين ۾ پنچائتن جو سِرشتو بيحد پراڻو آهي. ڀارت ۾ پنچائتي راج
مـ سرڪاري سطح تي قانون هيٺ چونڊون ٿينديون آهن. پنچائتن کي مالي مـ
وو ملنديِ آهي. تنهن هوندي بہ اوڻاين کي دور ڪرڻ، ميل-ميلاپ وڌائڻ ۽ وو
پنچائت حل ڪرڻ جي ڏس ۾ پنچائتي راڄ جي پنچائتن جي مقابلي سنڌيِ پنچائت
جو رڪارڊ گهٽو سٺو رهيو آهي.

ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌيِ سڄي ڀارت ۾ ٽڙيِ پکڙيِ ويا. جيوت گهارڻ
ساڳئي ماڪوُل وسيلا جنهن کي جتي مليا، اُتي ئي هن پنهنجو آکيرو اڏيو. سنڌ ۾ ساڳئي
اُ تڪ ۾ رهندڙ سنڌيِ جيڪڏهن ڪنهن شهر ۾ چڱي تعداد ۾ هئا تہ سنڌ جي اُ
سنڌيِ علائقي جي نالي تي پنچائتون برپا ڪري هڪ ٻئي سان گڏجڻ لڳا. بچيل سنڌيِ
پنچائت جهڙيِ ڪنهن اِداري سان جڙيِ نہ سگهيا.

جيئن جيئن ڻانئينڪا ٿيندا ويا، پنهنجن جي وچ ۾ اُٿڻ-ويهڻ جي ڀاو
پنک پساريندي ويئي. سو-پنجاهہ گهر بہ جونہ هجن، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ
ڪالونين ۾ رهندڙ سنڌين پنچائتيون ناهيون. گهٽ ۾ گهٽ چيٽي چنڊ تي گڏجڻ جو
سلسلو شروع ٿيو. آهستي-آهستي هڪ شهر ۾ پنچائتن جي تعداد وڌيِ تہ سئنٽرل پنچائت
ٺهي. شهر ۾ چيٽي چنڊ جي موقعي تي پنچائتون گڏجي جلوس ڪڍيِ، سيمينار رکي
چٽاڀيٽيون ڪرائي سنڌيت جو ماحول پئدا ڪرڻ لڳيون. پنهنجن وسيلن سان، حيثيت
موجب هر پنچائت سرگرم رهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. اڄ سڄي ملڪ ۾ هرهنڌ سنڌيِ
پنچائتن ۽ ڪجهہ شهرن ۾ سئنٽرل پنچائتن جو پختو ڍانچو وجود ۾ آهي.

ڀارت ۾ رهندي هر سنڌيِءَ تي مڪاني اثر پيا آهن. ڀاشا، رواج، ڏڻ
ڪپڙا، کاڌو، وهنوار ۽ سوچڻ جو طريقو مڪاني اثرن هيٺ متجي رهيو آهي
سنڌيت جا پاوا ڪمزور ٿيڻ لڳا آهن. راڄنيتڪ نظارو قدرن کي زميندوز ڪرڻ
۾ مشغول آهي. برداشت ڪرڻ جو جذبو گهٽيو آهي. مريادا جي معنيٰ متي آهي
انوشاسن ۾ رهڻ گهٽ ٿو وڻي. پنهنجي هلائڻ ۽ پاڻ کي خاص ثابت ڪرڻ جي
ڀاونا وڌيِ آهي. سماڄ جا ٻنڌڻ ڪمزور ٿيا آهن. زبردستي ٻار کي بہ سٺي نٽي
لڳي. وڏن ۽ معتبرن جو دٻ چڻ ختم ٿي ويو آهي. نتيجي طور پنچائتن ۾ مُکي
جي حيثيت ذري گهٽ ختم ٿي ويئي آهي. اڳواني صدر يا اڏيڪش کي حاصل
ٿي آهي. چونڊن ۾ اڏيڪش جي پد لاءِ ڇڪ تاڻ ۽ گٽبندي نظر ٿي اچي. هارائڻ
وارا دائمي مخالفت جو رستو اختيار ٿا ڪن. ڪڏهن جنهنکي پوڄ پنچائت چوند
هئاسين، هينئر فقط پنچائت رهجي ويئي آهي.

اهڙين حالتن ۾ ميل-ميلاپ، جلسا، چيٽي چنڊ تي ملاڪڙا، وغيره ڀلي ڪن

عهدو حاصل ڪرڻ يا عهدي کي قائم رکڻ لاءِ هر طرح جا ڏند-ڦند ڪندو. هر شهر ۾ هڪ مان ٻه، ٻن مان چار ٿيندڙ سنستائون، گهٽيءَ ۽ تڪ ۾ برپا ٿيندڙ پنچائتون ۽ اُنهن مٿان سئنٽرل پنچائت، هڪ ئي شهر ۾ چيٽي چنڊ جي موقعي تي ٿيندڙ ٻه-ٽي-چار ميلا پڻ ڏيکاري جي سنڌيِ منوورتيءَ جا ثبوت آهن.

پر ٻٽو ڪوئي به هجي، سنڌين ئي مڪاني دڪاندارن کي دڪانن جي ٺاهه ٺوهه جو ڏانو سيکاريو. ڦٽپاٿ تي نارنگيون وڪڻڻ واري سنڌيءَ کي پاڻيءَ جو ڇڙڪاءُ ڪري قطار ۾ هڪ ٻئي جي مٿان نارنگيون سينگاريندو ڏسي گراهڪن جو ڌيان ويو. سنڌين دڪان کي ’ڏيو‘ چئي دڪان کي بهترين نموني سجايو-سنواريو ته سندن ڌنڌي ۾ اِضافو ٿيو. مڪاني دڪاندارن ڌنڌي ۾ ڏيکاري جو سبق اِئين سنڌين کان پڙهيو.

ڪوبه ڏاهو سوال پڇي سگهي ٿو ته اِن قسم جي ڏيکاري ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟ برابر. خرابي تڏهن ٿي پئدا ٿئي، جڏهن حدون اورانگهجن ٿيون. صاف-سٿرو ۽ اڇو-اُجرو رهڻ خوبي آهي. پر جڏهن ڏيکاري لاءِ زالين-مردين قيمتي ۽ روايت کان الڳ ڪپڙا پائي، سون جي زيورن ۽ مٽين سان چمڪاٽ، عطر ۽ سينٽ سان مهڪ پئدا ڪري رستن تي نڪرندا ته ظاهر آهي فقط ماڻهن جو ڌيان نه ڇڪيندا. سندن دلين ۽ دماغن ۾ حسد به پئدا ڪندا. سندن منن ۾ اِهو وهم به پئدا ڪندا ته هنن وٽ اڪيچار ناڻو آهي.

گاڏا گهلڻ وارا، ڦل-سبزيون وڪڻڻ وارا، هوڪا ڏيئي ڦيريون لڳائڻ وارا سنڌيِ اڄ به هر شهر ۾ وڏي تعداد ۾ آهن. پوءِ ’اِنڊيا ٽڏي‘ جي ساهتيه وارشڪي ۾ شايع ڪهاڻي ’ڇل‘ ۾ ڀڳوانداس موروال ڇوٽو چوي ته سرڪاري اِسڪول ۾ هيڊماسٽر لعلواڻي صاحب چاهي ته اُن اَڪوُت ڌن جي طاقت سان به پنهنجو تبادلو ڪرائي سگهي ٿو، جيڪو هِن ڌرمنرپيڪش ملڪ ۾ ٽيوشن جي ناليِ تي غريب شاگردن ۽ سندن ماءُ پيءُ کان ڌمڪيون ڏيئي وصول ڪيو آهي. اسان وٽ جيترو آهي، اُن کان وڌيڪ ڏيکارڻ جي ڪوشش ٿا ڪيون. مڪاني ماڻهن جي نظرن ۾ اسان پاڻ کي اُهو ٿا ثابت ڪيون، جيڪي اسان سچ پچ آهيون ڪونه.

ڇا ڏيکاري جي فطرت مٿان قابض ٿي اسان سنڌيِ پاڻ کي جيترا آهيون، اُن کان گهٽ ڏيکاري پاڻ کي وڌيڪ منظور شدا، پاڻ کي وڌيڪ خوش ۽ سکي نه رکي سگهنداسين؟ □

سنڌيِ معنيٰ ڏيکاءُ

هنديءَ جو مشهور ليکڪ ماکنلال چترويديِ رکشا ۾ ويهي اِلاهاباد ۾ پنهنجي ڪنهن دوست جي طبيعت جو حال پڇڻ ويو. اُتي پهچي رڪشا ۾ ويٺي-ويٺي ئي دوست کي سڏ ڪيائين ته جواب مليس، گهر ۾ ڪونهي، ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويو آهي. چترويديءَ گهر وارن کي نه پنهنجو نالو ٻڌايو ۽ نه ڪو نياپو ڇڏيو. جيئن جو تيئن واپس موٽي آيو. ماکنلال چترويديءَ جي جڳهه تي ڪو سنڌيِ هجي ها ته ڇا ڪري ها؟ گهر اندر وڃي دوست جي صحت جي باري ۾ سوال پڇي ها ۽ موٽڻ کان اڳ ۾ نياپو ڏيڻ لاءِ ڇوڙ سان گڏ پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ به ڇڏي اچي ها. جيڪڏهن دوست ڪنهن عهدي تي هجي ها يا ڪنهن به روپ ۾ ڪارائتو هجي ها ته ٻڪي ۽ ڦل به ڪٽي وڃي ها. دوست جي نه گڏجڻ جي صورت ۾ اِهي تحفا گهر وارن کي ڏيئي، نياپو ۽ ڪارڊ ته رکي ئي اچي ها، فون ڪري دوست سان ڳالهائي به ها.

تيزيءَ سان بدلجندڙ فئشن کي ڏيان ڇڪائڻ لاءِ نين-نين تجويزن کان سواءِ ڪو لقب ڏيڻ ممڪن نه آهي. سڄي دنيا ۾ خاص طور سان نوجوانن ۽ عام طور سان زالن لاءِ ڏيان ڇڪائڻ جا نوان-نوان اوزار پيش ڪرڻ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ وڏو اُديوگ آهي. اهڙو ڪجهه ڏيکارڻ جيڪو ٻين کان الڳ محسوس ٿئي، اهڙو ڪجهه ڪرڻ جيڪو ٻيا نه ڪندا هجن، اهڙو ڪجهه پائڻ جيڪو ٻين جون نظرون ڇڪي سگهي، پاڻ کي اِئين سينگارڻ جيڪو ٻين لاءِ نئون هجي، آدم يڳ کان اِنساني فطرت جو حصو رهيو آهي. هڏين، ٻنن، گلن، ويسن ۽ زيورن سان سينگار شاستريه روپ حاصل ڪري پارت ۾ سورهن سينگارن ۾ شماريو ويو آهي. ٻين جو ڏيان ڇڪائڻ لاءِ ڪيل هي ڪوششون سيما ۽ مريادا ۾ ڪنهن کي به عجيب نٿيون لڳن. گهڻيون تڏهن وڌنديون محسوس ٿيون ٿين، جڏهن ڏيان ڇڪائڻ لاءِ ڪيل ڏيکاءُ پنهنجين حدن کان ٻاهر ٿو نڪري.

ڪپڙو-لٽو، شان-شوڪت، ناڻو، طاقت، گهر جو فرنيچر ۽ ٻيو سامان سنڌيِ جڏهن حاصل ڪندو ته اِنهنکي پوڳڻ ۽ سک ماڻڻ کان پهرين سندس من ۾ ڪامنا پئدا ٿيندي ته ٻين کي منهنجي حاصلات جي ڄاڻ ملڻ گهرجي. پد ملندس ته اُن سان واسطو رکندڙ رتبو ۽ ڏيکاءُ سندس ڏيان پهرين ڇڪيندو. اِداري جي مقصدن سان گهٽ، عهدي سان وڌيڪ لاڳاپو محسوس ڪرڻ سبب

۽ پڦاٽن، ٻاٽيجن جي ننڍڙي تڪليف جي خبر ڪنهن وقت ولوڙ پيدا ڪري ڇڏيندي هئي. هينئر گهر جي ڀاتين جون ڪيتريون ئي تڪليفون، روز-مره جون ڪيتريون ئي خوشيون ۽ غم ٻين ڀاتين کي پتو ئي نٿيون پون.

سهولتن جي اِفرات ۽ اُهي سهوليتون ميسر ڪرائڻ لاءِ ڪيل محنت جي چاڻ نہ هئڻ سبب ننڍي ۽ نوجوان ٿهيءَ جا ڇوڪرا-ڇوڪريون گهر جي مسئلن سان نہ پر گهر ۾ ملندڙ سکن سان وابسط محسوس ڪندي گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ جي تڪليف کي پنهنجن سکن جي سامهون بيسُود ٿا سمجهن. جيڪڏهن ڪين ڏکئي وقت ۾ مدد لاءِ چيو بہ ٿو وڃي تہ هوُ اَٽِڪِڏو ڪري ٿا ڇڏن. گهر ۾ سڀ ڪجهہ آهي، موبائيل فون ۽ ڪار جون چابيون هنن جي کيسن ۾ آهن. پرس نوٽن سان ڀريل آهن. جام ڇلڪائڻ لاءِ دوستن جي فوج آهي. پر اِهو احساس ڪونهي تہ جن جي ڪري کين هي دنيوي سک ڀوڳڻ جو موقعو ٿو ملي، اُنهن جي من جي ڪهڙي حالت آهي؟

گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ کي ڏيکارڻ لاءِ اِسپتال وڃڻ کان وڌيڪ ضروري کين پنهنجي ڪنهن دوست سان طئہ ڪيل جڳهہ تي ملاقات ٿي لڳي. گهر جي ڪنهن بزرگ جي کنگهہ ۽ سهڪو کين پنهنجي ڊانس جي مقابلي ڪمتر ٿو لڳي. ڦاٽندڙ متي طرفان ميوزڪ سِسٽم جو آواز گهٽ ڪرڻ جو عرض کين پنهنجي موج مستيءَ ۾ رخنو ٿو لڳي. رات جو دير سان گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ جو شهر کان ٻاهر اچڻ يا وڃڻ هنن کي اهم نٿو لڳي. گهر سان هنن جو رشتو کاڌي-پيتي، شان-شوڪت، عيش-عشرت سبب آهي، گهر ۾ رهندڙ ڀاتين سبب نہ.

جيئن آتما بنا شرير جي اهميت ڪونهي، تيئن پنهنجائپ بنا گهر جي اهميت ڪونهي. پنهنجائپ ڪونهي تہ گهر، بنا پئسو-ٽڪو خرچ ڪئي سڀ سهوليتون عطا ڪرڻ واريون هوٽلون يا ڌرمشالائون آهن. اِنهن ۾ رهڻ وارا ڪم نڪرندي ئي پرواز ڪري ويندا.

ڇا اسان سنڌي پنهنجائپ جي عدم موجودگيءَ سبب تيزيءَ سان فري ڌرمشالائن ۽ هوٽلن ۾ متجندڙ گهرن کي وري گهر بڻائڻ جي ڏس ۾ ڪجهہ سوچيندا سين؟ بيشڪ اِهو سوچ اسانکي سنڌي سيتا تي مڙي آيل ڪارن ڪڪرن کي منهن ڏيڻ ۾ بہ مدد ڪندو. ❑

ڌرمشالائن ۽ هوٽلن ۾ منتجندڙ گهر

ڪنهن زماني ۾ هر گهر ۾ هڪ اڱڻ هوندو هو. ڪٽنب جا ننڍا وڏا ڀاتي پنهنجو گهڻو وقت هڪ-ٻئي سان گڏ اڱڻ ۾ گذاريندا هئا. ٻار رانديون ڪندا هئا ته ڪراڙا-ڪراڙيون کٽن تي وينا آئي-وئي سان ڪيڪاري گڏجي سندن مرحبا ڪندا هئا. سنان جون ڪوٺيون ۽ ڪاڪوس ڪيترا به هجن، خالي هجڻ تي اِستعمال لاءِ گهر جو ڪوبه ڀاتي آزاد هوندو هو. برش ڀلي هرڪنهن جو الڳ هجي پر ٽُٿ-پيسٽ سڀ ساڳئي ڪتب آڻيندا هئا. سنان جي ڪوٺين ۾ رکيا هجن يا ٻاهر، سڀ ٽوال ۽ انگوڇا گهر جي هر ڀاتيءَ لاءِ هوندا هئا. روٽي رنڌڻي ۾ فرش تي ويهي کائن يا ڊائننگ ٽيبل تي، ويهندا سڀيئي گڏجي هئا. خاص طور سان ڪم-ڪرت مان واندا ٿي رات جي روٽي ته ضرور کائيندا هئا سڀيئي ڀاتي گڏجي. دنيا جهان جون اوڀاريون-لهواريون، ڪٿيون-منيون، وٽندڙ-اٽوٽندڙ ڪيتريون ئي ڳالهيون اُن وقت بنا ڪنهن رٿا جي نڪري نروار ٿينديون هيون. ضروري ڳالهيون رواجي نموني سڀني تائين پهچي وينديون هيون. ذهني سطح تي گهر جا سڀ ڀاتي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل محسوس ڪندا هئا.

ڪمائيءَ ۾ برڪت کان پوءِ سنڌين منپسند ۽ سهوليتن سان ڀريل جڳهيون جوڙائڻ تي جوڳو ڌيان ڏنو. اڱڻ جي گهرج اِنهن جڳهين ۾ محسوس نه ڪئي وئي. هر ڀاتيءَ لاءِ الڳ ڪمرا ٺهيا. هر ڪمري جي اندر ئي اِستعمال لاءِ سنان جون ڪوٺيون ۽ ڪاڪوس ٺهيا. ٻاهران اچڻ-وڃڻ وارن لاءِ ڊرائينگ روم جوڙايا ويا ۽ اُنهن تي گهر ۾ ٺهيل ٻئي ڪنهن به ڪمري کان وڌيڪ خرچ ڪري شاندار فرنيچر، صوفا، اي-سي- وغيره لڳارايا ويا، جيئن ايندڙ شخص تي رتبو ڄمائي سگهجي. هر ڪمري ۾ رهندڙ زال-مڙس ٽوڙي سندن ٻار جيڪي ٽوال، صابڻ، ٽُٿ-پيسٽ وغيره اِستعمال ڪندا، سي به جدا جدا هئا. هر ڪمري ۾ رهڻ وارن لاءِ الڳ ٽي-وي-، سي-ڊي-پليئر وغيره جو بندوبست ٿيو. دڪان، فئڪٽري يا آفيس مان موٽڻ کان پوءِ ڪو ڀاتي سامهون گڏيو ته ڳالهائڻ ۽ ڏسڻ، ملڻ تي ويو نه ته ڪمري ۾ پهچڻ کان پوءِ پنهنجي ٺاهيل دنيا ۾ کوئجي وڃڻ عام سلسلو ٿي ويو.

ڪُشادي گهر کي ڪمرن تائين محدود ڪرڻ جي هن ڪسرت ۾ گهر جي ڀاتين جو هڪ ٻئي سان اندروني ناتو ڪمزور ٿيندو ويو. سؤٽن، ماساتن

اڪيلو هئڻ سبب سندس سامهون پڻ پريشانين جا پهاڙ ڪڙا ٿي ويندا. اِن سڀ کي سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ کان پوءِ به سنڌي ٻن ٻارن کان اڳتي وڌڻ نٿا چاهن. بهتر پرورش، ٻارن کي بهتر سهوليتون ميسر ڪرائڻ جي خواهش آئينده پنهنجي يا سنتان جي سامهون ايندڙ تڪليف کي درگذر ڪرڻ جي ڪين همت ٿي بخشي.

سڀ اِهو به آهي ته گڏيل ڪٽنب ٽٽي رهيا آهن. نتيجي طور ڏنڊن کي گڏجي سنڀالڻ وارا ڪاڪا، چاچا، ڀائر يا سؤٽ ايڪڙ-ٻيڪڙ نظر ايندا. وس پڄندي پيءُ جي ڪوشش ٿي رهي ته پنهنجن ٻارن (ڀلي اُهي ٻه ئي ڇونه هجن) کي الڳ-الڳ ڏنڊا ڪولائي ڏي. ساڳي ڏنڌي ۾ لڳل گڏجي دڪان سنڀالڻ وارا ڀائر پڻ آهستي-آهستي پاڻ کي قاتل محسوس ڪندي مختلف ڪم شروع ڪرڻ جي ڳالهه ٿا سوچن. شخصي مهتاڪانڪائون، ماحول جو اثر، زال جا ويچار، گهر ۾ سهوليتن سان ڪيل سمجهوتا ۽ پنهنجي-پنهنجي سنتان جي آئيندي جو خيال سمجهدار ڀائرن کي به وڌيڪ وقت تائين گڏجي ڏنڌو ڪرڻ نٿا ڏين. جيڪڏهن سيني ٻارن کي پنهنجو جهوپڙو الڳ ناهٽو آهي، آڪيرو جدا ڪرڻو آهي ته پوءِ پٽ هڪ هجي يا ڏهه، فرق ڪهڙو ٿو پوي؟ پاڻ وڌيڪ پٽن کي پنهنجا-پنهنجا ڏنڌا ڪولائي، سيڙپ ڪري جمائڻ ۾ مٿي جو سُور ئي پلئه پوندو مائٽن کي. اهڙين حالتن ۾ جيڪڏهن ماءُ-پيءُ گهٽ ٻارن جا پڪشڌر آهن ته حال ۽ مستقبل ٻنهي نظرين سان هُو نيڪ ٿا سوچن.

وقت بادشاهه جيئن به جيئڻ جي اِجازت ڏي، سمجهه پريو ڪو شانائتو رستو ڪڍي منهن ڏيڻ جي ذات سنڌين کي مليل آهي. ڪٽنبن جي ٽٽڻ جو وڌندڙ سلسلو روڪي ته ڪونه سگهنداسين، پوءِ ملڪ جي گهرج ۽ شخصي ضرورت کي اهميت ڇونه ڏيون؟ ها، هن راهه تي هلندي به وساريون نه ته ڀلي موٽڻ ممڪن نه هجي، پر هو پراڻو سرشتو ئي بهتر! ❑

ننڍڙو ڪٽنب، فئملي پلاننگ ۽ سنڌي

ملڪ ۾ رهندڙ جن سماجن ۽ جاتين فئملي پلاننگ تي سڀ کان وڌيڪ ڌيان ڏنو آهي، سنڌين جو شمار اُنهن ۾ ڪري سگهجي ٿو. گهڻي ڀاڱي سنڌي جوڙا ٻن کان وڌيڪ ٻار ڪٽنب ۾ نٿا جوڙن. ڇوڪرن جي چاهه ڇوڪرين جي تعداد وڌائيندي وڃي، اِن قسم جا مثال هاڻي سنڌين ۾ گهٽ نظر ايندا. اِنجي اُبتڙ ٻن ڇوڪرين کان پوءِ به آپريشن ڪرائي وڌيڪ ٻارن کان (يا ڪٿي ڇئجي ڇوڪري جي موه کان) ڪنارو ڪرڻ وارا مرد ٿوڙي زالون جهجهي تعداد ۾ ملندا.

آباديءَ تي روڪ ملڪ جي اهم ضرورت آهي. تيزيءَ سان وڌندڙ آدمشماري ملڪ جي ترقيءَ ۾ وڏو رخنو آهي. تيز رفتار سان وڌندڙ اِنسان ملڪ جي اناج ۽ ٻين وسيلن سان گڏ في ڪيپيٽا اِنڪم کي پڻ پنيان ٿا ڌڪن. فقط هڪ ٻار واري چين جي ماڊل کي درگذر ڪري ملڪ جي سياست آبادي محدود رکڻ لاءِ پُر-زور اُپاءَ ڪرڻ کان ڪيٻائي ٿي. تنهن هوندي به سنڌي پنهنجو فرض سمجهي، ملڪ ۽ وقت جي ضرورت کي سمجهي، گهٽ سنتان وارا ڪٽنب جوڙي رهيا آهن.

گهڻي ڀاڱي سنڌي ڏنڌو ۽ واپار ٿا ڪن. ڀيو ڪو سمجهي يا نه سمجهي پر سنڌين کي ڄاڻ آهي ته ڪوبه ڏنڌو هڪ ماڻهوءَ سان نه ٿيندو آهي. نوڪرن تي ڀروسو ڪرڻ جنهن دور ۾ جڻ ته گناهه تي ويو آهي، گهر جا ڀاتي ٻانهنٻيلي نه هجن ته ڌنڌو ڪرڻ بيحد پيچيدو ڪم ٿي ويو آهي. آيو-ويو، هاري-بيماري، دک-سک، ضروري ڪم-ڪار، گهمڻ-ڦرڻ جي گهرج ڪنهن تي لاڳو ڪونهي؟ روزمره جي ڪرت ۾ دڪان سنڀالڻ ۽ خريداري ڪرڻ لاءِ ته پنهنجا ماڻهو هئڻ ضروري آهن ئي، روٽي-پاڻيءَ لاءِ، ضروري هاجت لاءِ جڏهن دڪان سنڀالڻ وارو شخص اُٿي ٿو ته ڪو پنهنجو ماڻهو اُنجي جاءِ پرڻ لاءِ کپندو. وڏا ڌنڌا يا فئڪٽريون مئنيجر ۽ ٻي عملي جي سهاري هلائجن ٿا، پر اُنهن ۾ به سنڀالڻ وارو فقط هڪ ماڻهو هجي ته گهوٻيءَ جي گنجائش وڌي تي وڃي. ننڍن ڌنڌن ۽ دڪانن جي ڪمائي وڏن ڌنڌن جي ڀيٽ ۾ گهٽ هئڻ سبب اِن طرح جي هيرا ڦيري نظرانداز نٿي ڪري سگهجي.

گهڻ ٻار، خاص طور سان فقط هڪ ڇوڪرو سندن ڌنڌي جي خيال کان تڪليفون وڌائڻ وارو ثابت ٿيندو. ڇوڪرو وڏو ٿي جڏهن ڌنڌو ڪندو ته

سنڌين ناٽو ڪمايو آهي. ناٽو آهي نه گهٽائي دوست، گهٽائي سڄاتل آسپاس رهن ٿا. اِنهن سيني کان وڌيڪ هوند جو آتم وشواس سنڌين ۾ آهي. پر جيڪي حالتن جا ماريل آهن، وقت جنکي عرش تان فرش تي ڌڪو ڏنو آهي، سي ڇا ڪن؟ پريشانين جو دٻاءُ برداشت نٿا ڪري سگهن نه کين آتم هتيا کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ئي نظر نٿو اچي.

اُس ۽ ڇانوَ وانگر ڏکيو ۽ سکيو وقت زندگيءَ ۾ اچڻو ئي آهي. عارضي طور پلي ناٽو سک خريد ڪري جو وهم پئدا ڪري پر دراصل خوشقسمت اُهي آهن، جن دک-درد ونڊڻ وارا ڪمايا آهن. پچ-پڇان جي هن دور ۾ دانشمند صلاحڪار دوست جي روپ ۾ مليل پونجي ٻي ڪنهن به سمپتيءَ کان وڌيڪ بيبها آهي. ذهني، جسماني يا دنيوي تڪليفون جڏهن دل ۽ دماغ ۾ ولوڙ پئدا ٿيون ڪن، اهڙو دوست مانجهيءَ وانگر طوفان مان ٻاهر نڪرڻ جو وسيلو ٿو ٿي بيهي. آتم هتيا جو رستو جتان شروع ٿو ٿئي، اُها جڳهه خاموشين، اندروني اڪيلائپ ۽ دل جي گهراين ۾ گهٽن محسوس ڪرائي ٿي.

سماجڪ سرشتي ڪي، ڪنهن نه ڪنهن سان تڪليفون بيان ڪري اُنهنجو ڏنگ ڪمزور بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. گڏياسين، گپا-شپا هنياسين، ڪل-مذاق هلي، ڪجهه رٿن تي ويچار ڪيوسين ۽ پنهنجي اڳواڻي مضبوط ڪرڻ لاءِ ضروري قدم ڪنيانيسن نه نالي ۾ سماج ڪي جوڙڻ جو ذڪر ڪرڻ لائق ٿي وياسين. ويجها نه وياسين ۽ نه اچڻ ڏنوسين نه پنچائتون، سنڌي منچ، سنڌي سوسائٽيون ناهڻ کان پوءِ به ڪنهن کي اندرين طاقت نه بخشيسين ۽ آتم هتيائن جي رستي کي وڌيڪ ويڪرو ۽ ڪشادو بڻايوسين.

ناٽي جي طاقت من جي مضبوطي وڌائي، دلين جا فاصلا گهٽائي سگهي نه گهٽ ۾ گهٽ سنڌي نه آتم هتيائين کان محفوظ سماج جوارائي سگهندا. خاص ڳالهه اِها آهي نه اهڙو سرشتو اسان سنڌي بيشڪ تيار ڪري سگهون ٿا. ❑

وڌندڙ آتم هتيائون ۽ سنڌ

آخر ڪو شخص آتم هتيا جو فيصلو ڇو ٿو ڪري؟ منووگيان اِن سوال جا جواب وستار سان ڏنا آهن. نچوڙ ڪڍون ته چئي سگهجي ٿو، جڏهن اِنسان کي پنهنجي مسئلي جو ڪو حل نظر نٿو اچي ته آتم هتيا ۾ ئي کيس آخري شرڻ ٿي محسوس ٿئي. موت کان پوءِ ڇا؟ ڇا زندگيءَ جو اڌورو سفر اِنسان کي ايندڙ جنمن ۾ حياتيءَ جا باقي ڏنڊ ڀوڳڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو؟ ڇا آتم هتيا سڀ پيڙ مشڪلاتن کان بچڻ نڪرڻ جو رستو آهي؟ اِنهن سوالن جا جواب شاسترارٿ کي نيئڊ ڏيندا. پر آتم هتيا کي زندگيءَ جي پسمنظر ۾ قبولڻ به گهٽ اهميت نٿو رکي.

ٽيليفون، هوائي جهاز، اِنٽرنيٽ وغيره پيلي دنيا کي گلوبل وليج ۾ بدلي ڇڏيو هجي پر شخصي سطح تي دلين جا فاصلا ڏينهون ڏينهن وڌندا ويا آهن. دل جو حال ونڊڻ ۽ اورڻ وارو ڪو هڪ شخص به اڪيچار چانل سڃاتلن ۾ ڳولهڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. پيڙ ۾ اڪيلي اِنسان کي رستا به پاڻ ڳولهڻا آهن، اُنهن تي هلڻو به پاڻيهي آهي ۽ مشڪلاتن سان مقابلو به پاڻيهي ڪرڻو آهي. صلاح ۽ ساٿ ڏي، اِها ته پري جي ڳالهه آهي، شانتيءَ سان ٻڌي سگهي يا وشواس رکي ٻڌائي سگهجي، اهڙو شخص به ورلو ٿيندو ويو آهي.

سماج جو ڊپ، پنچائتن جو اثر ۽ ملهن جو مان هوئڻ ته سڄي ملڪ ۾ گهٽيو آهي پر خاص طور سان سنڌي اِن ڏس ۾ اڳرا آهن. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جو ڳوٺ، خاندان ۽ نُک شادين جي خيال کان ڏيان ڏيڻ جوڳيون ضروري ڳالهيون هونديون هيون. هينئر فقط سنڌي هئڻ ڪافي آهي. ڳڏيل ڪٽنبن جو سلسلو لڳاتار ٽٽي رهيو آهي. نيوڪليئر ڪٽنب ۾ ٽي-وي- ۽ تيز رفتار زندگيءَ جي دٻاون سبب فاصلا وڌي رهيا آهن. بزرگن لاءِ عزت گهٽجي رهي آهي. چاچا، پاٿر، سؤٽ، ماسات، پاڻٽيا وغيره نالي ۾ آهن. يار-دوست همپيالا کان وڌيڪ ڪونهن. ته پوءِ مسئلن ۾ ٻڏل، مصيبتن ۽ پريشانين سان لڙندڙ شخص کي حالتن سان مقابلو ڪرڻ جي همٿ ڪٿان ملندي؟ چنتا به پاڻ ڪندو. سوچ-ويچار ڪري تجويزون به پاڻ ڪڍندو. اُنهن تي هلڻ لاءِ رستا به پاڻ ڳولهيندو. جنهن سان پنهنجو درد ونڊي سگهي، ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ به اهڙو ڪو پروسيمند شخص نظر نه ايندس. کِلڻ ۽ مذاق اُڏائڻ وارا ضرور هر طرف دهشتناڪ منظر جيان ڏنبي هٽندس.

دان اِنهن نشانن کي ڇنڊڻ لاءِ ٿا ڏين. سندن مقصد ڇو نه شبوا ڪونهي، دکيءَ جو دک دور ڪرڻ ڪونهي، تڪليفضده کي راحت پهچائڻ ڪونهي، تنهنڪري اهي ڪم چوکو رنگ نٿا ڪڍن.

ممبئيءَ جي جسلوڪ هجي، اِندور جي ٽي-چوئٿرام هجي يا جئپور جي مونيليڪ اِسپتال هجي، سنڌي توڙي غير-سنڌي ناٽي وارن لاءِ ڪڙا ڪيل اِدارا آهن. اِنهن اِسپتالن ۾ غريب سنڌي مريضن کي رِيايت جي جفاڪشيءَ کان پوءِ به جيترو خرچ ڪرڻو ٿو پوي، اُهو ڏاڍو وڏيڪ آهي. جيڪا ڇوٽ ڪيس ملي به ٿي، اُها بيحد ننڍو بٽائي ٿي ملي. خاص مدد لاءِ برپا ڪيل اِدارا، سوسائٽيون، سنگٺن ضرورتمندن سان جنهن ٻوليءَ ۾، ڇهري ٿي جيڪي ڀاو آٽي ٿا ڳالهائن، مجبوري نه هجي ته اُنهنکي هوند ڪوئي به برداشت نه ڪري. بيمار، دکي، ڏتڙيل، ضرورتمند جي سنمان کي برقرار رکي مدد ڏيڻ جي ڳالهه ڪنهنکي به نٿي آئڙي.

پرمارٿ جنهن ڀاونا سان ڪجي ٿو، اُها ڀاونا ئي پرمارٿ کي صحيح معنيٰ ۾ پرمارٿ ٿي بڻائي. دکي اڇن، ڪين ٻاڏائيندو ڏسي خوشي محسوس ڪندي سندن مدد ڪئيسين ته پرمارٿ نه ڪيوسين. دٻ-دڙڪو ڏئي، مجبور جي سواڀيمان کي ڇِنڊين ۾ بدلي سندس گهرجون اڌ-اڌوريون پوريون ڪيونسين ته پرمارٿ نه ڪيوسين. ٽُڪ-بجو هٽي، گار-گند ڏيندي غريب سان وڙ ڪيوسين ته پرمارٿ نه ڪيوسين. اهڙي نموني پرمارٿ ڪرڻ وارا دراصل سئڊست ئي آهن. رنجائي، پريشان ڪري، ڏکوئي، لوئي مدد جو ڏيکارو ڪري اندر وينل پرپيڙڪ کي ڪاڌ ڏيڻ وارن کي پرمارتي نه، سئڊست ئي چئبو.

ذري گهٽ چاليه سيڪڙو سنڌِي اڄ به آٽڻ ۽ ڪائڻ وارا آهن. نياٽين جي شادِي، نگري هاري-بيمارِي، ٻارن جي پروفيشنل ڪاليجن ۾ پڙهائي، اوچتو آيل آپدائون کين هٿ ڦهلائڻ ۽ مدد گهرڻ لاءِ مجبور ٿيون ڪن. ذري گهٽ ڏهه سيڪڙو سنڌِي اڄ به پيٽ ڀري به وقت روٽي ڪائڻ جي حالت ۾ نه آهن. مدد ڪرڻ وارن اِدارن وٽ وڃڻ سندن مجبوري آهيَ. سيني کي نه ته اُنهن مان ڪيترن کي مدد ملي به ٿي. پوءِ ڇو نه سئڊست ۽ پر-پيڙا ۾ مزو ماڻڻ جي ڀاونا تياڳي سندن مدد ڪجي؟ ناموس، اِها ڀاونا ڇڏبي تڏهن به وتري ئي ملندي جيتري هينئر ٿي ملي. سماج ۾ ملندڙ اهميت پڻ سئڊست نظريو ڇڏڻ کان پوءِ به گهٽجندِي ڪونه. اِنجي اُبتڙ، ضرورتمند جي سنمان کي برقرار رکي ڪيل مدد ڪيس ٻئي دفعي پنهنجي ٻُوتي مصيبت کي منهن ڏيڻ لاءِ پريرڻا ڏيندي.

☐

ڏکوئبندڙ پرمارٿ

ڪيترا دفعا محسوس ٿيندو آهي، اسين سنڌي سئڊسٽ ٿي ويا آهيون. ڀلي ڪنهن اِسم ۾ هزار گڻ، هزار خوبيون، هزار چڱايون هجن پر اسانجو ڌيان اُنهن ڳالهين ڏانهن ويندو، جيڪي اُن ۾ کونهن. اسان کي هوند ڪان وڏيڪ اٿهوند ٿي چڪي. فقط چڪي ئي نٿي غئبي خوشي بہ ٿي ڏي. جيئن پر- پيڙڪ کي ٻئي جي پيڙا، ٻئي جي تڪليف خوشي بخشيندي آهي، ساڳئي نموني اسين سنڌي بہ ٻين جي پريشانين جو مزو ٿا ماڻيون. ٻاهران ڏيکاري طور مکوتو ضرور ٿا اوڍيون، زباني ۽ مالي مدد ضرور ٿا ڪيون پر واسطيدار جو دک اسانکي نہ ڇهي ٿو ۽ نہ دکي ٿو ڪري. همدرديِ ڏيکاري، چندو ڏئي اسان خوشي ۽ سنتوش ٿا محسوس ڪيون. سمويدنا جي سطح تي، دک ڀوڳڻ واري جي تڪليف کي محسوس نٿا ڪيون.

غريبن کي اَن-ڌن-دوا-ڪپڙي جي روپ ۾ مدد ڏيڻ واري هڪ يا هڪ کان وڏيڪ سنستائون سيني وڏن شهرن ۾ سنڌين طرفان برپا ٿيل آهن. ضرورتمند سنڌيِ زالون، وغيره سندن نيم اَنسار مقرر ڏينهن ۽ وقت تي جڏهن مدد وٺڻ لاءِ پهچن ٿا تہ ساڻن ٿيندڙ وهنوار ڏسي مدد ڏيڻ واري سنستا جي ڪارپردازن جي سئڊسٽ هئڻ جو احساس پختو ٿو ٿئي. ڪنهن سماجي سنستا يا پنچائت جا گروپ يا عهديدار سهٽي نموني ڪم هلائن ٿا. مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ جوڳيون ڪوششون ڪن ٿا. سماج ۾ سندن اهميت وڌنديِ ڏسي نقص ڪڍڻ وارن جي فوج سرگرم ٿي ٿئي. عهديدار اجاين-سجاين اِلزامن سان پريشان آهن. ٻي ڌر خوش ٿي ٿئي. سندن پريشانيون جيتريون وڌن ٿيون، ٻي ڌر کي اوترو وڏيڪ آنند ٿو اچي. سندن پيڙا کي سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ وارا ڳڻ ڳڻيا، مزو ماڻڻ وارا بيشُمار.

چوڻ وارا چوندا، سنڌيِ پرمارٿ جا جيترا ڪم ٿا ڪن، ٻيون جاتيون گهٽ ٿيون ڪن. سنڌيِ جيترو دان ٿا ڏين، اوترو ڏاڍا گهٽ ماڻهو ٿا ڏين. اِسپتالون، ٻڍا آشرم، ڏتڙيل زالن جي مدد لاءِ اِدارا جيترا سنڌين برپا ڪيا آهن، گهٽ سماج ٿا ڪن. اِسڪول-ڪاليج، ضرورتمند شاگردن کي دريسون-ڪتاب-في-اِسڪالرشپ ميسر ڪرائڻ لاءِ ڌن جيترو سنڌيِ ٿا ڏين، ٻيا نٿا ڏين. ٺيڪ ٿا چون، پر اِهي سڀ ڪم هوند وارا سنڌيِ ڇو ٿا ڪن؟ ناموس لاءِ، پنهنجي ڌن جي ڏيکاري لاءِ، سماج ۾ پاڻ کي اڳرو ثابت ڪرڻ لاءِ، هوُ

سنسٿا ناهڻ جي ڳالهه سوچڻ وارا هوندا ئي ڪونه پر سنئي اِرادي سان جدا
ي، خاموش نه رهي نئين سنسٿا ناهي ڪم ڪرڻ وارن شخصن جي خردبين
به ساڳيا ئي جيوڙا نمودار ٿيڻ ٿا لڳن. ڪيترو به ڪامل هجي، جنهنڪي
نسان ٿو چئجي، اُهو جيو سمورو بي عيب ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ ڪنهن بئي
ي وري ڪميون، ڪموبيش ساڳيون ئي ڪميون ڳولهي، ڪنهن وقت سندس
ل دليلون دهرائي، الڳ ٿي نئين سنسٿا ناهڻ جو موقعو حاصل ٿي ٿو وڃي.
نهنڪري نيت صاف هجي، تڏهن به ۽ نه هجي تڏهن به، سنسٿا جي ٺٺڻ
ا سبب ڪجهه ٻيا ئي آهن. ڪا سنسٿا سٺو ڪم ڪندي ته اُنجي اڳوان
و، ٻين اڳرن ڪم ڪرڻ وارن جو ناموس ٿيندو. سماج ۾، راڄنيتيءَ ۽ پئسي
ي سطح تي حيثيت وارن ۾ سندن اهميت وڌندي. سندن هلندي-ڦلنديءَ
۾ اضافو ٿيندو. چئن ماڻهن ۾ سندن عزت وڌندي. ڪنهن سڀا ۾، ڪنهن جلسي
۾ ڪڏهن-ڪڏهن ڪين خاص نينڊ ڏيئي گهرايو ويندو. سنسٿا جي ڪنهن شخص
ا ڪجهه قابل شخصن جي من ۾ حسد جاڳندو. ڇونه اِها اهميت مونکي ملي؟
ڊگهي نظر رکندي سنسٿا جي بانيڪارن ڪو يون ٺهرائي، ڪجهه دڪان
جوڙائي مسواڙ تي ڏنا آهن، جيئن هر ننڍي-وڏي پروگرام لاءِ چندي جي
چڪر ۾ يا دانويرن جي ڳولها ۾ مبتلا نه ٿيڻو پوي. ڪجهه رقم بئنڪ ۾ سنسٿا
جي نالي ۾ فڪسڊ ڊپازٽ ڪرائي آهي، جيئن پير پختا رهن. پر اِها ڊگهي
نظر ڪنهن شخص يا ڪجهه شخصن کي منافي جي جنس وانگر سنسٿا تي
قبضو ڪرڻ لاءِ لالچ جو ڪم ٿي ڪري. نتيجي طور وسيلن جا ٽڪر ٿيندا ٿا
وڃن. ڌن جا وسيلا، طاقت جا وسيلا، سمجهه ۽ دماغ جا وسيلا ورهائجندا ٿا
وڃن. ڪوششون ۽ ڪوشش جو اثر به ڪمزور ٿو ٿيندو وڃي.

ڀلي ڊاڪٽر ستيش روهڙا جي دليل هجي ته سنڌين جو مزاج شينهن
جهڙو آهي ۽ شينهن ڪڏهن ڌڻ يا ولر ۾ نه گهمندا آهن. سنڌي جيڪڏهن
يڪمشت ڪونهن ته اِها به سنڌين جي خوبي آهي. پر وسارڻ نه گهرجي ته
سنڌين ۾ سوچڻ-سمجهڻ جي وهنوارڪ ٻڌي ٻين کان سوائي آهي ۽ جانورن
۾، ڀلي پوءِ اُهو جانور شينهن ئي ڇونه هجي، ٻڌي ٻل جي ڪمي هوندي
آهي. جيڪڏهن ٻڌي هوندي ته سنڌين جي سوائي ٻڌي سئوٽا نتيجا ڏيندي.
سنڌين جي حق ۾ ضروري آهي ته سنڌي يڪمشت رهن. جيڪي سنسٿائون،
جيتريون سنسٿائون برپا ٿيل آهن، اُنهنکي هڪ نه ڪيون يا ملايون نم ته
گهٽ ۾ گهٽ اُنهنجا ٽڪر به نه ڪيون.

❑ آهيون اسان سنڌيت جي اِن سڏ کي ٻڌڻ لاءِ تيار؟

ڇو ٿيون ٽٽن سنسٿائون؟

عيسيٰ کانپوءِ عيسائي ڌرم ڀڃرين ڪئٿولڪ - پروٽيسٽئنٽ ۽ ٻين کان پوءِ ڪيترن ئي مت متانترن ۾ ورهائجي ويو. محمد کانپوءِ اسلام ڌرم به اڳيئي شيا - سُني ۽ ٻين کان پوءِ ڪيترن ئي ننڍن وڏن ٽڪرن ۾ تقسيم ٿي ويو. پنهنجو پاڻ کي پوڄا جي ڪنهن خاص سرشتي سان نه ٻڌڻ تي فخر ڪندڙ هندو ڌرم پڻ ٻڌ، جئن، سِک ڌرمن ۽ آريه سماج، برهم سماج وغيره پنٿن جي روپ ۾ الڳ ٿيل حصن سبب يڪمشت نه رهي سگهيو. عقيدي جي مجسم تصوير جي خطاب تي غرور ڪندڙ ڌرم به آخر ڇو پاڻ کي ٽٽ - ڦٽ کان نه بچائي سگهيا؟

موجوده دور جي سماجڪ، سانسڪرتڪ، سياسڪ، ساهتيڪ سنسٿائن توڙي پنٿن، آشرمن تي نظر وجهبي ته اُتي به اهڙا ئي نظارا ڏسڻ ۾ ايندا. نالو ڪڍڻ جي دير آهي، زير ويچار سنسٿا جي ڌرتيءَ کان جدا ٿيل ڇنڊن جا چلڪا سامهون نچڻ لڳندا. هر ڪيتر ۾ اڪل ڀارت، اڪل پرديش خواه مڪاني سطح تي اِنجا مثال جڻ واڪا ڪري پنهنجي موجودگيءَ جي سڄ ڪي ظاهر ڪري رهيا آهن. ڪجهه سنسٿائون ساراه جوڳا ڪم ڪرڻ کان پوءِ به ٽٽنديون نظر ٿيون اچن. آخر ڇو؟ ڪهڙا سبب آهن اِنجا؟

ڌارمڪ، سياسي يا ٻي ڪابه سنسٿا جڏهن ٽٽندي آهي ته الڳ ٿيڻ وارا هميشه عملدارن تي عام طور سان ۽ اڳوان تي خاص طور سان اِلزام لڳائيندا آهن. پئسي جي هيرا ڦيرِي، ڪم ڪرڻ جو تاناشاهي طريقو، پنهنجن کي ورسائڻ ۽ فائدا پهچائڻ جهڙا ڪجهه اِلزام هر معاملي ۾ لڳائڻ جيئن نه روايت بڻجي ويئي آهي. ساهه مُنجهي رهيو آهي، ٻاهر نڪرڻ کان سواءِ ڪو رستو ڪونهي. تاناشاهي هاڻي ناقابلي برداشت ٿي ويئي آهي، اِنجو مقابلو ڪرڻو ئي پوندو. ملهن جي پيڪڙي گهٽي ئي تي چڪي، بغاوت ڪئي بنا عام جي سامهون نئتڪتا جو مثال قائم نه ڪري سگهبو. جدا ٿيڻ کان اڳ اهڙا فقرا پڻ بنا وڏيڪ ڦير - گهير جي جيئن جو تيئن ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. جڻ ڪو خاص سبق سنسٿا ٽوڙڻ واري هر شخص ضرور پڙهيو هجي ۽ پرايل سڪيا موجب اُن تي عمل ڪندو هجي. جيڪڏهن دليلون به ساڳيون آهن ۽ عمل ڪرڻ جا طريقا به ساڳيا آهن ته پوءِ ڪيئن مڃجي ته سنسٿا ۾ اوٽايون ڏسي اُن کان الڳ ٿيڻ جو فيصلو اڪيلو سبب هوندو، جنهنڪري سنسٿا ٽٽي؟

ڇوڻ مناسب نه مڃبو ته ڪنهن سنسٿا جي هلائڻ واري يا هلائڻ وارن جي طور - طريقن سان شاملراءِ محسوس نه ڪندي ايمانداريءَ سان نئين

كري سگهجي. روپ متي سگهون ٿا، نيستنابود نٿا ڪري سگهون. مثال ڏجي
، برف کي پاڻيءَ ۽ پاڻيءَ کي ٻاڦ ۾ مٽي سگهجي ٿو. اِن سلسلي کي اُبتو
، ڪري سگهجي ٿو، پر اِنهن مان ڪنهن هڪ کي نيساري نٿو سگهجي. تہ
ا اِنسان تي پڻ 'لا آف ڪنزرويشن آف اِنرجي' لاڳو ٿو ٿئي؟ ٿئي ٿو، ضرور
ئي ٿو. سنڌي ورهاڱي کان پوءِ مالي سطح تي ڏتڙجي پارت آيا. اجهي،
ٽي ۽ لٽي لاءِ پاڻ بہ بيحد ڏکيا ڏينهن ڏٺائون ۽ ٻارن کي بہ ڏکين ڪمن ۾
چلڻ لاءِ مجبور ٿيا. ڪئمپين ۾ رهيا، هوڪا ڏيئي چڀين ۽ گاڏن تي سامان
کيائون. سندن طاقت ڪاڏي-پيتي، کِلڻ-ڪڏڻ، ڳائڻ-وڄائڻ، شان-شوقت
ي وساري پئسا ڪمائڻ جي وسيلن ۾ لڳي ويئي. سنڌ ۾ جنهن مالي اوج
ي هئا، اُها حاصل ڪرڻ سندن مقصد هو. عام سنڌي اِن مقصد جي پنيان
رين وانگر لڳا ۽ ساهت، ڪلا، ٻولي، سڀيتا، سنسڪرتي، ناٽڪ وغيره لاءِ
لاقت جو جيڪو حصو ونڊيل هو، اُهو بہ پئسا ڪمائڻ ۾ لڳي ويو.

ٿائينڪا ٿيا، پئسو ڪمايائون، جايون-جڳهيون نهرايائون. دڪان،
نڪٽريون، شو روم، ايجينسيون ڪين پئسي جي ڏس ۾ اُتي وني ويا جتي
ام سنڌي شايد سنڌ ۾ بہ نہ پهتل هو. ناڻي سان خريد ڪيل رتبي ۽ سهوليتن
ين اِن وهم ۾ مبتلا ڪيو تہ سنڌي ڀاشا، سڀيتا، سنسڪرتي ۽ ساهت پئسي
ي مقابلي ڪمتر آهن. سندن وقت ذائقو مٽڻ لاءِ، ٿورو گهٽو ڀلي اِنهن
سرورتن ڏانهن مائل ٿيو هجي، نہ تہ سڄي قوت ۽ ڌيان پئسو ڪمائڻ ڏانهن
ڳل رهين.

نتيجو سامهون آهي. لکڻ ۽ پڙهڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، زباني ٻولي
، سنڌين جي هٿن مان واريءَ وانگر وهندي ٿي وڃي. ٻار (۽ اُنهن سان گڏ
ڏا) سنڌي ڳالهائڻ ۾ بي عزتي ٿا سمجهن. اهڙن ٻارن جي تعداد جهجهي
هي جنکي سنڌي سمجهہ ۾ بہ نٿي اچي. سنڌي پاڻ کي سنڌي چوارائڻ ۾
ڪيٻائن ٿا. پئسو ڪمائڻ کي ڏنل ترجيح قوم جي سڃاڻپ قائم رکڻ لاءِ
ضروري اِنهن اُهڃاڻن جي حصي جي طاقت ۽ شڪتيءَ کي راڪاس وانگر
ئي رهي آهي. اهڙو سون ئي گهوريو جيڪو ڪن ڇني.

نہ ڪپن موتکي پنج-ست لک رپيہ جيڪي زندگيءَ جي پوتاميل کي
سط ٻٽائي خوبصورتيءَ سان وڄندڙ ساز جي ڪنهن سُر کي تار، ڪنهن سُر
ب مندر ۽ ڪنهن سُر کي تيور سپتڪ ۾ وجهي بيسُرو ۽ اٽوٽندڙ بڻائن. ☐

غلط ورچ ۾ قاتل سنڌي

جيوتشيءَ سان دوستي آهي. چوڻ جيوتش تي خاص ڀروسو ڪونهي، تنهنڪري ڇهنڊڙيون پائيندو رهندو آهيانس. هُو به ڪِل-ڇرچي ۾ ڪجھ اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندو آهي، جنڪي سنڌس پيشيورانا راز چئي سگهجي ٿو. هڪ ڏينهن ڳالھ ٻولھ ۾ چيومانس، ”ڌيءَ وڏي ٿي ويئي آهي، سنڌس شادي ڪرڻي آهي. پٽ پڙهي پورو ڪيو آهي. نوڪريون آهن ڪونه. ڪو ڏنڌو ڪولرائي ڏيڻو پوندو. پنجن-ستن لکن جي گهرج آهي. اڇئي تو ڪو طريقو ڏيان ۾؟“

”ٻيو ڪو اِهو سوال پڇي ها ته ترت-ڦرت مان ٽوٽڪو ٻڌايانس ها، پر...“ هُو ڪليو.

”سمجھ ڪٽي، مان به ٽوٽڪو تو پڇانئن.“

”ته ڪنهن طرح جو ٽوٽڪو نه ٻڌائي، مان هڪ ڳجھ تنهنجي سامهون تو رکان. مان جنهنڪي گره يوگ تو چوان ۽ تون جنهنڪي قدرت تو چوين، اُنجي جهوليءَ ۾ هر جاتڪ لاءِ ڳاڻ-ڳڻيو هڪ رپيو هوندو آهي. ڪنهنڪي چار آنا ڌن-دولت، چار آنا سک-سنتوش، چار آنا مان-عزت ۽ چار آنا صحت ملندي آهي ته ڪنهنڪي گهٽ-وڌ. پر جوڙجي ته بيهندو رپيو ئي. فرض ڪر منهنجي ٽوٽڪي سبب توکي وڏي رقم هٿ لڳي ته تنهنجي رپئي ۾ شامل ٻيا اِسم گهٽجي ويندا.“

”منظور آهي، پلي اِئين ٿئي. هن وقت پئسن جي گهرج ٻئي ڪنهن به گهرج کان وڌيڪ آهي. تو وٽ جيڪڏهن ڪو ٽوٽڪو سچ پچ هجي ته ٻڌاءِ.“

”توکي ست لک ملي ويا ۽ گردا خراب ٿي ويئه، پوءِ؟“

”پلي ٿين خراب گردا! آهي ڪو ٽوٽڪو تو وٽ پئسا هٿ ڪرڻ جو؟“

”رقم هوندي به ڇا تنهنجي زال ۽ ٻار علاج تي پئسو خرچ نه ڪري ڏنڏن ۽ شادين جون ڳالهيون سوچيندا؟“

مان خاموش ٿي ويس. سنڌس ٽوٽڪي تي ڀروسو تو ڪيان نه رپئي واري سڌانت تي به وشواس ڪرڻو پوندو. آزمائش ۽ نه ڪِ عقيدي جي نگاھ سان ڏسان تڏهن به ٽوٽڪي سان جيڪي خطرا ڳنڍيل آهن، اُهي وسارڻ جهڙا ڪونهن.

سائنس جو شاگرد رهيو آهيان. اوچتو فزڪس ۾ پڙهيل هڪ قاعدو ياد اچي ويو، ’لا آف ڪنزرويشن آف اِنرجي.‘ اِنرجي يا ٻل ڪي ختم نٿو

ڪرڻ کان پوءِ رانيون جا ڳي، نؤر نچوئي لکندو ۽ ناٽي وارن جي پيٽ ۾ سماج کيس ڪمتر مڃيندو. زبان سان ڀلي چئجي ته ليک سماج کي رستو ڏيکاريندا آهن پر حقيقي زندگيءَ ۾ اهميت پئسي، پد ۽ ڪرسيءَ وارن کي ملندي.

سنڌيءَ ۾ ساهت جي معيار ڇو گهٽجندي ويئي آهي؟ پراڻا ۽ سنا ليک جڏهن جڳهه خالي ڪندا ته ساڳيءَ شدت سان ساهت جو سينگار بڻجڻ جي حيثيت رکڻ وارن ليکڪن جي ٻين يا ٽين قطار سنڌيءَ ۾ ڇو نٿي نظر اچي؟ خرچ ڪري سگهون ٿا ۽ مدد ڏيڻ وارن ادارن جي تعداد جهجهي آهي، تنهنڪري هر سال سنڌيءَ ۾ شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو شمار وڌندو ٿو وڃي پر اُنهن مان گهٽي ڀاڳي ڪتاب ٻين يا ٽين صف جا ڇوڻا ليکيا وڃن؟ ڇو ٻين ڀاشائن جي مقابلي گهٽ معيار واري سنڌي ڪتاب کي ساهت اڪادمي اِنعام عطا ٿيڻ جي ڳالهه عام طور سان چئي ٿي وڃي؟ گيانپيٺ اوارڊ ڇونه مليو آهي اڄ تائين ڪنهن سنڌيءَ جي ليک کي؟

برابر سنڌيءَ جا ليک پئسي لاءِ نٿا لکن. لکن به ڪيئن؟ ڪا مخزن اُجورو ڏيندي ڪونهي. ڪتاب ڇپڻ جي رقم ڇوڙي يا اِشتهار ۽ مدد وٺي ٿا ڇپارائجن. مخزنن جا خواهه ڪتابن جا خريد ڪري پڙهڻ وارا پاڻ بنهه ڪونهن. پر چوندڙ لاءِ چيو وڃي ته سنڌيءَ جو ليک لکشميءَ جي آراڌنا ڪرڻ چاهيندو يا سرسوتيءَ اڳيان نِوندو، اِن سوال جو جواب نراش ڪرڻ وارو آهي. سنڌيءَ جو ليک ڪنهن مقصد سان نٿو لکي، شوق پورو ڪرڻ لاءِ ٿو لکي. لکڻ سُٺو ٿو لڳي، تنهنڪري ٿو لکي. ڪنهن وحشت، ديوانگي يا جُنوُن هيٺ نٿو لکي. ڪو نقصان ڪونهي، تنهنڪري لکي ٿو. نقصان ٿيندو هجي يا مُنافي جو ٻيو ڪو ڪم هجي ته لکڻ ڇڏي ڏيندو شايد.

قد وَڌيس يا ڪنهن مُقام تي پهتو ته اي. سي. جا ڀاڙا ڏيڻ وارين، هوائي جهاز سان سفر ڪرڻ جي نيند ڏيڻ وارين سنستائن جي پروگرامن کي اهميت ڏيندو. اِهو نه ڏسندو ته سيمينار جي معيار ڪهڙي هوندي؟ ليک دوستن سان گڏجاڻيءَ کي اهميت ڏيندو. سهوليتن لاءِ ڇڪ-ڇڪان ڪندو. جڏهن لکڻ سنڌيءَ جي ليک جو ڀرپور شُغُلُ ٿيندو، جڏهن پئسو-پد-ناموُس رچنا کان وڏيڪ منا نه لڳندس، جڏهن سرسوتيءَ جي پوڄا سندس لکڻ جو آڌار بڻجندي، جڏهن لکڻ ۽ فقط لکڻ سندس ڌرم بڻجي ويندو، تڏهن سنڌيءَ جي ليک کي پنهنجي سماج ۾ توڙي ٻين ڀاشائن جي مقابلي اهميت ڀري جڳهه حاصل ٿيندي.

ڊاڪٽر شنڪر شيش چوندو هو، ”مڏيم مارگي ڪڏهن مهان نه ٿي سگهندو.“ ڀلي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هجن پر اهڙا ليک ئي سنڌي ساهت جي ٻڏندڙ مستقبل کي آڪاش جون اوچايون بخشي سگهندا. □

مذيم مارگ ۽ مهانتا

ڪنهن بہ ڀاشا ڳالهائڻ وارن خواه جاڻيءَ جو شان ناٽڪي وارن ۽ اميرن
جي تعداد سان ناپڻ عام روايت بڻجندي ٿي وڃي. دنيا جا سڀ کان وڏيڪ
ناٽڪي وارا ڏهہ شخص ۽ ايشيا جا سڀ کان وڏا ڏهہ ڪارخانيدار پڌرا ڪرڻ
ڪجهہ مخزنن جي سالاڻي سروي جو ضروري حصو ٿي ويو آهي. 'انڊيا ٽُڏي'
الڳ-الڳ اِسمن ۾ اڳرن ويهن پرڳڻن جي انگن اکرن سميت وچُور ڏيندو
آهي. چئجي ڪٽي، پاڻکن کي ٻڌائيندو آهي تہ مالي سطح تي ڪهڙو پرڳڻو
ڪٿي بيٺو آهي؟ ذهني طور ڀارت جو يا ايشيا جو يا دنيا جو ڪهڙو شخص
پاڻکن جي نظرن ۾ ڪهڙي حيثيت ٿو رکي، ڪهڙا ڏهہ ليکڪ ملڪ يا برٽين
يا اميرڪا ۾ سڀ کان وڏيڪ پسند ٿا ڪيا وڃن، اهڙو سروي بہ ڪڏهن ڪنهن
اِداري يا مخزن ڪرايو آهي ڇا؟ وڏ ۾ وڏ اميرڪا جي هڪ-ٻن سيني کان
وڏيڪ وڪامندڙ ڪتابن جي باري ۾ خبر پڙهڻ لاءِ ملندي آهي. پر اُن ڪتاب
جو ليکڪ ڪيترو اثردار آهي، سندس لکڻيءَ سبب سماج ۾ ڪهڙيون تبديليون
آيون ۽ ٻن، پنجن يا ڏهن سالن کان پوءِ ڪٽ ۾ اُن ليکڪ جو مقام ڪهڙو
آهي، اِن نسبت ڪڏهن ڪجهہ بہ پڙهڻ لاءِ نہ ملندو آهي.

راجستان جي ڇهني ڀاشا اڪادمين جي صدرن جي هڪ ميٽنگ ٿي.
هنديِ ساهت جي واڌاري لاءِ برپا راجستان ساهتيہ اڪادميءَ جي صدر اِها
ميٽنگ گهرائي هئي. ميٽنگ ۾ يڪراءِ ٺهراءُ پاس ڪري راجستان سرڪار
کان گهر ڪئي ويئي تہ اڪادمين جي صدرن کي راجيہ منتريءَ جو درجو
ڏنو وڃي. اخبارن ۾ بيان ڇپيو تہ واءِ ويلا مچي ويئي. دهليءَ مان هنديءَ
۾ شايع ٿيندڙ 'جنستا' سمپادڪيہ سان گڏ هنديءَ جي ناميارن ليکڪن جا
رايا پڻ وستار سان ڇاپيا. سندن چوڻ هو تہ سرسوتيءَ جي سنتان جيڪڏهن
لڪشميءَ جي مهر لاءِ ٻاڏائيندي تہ اڪادميون پنهنجا مقصد پورا ڪرڻ جي ڏس
۾ ناڪام ثابت ٿينديون. هونئن ئي راڄنيتڪ آڌار تي نامضدگين اڪادمين
کي درهم رسايو آهي. ويتر راجيہ منتريءَ وارين سهوليتن ۽ پروٽوڪول جي چوڏول
تي ويٺل صدر واسطيدار ڀاشا جي ليکڪن کان بلڪل ڪٽجي ويندا.

هنديءَ جي جن ليکڪن جي راءِ نہ ڇپي هئي، اُنهنجو ويچار پڻ
ساڳيو هو پر سنڌيءَ جي ڪجهہ ليکڪن شخصي ڳالهہ-ٻولهہ ۾ سوال اُٿاريو
تہ فقط ليکڪ کان ئي محرومين ۾ جيئڻ جي اُميد ڇو ٿي رکي وڃي؟ ليکڪ
پنهنجو ۽ ڪٽنب جو پيٽ پرڻ لاءِ، ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڌنڌو يا نوڪري

لاهي اڇڻ جي خيال کان اڳيرو ڇڏي اڇڻ جو جوڳو بندوبست دل کي ڇهندو هو. پرائي شهر ۾ ميسر اِها پنهنجائپ سان ڀريل چنتا پرائيپڻ جو احساس ختم ڪنديِ هئي. نتيجي طور اچڻ وارو هوٽل وغيره جي مقابلي پنهنجي پريتوان دوست يا ويجهي-ڏوراهين مائٽ وٽ لهڻ وڌيڪ پسند ڪندو هو. ڪيس محسوس ٿيندو هو تہ هوُ هڪ گهر مان نڪري ٻئي گهر ۾ تو وڃي، جتي سندس پنهنجي گهر جيترو ئي ڌيان رکڻ وارا وينا آهن.

هاڻي اهڙِي ڇِڪ عام طور سان ندارد آهي. زالون مهمان جي اچڻ سبب وڌيل ڪم کي ڪرڻ کان ڪيٻائن ٿيون. نوڪر يا مايون هوندي بہ روزمره جي ڪرت تي مهمان بدولت پوندڙ اثر، اڪيلائپ ۾ پوندڙ رخنو، مرضيءَ جي هلت چلت ۾ ڦير-گهير سبب ڪين مهمان جي گهر اچڻ پسند نٿو پوي. ناپسندگي ڪيترا دفعا ناراضپي ۾ مٽجي مردن جي سامهون ٿي اچي. مرد ڀلي دل سان چاهيندا هجن مهمان جي آجيان ڪرڻ، پر گهر جي شانتي ڪين اُگري نموني پنهنجي چاهت تي عمل ڪرڻ کان روڪي ٿي. سس يا بزرگ زائفان ۾ڻ مهماننوازيءَ جا پراڻا سنسڪار دفن ڪرڻ تي مجبور ٿي ٿيئي.

هينئر تہ شادين جهڙن موقعن تي مهمان تہ مهمان، ڌيءَ-ڀيڻ ۽ نياڻي-ڀيٽيوئي جي لاءِ بہ هوٽلن ۾ بندوبست تو ٿئي. خرچ ڪرڻ ۾ تڪليف ڪونهي، تنهنڪري مهمان، ڌيءَ-ڀيڻ ۽ نياڻي-ڀيٽيوئي کي وڌيڪ سهوليت ڏيڻ جي ڊونگ کي بهانو تو بڻائجي. ضروري سوڻ، وغيره پئسو ڦٽو ڪرڻ سان اچي پيشيور ٽوليون چمڪ-دمڪ سان ڪري ٿيون وڃن. لاڏن لاءِ سنگيت ۽ ناچ گانا ڀاڻ يا گهر جي ڀاتين کي تيار ڪري پيش ڪرڻ واريون پارٽيون بہ سولائيءَ سان ملي ٿيون وڃن. پر نقلي ۽ هٽرادو خوشيءَ جي گوڙ ۾ پنهنجائپ، سڪ، حب، محبت، ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي ڳوڙها ڳاڙيندڙيون ٿيون رهن.

سنڌِي ڀاشا، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي غير ضروري سمجهڻ جي دور ۾ پنهنجي سڃاڻپ جي نقطن کي سهوليتن جي نقاب ۾ لڪائي اسان ڇا دل جي سُسڻ جو ثبوت نٿا ڏيون؟ □

وڌندڙ سهوليتون، سُسندڙ دل

گهر ۾ ڪو شخص اچي ۽ سنڌيِ ڪيس پاپڙ-پاڻيءَ بنا واپس وڃڻ ڏين، اِها ڳالهه اَڻٽيٽي هونديِ هئي. ورهاڱي کان پوءِ ڏتڙجي آيل سنڌين پلي ڪيترا به ڏکيا ڏينهن ڇونه ڏنا هجن، پر مهمان نوازيءَ جي خصوصيت کي هنن پاڻ کان جدا ٿيڻ نه ڏنو. مڪاني ماڻهن کي سنڌين مان ئي پتو پيو ته گهر ۾ اچڻ واري کي عزت ڪيئن ڏبي آهي؟ سوال پاپڙ، پاڻي، بسڪيٽ يا شربت سامهون رکي مهمان جي آجيان ڪرڻ کان به وڌو آهي. آندل اِسمن کان وڌيڪ اهم آهي اُها ڀاونا، جيڪا اچڻ واري تي اثر ٿي وجهي. سو طعام سامهون آهن، پر جيڪڏهن سِڪ ڪونهي، پنهنجائپ ڪونهي ته اُنهن جو شمار ڏيکاري ۾ ٿيندو. فاصلا قائم رهندا. دليون ڳنڍجنديون ڪونه.

گهٽي ڀاڱي اچڻ واري جي اڳيان سنڌيِ گهرن ۾ اڄ به ڇهر، مٺائي، بيڪريِءَ جي سامان ۽ سُڪي ميوي جون ڀريون کان نهيل پليٽون پيش ٿين ٿيون. فرج مان ڪڍيِ پيپسي يا ڪولا جي ٿڌيِ بوتل يا چانهن، ڪافي پڻ پيش ٿئي ٿي. پر هڪ-اڌ دفعو آڇ ڪرڻ کان وڌيڪ زور ڏيئي سامهون رکيل شيون ورتائڻ لاءِ ڀاڀوهه ڪونهي. اِستوءَ تي پاپڙ پچائي يا ڊبل-پڪوڙا بزار مان گهرائي مهمان جي سامهون رکڻ وقت جيڪا سِڪ ميزبان جي لحظي ۾ هونديِ هئي، جيڪو پيار ۽ عزت جو جذبو سندس اکين توڙي انگ-انگ مان عيان ٿيندو هو، خاصيت اُن ۾ هئي. تڏهن يا اڄ پيش ڪيل ڪاڌي پيتي جي سامان جو بکيو ڪوئي ڪونهي. اچڻ وارو پنهنجي گهر ۾ به اُهو سڀ ڪائي-پي سگهندو آهي. پر وهنوار ۾ پويل پنهنجائپ ۽ آدر پيش ڪيل هر شئه کي خاص ٿو بڻائي ڇڏي.

جيئن-جيئن سنڌين وٽ پئسو ۽ ساڌن-سهوليتون وڌندا ويا آهن، مهماننوازيءَ جي اِها ڀاونا گهٽجنديِ وئي آهي. جڳهيون پلي ننڍيون هجن، پلي مسواڙ تي هجن، پلي سنان-ڪاڪوس جون ڪوئيون شامل اِستعمال ۾ ايندڙيون هجن، پلي گيزر-شاور-ٽب نه هجن پر مهمان جي جيڪا پرگهور ميزبان لهندو هو، سندس ننڍي-وڏي سهوليت جي جيڪا چنتا ڪندو هو، اُنکي وسارڻ ۽ درگذر ڪرڻ ممڪن نه هوندو هو. ڪچهرين ۾ اوتيل جام، گهر-پريوار جون ڳالهيون، حال-چال مهمان کي پنهنجائپ جي احساس سان ڀري ڇڏيندا هئا. اِسڪوٽر-ڪار ڪونهي ته مهمان کي پوريِ ڇاڻ ڏيئي ڪم

ٿين ٿا، اُنهن تي وڏيڪ وقت ڏيڻ لاءِ زور بار آڻڻ جي ڪوشش هلندي آهي. سنڌي پروگرامن لاءِ ڪي-ٽي-سي- جي طرز تي ملڪ ۾ ٻئي ڪو چئنل شروع ڪرڻ جون ڳالهيون ٿينديون آهن. آڪاشوائي، دوردرشن ۽ خانگي پرڊيوسرس کان پڇنداسين تہ ڄاڻ ملندي، معياري پروگرام ڪرڻ/ڏيڻ وارن ڪلاڪارن جي سنڌيءَ ۾ بيحد اڻاٺ آهي. لاڳيتا سٺا پروگرام ڏيڻ لاءِ ڪلاڪارن جي گهربل تعداد سنڌيءَ ۾ ڪونهي. هنديءَ پروگرامن ۾ چئنل جن سنڌي ڪلاڪارن کي کڻن ٿا، اُهي ڳڻپ ۾ تہ گهٽ آهن ئي، سنڌي ڳالهائڻ جي ڏس ۾ بہ قريب-قريب غير-سنڌي آهن. ڏٻاءُ وجهي جوڙجڪ جي انهن سڊيول ۾ سنڌي شامل ڪرائيسين. سرڪاري سطح تي اِن سبب سنڌيءَ کي تسليم ڪيو ويو هو. پر ٻين پارتيہ ڀاشائن جي مقابلي اسانجي حالت قياس جوڳي آهي.

واپار ۽ ناڻو ڪمائڻ جي ڏس ۾ ضرور سنڌين ڀارت ۾ نالو ڪڍيو آهي. جلسا ٿين ٿا تہ مڪاني نيتا سنڌين جي ساراهہ ڪري سنڌين کان ٽي تاڙيون وڄرائي ٿا وڃن. رويندرناٿ ٽئگور طرفان 'مهاتما' جو گانڌيءَ کي ڏنل لقب ڳڻائي سنڌي اِدارا 'باباءِ سنڌي تحريڪ' جا خطاب عطا ڪري پنهنجون پٺيون پاڻ ٺپڻ ۾ بہ پٺيان نٿا رهن. پرپٺ غير-سنڌي هڪئي ڦقري ۾ سنڌين لاءِ راءِ زني ڪندا نظر ٿا اچن، 'نانگ ۽ سنڌي ٻئي سامهون هجن تہ پهرين سنڌيءَ کي مارڻ گهرجي.' اسين مُش ۾ خوش آهيون. پاڻ کي افلاطون ٿا سمجهون. غير-سنڌين جي نظرن ۾ اسانجي عزت ڪمتر آهي ۽ اسان ۾ اُنهن نظرن کي پڙهڻ جي شايد سمجهہ بہ ڪونهي.

ناڻي جي اهميت کان اِنڪار نٿو ڪري سگهجي پر ناڻي کي اسان خدا سمجهڻ لڳا آهيون. ڪلائون، ڀاشا، ساهت، سڀيتا، سنسڪرتي تيزيءَ سان اسانجي هٿن مان ڇڏائجندا ٿا وڃن. ناڻو تيزيءَ سان وڌندو ٿو وڃي. حقيقت شناس ٿي جيڪڏهن پنهنجي 'هئڻ' کي بچائڻ جي چنتا نہ ڪنداسين تہ فنا ٿي وينداسين. پاڻ کي بچائڻ جي جنگ ۾ ناڻو نہ، سنڌيت، سنسڪار، ملهہ ۽ مريادا اسانجا هٿيار ثابت ٿيندا. ازرائل ۽ يهودين سان پيٽ ڪندي 'نجتا' بچائڻ لاءِ سٺل سنڌن سختيون وساري 'سنڌي' نہ رهي سگهنداسين اسان. جيستائين هر ڏس ۾ وڪاس ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪنداسين، غير-سنڌين جي نظرن ۾ ڪمتر ٿي رهنداسين. اِئين ڪرڻ وڏيڪ ڏکي ڳالهہ بہ ڪونهي. فقط ايترو ڪرڻو آهي اسانکي تہ پنهنجن ٻارن جي مُول پرورتي سڃاڻي کين اُن ڏس ۾ اڳيان وڌڻ جو موقعو ڏيون. ذهين آهيون پر ذهنيت جو اِستعمال فقط پئسو ڪمائڻ لاءِ نہ ڪيون. اڄ پيو تو غم هئن زماني ۾ محبت کي سوا. □

غير سنڌين جي نظرن ۾ سنڌي

هڪ دفعي شخصي ڳالهه ٻولهه ۾ مشهور نرتيانگنا انيلا سندر چيو هو، ’ماڻهن جي راءِ ۾ منهنجو وڪاس اُيو نه، سڌو ٿيو آهي.‘ اُن وقت سندس ڳالهه ٺيڪ نه لڳي هئي. راڻي ڪرڻا هجي چاهي سنڌو ڀاڳيا مشرا، سنڌي پروگرامن ۾ سندن شرڪت بيحد گهٽ آهي. انيلا ڪي ڪلا سان وابسط شايد ئي ڪو سنڌي هجي، جيڪو نه سڃاڻي. هرڪا نامياري سنڌي سنستا انيلا جي نرتيه جو پروگرام ڪرائي فخر محسوس ڪندي آهي. سنڌو درشن اُتسو ۾ لداخ ۾ هوءَ پنهنجو اِسم پيش ڪري چڪي آهي. پوءِ ڪيئن مڃجي ته سندس وڪاس فقط سڌو ٿيو آهي؟

نومبر 2003 جا شروعاتي نو ڏينهن انيلا سندر نرتيه ورڪشاپ ۽ پيشڪش لاءِ جئپور ۾ هئي. سندس رهائش، ورڪشاپ توڙي پيشڪش سڀ ڪجهه جواهر ڪلا ڪيندر ۾ رکيل هو. اِنهن نون ڏينهن ۾ انيلا ڪي سنڌي سنستائن پنهنجن اڳ ۾ رٿيل پروگرامن ۾ بطور مهمان گهرايو. هڪ سنڌي ڪاريڪرتا ڪيس ڪولي ڪي هنومانجي نالي مندر ۾ دال-باٽي-چورمي جو سواد پڻ چکايو. پر ڪنهن هڪ به غير-سنڌي سنستا ڪنهن به پروگرام ۾ انيلا ڪي نينڊ نه ڏني. ايستائين جو جواهر ڪلا ڪيندر ۾ اِنهن نون ڏينهن ۾ ٿيل ٻن نرتيه، ڪلا ۽ سنسڪرتي جي پروگرامن ۾ به انيلا کي ياد ڪرڻ جي سمڪ ڪنهنکي نه پئي. جواهر ڪلا ڪيندر ۾ ٿيل اِنهن پروگرامن ۾ اسگر وزاهت، حبيب تنوير جهڙا ليکڪ، رنگڪرمي ۽ مالوڪا سرڪڪئي جهڙا پرتنانيم جا ڪلاڪار نينڊ تي ٻاهران آيا هئا.

سنگيت ناٽڪ اڪادمي ۽ 9 کان 22 آڪٽوبر 2003 تائين پنجاهه سال پورا ٿيڻ جي موقعي تي دهليءَ ۾ ’رنگ سورڻ ناٽيه اُتسو‘ ڪرايو هو. اِن موقعي تي سنسڪرت سميت ڪنڙ، مرهٽي، هندي وغيره جا پنجاه ناٽڪ پيش ڪيا ويا. سنڌيءَ جو هڪ به ناٽڪ اِن لائق نه سمجهيو ويو. پرٿوي ٿئيٽرس طرفان ممبئيءَ ۾ هرسال هڪ ناٽيه اُتسو ٿيندو آهي، جنهن ۾ ٿي ڏينهن الڳ الڳ ڀاشائن جا ناٽڪ پيش ٿيندا آهن. ايس-پي-مينگهاڻي ۽ رميش چاچاڻي سنڌيءَ جا مايا ناز ناٽڪ ڊائريڪٽر مڃيا ويندا آهن، منڍ کان ممبئي ۾ رهندا آهن، تنهن هوندي به پرٿوي ٿئيٽرس ڪڏهن سنڌي ناٽڪ اِسٽيج نه ڪرايو آهي. ساهت ۾ گياناپيٺ ۽ سرسوتي سنمان ڀارت ۾ ڀارتيه ڀاشائن جا سڀ کان وڏا سنمان تسليم ٿيندا آهن. سنڌي ليکڪ جي ڪنهن به سنڌي رچنا ڪي اِنهن مان ڪنهن به سنمان سان نه نوازيو ويو آهي. دوردشن ۽ آڪاشواڻي تان سنڌي پروگرام پرسارت ڪرڻ جي گهر ٿيندي آهي. جتان پروگرام پرسارت

سهوليتن جي تيز رفتار ۽ مغرب جي بيشمار وڏندڙ اثر ڌرمشالائن کي بلڪل اهڙي نموني غريبن جي رهڻ جي جڳهه بڻائي ڇڏيو، جهڙي نموني پئسو اچڻ کانپوءِ سنڌي ٻولي غريب گهرن تائين محدود ٿيڻ لڳي آهي. هوند وارا سنڌي هوٽلن، گيسٽ هائوسن ۽ آشرمن کي اهميت ڏيڻ لڳا. گهٽ هوند وارا يا پورا - پنا سنڌي ڌرمشالائن ۾ رهن ته پيا پرسار سنڀال لاءِ ضروري خرچ نڪرڻ به ڏکيو ٿيندو ويو. جن ڌرمشالائون جوڙايون، اُنهنجا پويان ڪوٽ پوري ڪرڻ جي ضرورت نه پيا سمجهن. آخر، هو پاڻ نه اِستعمال ڪن ٿي ڪونه پيا ڌرمشالا! ديکڀال ۽ رکرکاوَ جي عدم موجودگيءَ سبب ڪيترين ئي ڌرمشالائون آهستي آهستي کنڊهر ٿيڻ لڳيون.

هردوار ۾ ڪل 106 سنڌي ڪٽنب رهن ٿا. وڏيڪ گڏيل ڪٽنب آهن. ڪوبه وڏو سرڪاري عملدار، ڊاڪٽر، وڪيل، راڄنيتيءَ ۾ سرگرم سنڌي هردوار ۾ ڪونهي. ڏنڌا ضرور سنا اٿن. پئسي جي خيال کان پنيان چوڻ جهڙو شايد ئي ڪو گهر هوندو. پئسو ڪمائڻ ۾ ڌيان وڌيڪ اٿن، تنهنڪري هردوار ۾ سنڌي پنچائت فقط نالي لاءِ آهي. شاديءَ - غميءَ ۾ به پنچائت جو وجود نظر نه ايندو آهي ڪنهنکي. چيٽي چنڊ سميت ڪنهن به قسم جي گڏجاڻي پنچائت جي سڏ تي نه ٿيندي آهي. هردوار جي سنڌي نوجوانن جي ناهيل منڊل طرفان ريلوي روڊ تي پاڙيءَ جو هڪ پيائو هلندو آهي. نوجوان منڊل طرفان ئي سَو - پنجاه ماڻهو گڏ ڪري چيٽي چنڊ تي جلوس ڪڍڻ جي رسم پوري ڪئي ويندي آهي. واپاري ناتن کي ڇڏي سنڌي هئڻ سبب هردوار جي ڪنهن سنڌيءَ جو ٻئي سنڌيءَ سان ڪو ناتو ڪونهي.

مهماننوازي سنڌين جو اهم گڻ مڃيو ويندو آهي. هوند - سوند وارن ٻن دڪاندارن سان ڳالهائڻ ٿيو. اُنهن مان هڪ سان سنڌس ريسٽارينٽ تي ڳالهائڻ ٿيو. پر چانهن يا پاڻيءَ لاءِ پڇڻ ته پري جي ڳالهه، ڪنهن ويهڻ لاءِ به ڪونه چيو، جڏهن ته ڪين ٻڌايو ويو هو ته جئپور جو هڪ سنڌي فقط حال - چال جاڻڻ لاءِ هنن سان ڳالهائي رهيو آهي. ظاهر آهي، خون ۾ مليل ڏنڌوڙي جذبي کان سواءِ ٿي سگهي ٿو هنن ۾ اڳتي هلي سنڌي هئڻ جو ڪو اُهڃاڻ باقي نه رهي.

اِن پسمنظر ۾ مالڪن جي بيرخيءَ جون شڪار سنڌي ڌرمشالائون نالي ۾ نه جوڙائڻ وارن جون رهيون، اُنهنکي هلائڻ - سنڀالڻ جو ڪم غير - سنڌين جي هٿن ۾ هليو ويو. پريم پرڪاش آشرم، ديوَ پرڪاش آشرم ۽ ٻين گڻ -

ڏنڏوڙين جو دان - پڃ

مئي 2004 ۾ گنگيشوَر آشرم جي رام ڏام ۾ ڏهه ڏينهن رهي هردوار جي نبض تي آڱر رکڻ جو موقعو مليو. ڪيترين ڳالهين جي ڇاڻ اڳ ۾ ٿي هئي. پر هردوار ۾ سنڌين جي حيثيت جي باري ۾ جيڪي سچ سامهون آيا، اُنهن اڪيچار سوالن جو ڇار ڦهلائي ڇڏيو. سنڌي سماج پاران لڇمڻداس ڪيسواڻي، اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت پرچار سڀا پاران ٽيڪچند مست ۽ لنا ٿهلياڻي، وغيره هردوار ۾ سيمينار ڪرايا آهن. سنيوگ سان اِنهن سيمينارن جي نينڊ هوندي بہ شرڪت نہ ٿي سگهي آهي. پر هردوار جي سنڌين جي هڪ خاص طرح جي ڇهي فقط اِنهن پروگرامن سبب دماغ ۾ ٺهيل هئي. ڏسي، ڳالهائي جيڪو محسوس ٿيو، اُهو قائم ڇهيءَ سان بلڪل بہ نہ پيو ٺهڪي.

سنڌي هميشه دان، سماج شيوا ۽ مالي مدد جي ڏس ۾ اڳرا رهيا آهن. ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ هردوار وڃڻ وارن سنڌين جي تعداد ايتري وڏيڪ رهي آهي جو هتان جا ڪيترائي پنڊا - پروهت، کومچي - ڇاٽ وارا ۽ مڪاني دڪاندار ساڻن پنهنجائپ قائم ڪرڻ لاءِ سنڌي ڳالهائيندا آهن. هردوار ۾ انڪل پنج سَو سنڌي ڌرمشالائون آهن. ايڏي وڏي تعداد ۾ ڌرمشالائون هت ڪنهن بہ ڀارتيہ سماج جون ڪونہ آهن. سنڌ مان ڪيترائي سيٺيون ۽ سنڌو - رڪي نيم سان هردوار ايندا هئا. هوٽلن، وغيره جو واهپو گهٽ هئڻ سبب هوند وارن سنڌين جڳهيون خريد ڪري هردوار پرواس دوران اُنهن ۾ رهڻ شروع ڪيو. ريل گاڏيون محدود هيون، اچڻ وڃڻ جا ٻيا وسيلا پڻ گهٽ هئا. زندگيءَ جي رفتار اڄ جيان تيز نہ هئي. ڇئي سگهجي ٿو، سُست هئي. اچڻ - وڃڻ ۾ جڏهن هفتو - ڏهہ ڏينهن لڳي وڃن تہ ظاهر آهي سنڌ مان کهي هردوار اچڻ وارو مهنو - ويهہ ڏينهن هت رهڻ چاهيندو. پنهنجي جاءِ - جڳهہ هوندي تہ بيفڪر ٿي رهي سگهبو. اِن ڀاونا پڻ ڪم ڪيو هوندو. سيٺ ڪي ڪپي رهڻ لاءِ هڪ ڪمرو، سو بہ سال ۾ وڏ ۾ وڏ هڪ مهنو. جڳهہ ٻين سنڌين جي اِستعمال ۾ اچڻ لڳي ۽ اِئين اُنڪي سوچي سمجهي ڌرمشالا جو روپ ڏنو ويو. اهڙي نموني سنڌ مان هردوار اچڻ وارن جي تعداد وڌي تہ اُنهن مان ڪجهہ ناڻي وارن پڻ جڳهيون خريد ڪري هردوار جي سنڌي ڌرمشالائن جي ڳڻپ ۾ اِضافو ڪيو.

سنڌي ۽ راڄنيتڪ حق

ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي پاڻ کي مالي سطح تي ڦاڻيڪي ۽ دنيوي روپ ۾ خوش سماج جي حاصلات جو فخر ڀريو تاج پهرائيندا آهن. سنڌ ڇڏي، ڏتڙجي هندو سنڌي لاوارث بڻجي جن ڏباون ۽ مجبورين هيٺ ڀارت آيا، اُنهنکي ياد ڪجي ته پير پختا ڪرڻ ۾ مليل ڪاميابي اِنسانيت جي تاريخ جو هڪ سهڻو مثال آهي. تعليم، آءِ-ٽي-، ميڊيا، پرشاسن، علاج، ٽورزم، هوٽل، فلم، فائينينس سميت دنيا جو شايد ئي ڪو مالي کيتر هوندو، جنهن ۾ سنڌين جو سِڪو نه هلندو هجي. سنڌي سماج توڙي غير-سنڌين جي ڀهبودي‌ءَ لاءِ پڻ سنڌين چڱو پاڻ موکيو آهي.

پنهنجي جنهن پکش کي سنڌي سڀ کان وڌيڪ پوئتي مڃيندا آهن، اُهو آهي راڄنيتي. جيئن تيئن ڪري سنڌي ڀاشا کي جوڙجڪ جي ائين سڊيول ۾ ته شامل ڪرايو ويو پر سنڌي تعليم، زمين جو ٽڪر، وڌان سڀائن، لوڪ سڀا، راڄيه سڀا ۾ جڳهين، سرڪار/سرڪارن طرفان ڦاڦي خاص عهدا ڏيڻ جهڙا کيترائي ڪم راڄنيتڪ پهچ ۾ ڪميءَ سبب اٽڪيا، اٽڪڻا رهندا آيا آهن. اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا سميت کيترائي اِدارا وقت به وقت ملڪ جي چونڊ وڌان سڀائن ۽ لوڪ سڀا ۾ ڪجهه جڳهيون سنڌين لاءِ محفوظ رکڻ جي گهر رکي چوندا رهيا آهن ته اِئين ٿيڻ کان پوءِ سنڌين سان راڄنيتڪ بي-اِنصافيون نه ٿينديون.

سنڌي ڀاشا، سڀيتا، سنسڪرتي، ڪلا، ساهت سان واسطو رکندڙ جائز ڪم هندستان جي ناگرڪ جي روپ ۾، بطور حق ٿيڻ گهرجن. ڇا تنهن لاءِ راڄنيتيءَ ۾ اونچا عهدا سڄي پڇ ڪا مدد ڪري سگهندا؟ ووٽ جي طاقت کي آڌار بڻائي جاتين ۽ ڌرمن ۾ مقام تلاش ڪرڻ واري ڪُلڻي ڳجهي سرشتي ۾ ڇا عهدن تي پهچڻ کان پوءِ به سنڌي اڳوان سنڌيت ۽ سنڌين لاءِ جوڳي فرض ادائي ڪندا؟ سنڌي يا غير سنڌي ووٽ حاصل ڪري جيڪي سنڌي اڄ به راڄنيتيءَ ۾ پير ڄمائي وڌان سڀائن، لوڪ سڀا ۾ پهتا آهن يا راڄيه سڀا ۾ ڪرسي هٿ ڪري سگهيا آهن، ڇا اُهي سنڌين جي اُميدن تي، سندن واجب ضرورتن تي ڌيان ڏيندا رهيا آهن؟

سنڌي اڳوانن جي ڳالهه مڃجي ته ڀارت ۾ اٽڪل 60 لک سنڌي رهن ٿا. غور طلب آهي ته 1991 جي آدمشماريءَ موجب ڀارت ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ فقط 21 لک 23 هزار هئا. اِنهن مان به 90% کان وڌيڪ سنڌي

ٻٽين آشرمن کي ڇڏي شايد ئي ڪا سنڌي ڌرمشالا هن وقت هردوار ۾ اچڻ وارن جي شرڌا جي آڌار تي هلندي هجي. گهٽ ۾ گهٽ 49 رپيه ۽ وڌ ۾ وڌ 225 رپيه هڪ ڪمري جو هڪ ڏينهن جو ڀاڙو آهي. صاف-صفائيءَ جو بندوبست، ڪمرن-پاڻيءَ-بجليءَ وغيره جي سار-سنڀال جهڙا آهن، تهڙا آهن پر غير-سنڌي مئنيجرن جو اچڻ وارن سان ورتاءُ به اڻوڻندڙ آهي. اِهو ضرور ٿيو ته ملڪيت جن شخص يا نالي ماتر ٽرسٽ جي هئي، اُنهن طرفان پيڇ ڏاهه نيڪ ڪرائي، رنگ روغن هٽائي ڌرمشالا کي رهڻ جي خيال کان مناسب روپ ڏنو ويو. تنهنڪري ئي باقي اوٽايون هوندي به ڌرمشالائن جو اِستعمال ٿي رهيو آهي.

برابر ڌرمشالائن جي رک-رکاءَ تي خرچ اچي ٿو، پر ڇا هردوار جي سنڌي پنچائت يا سنڌي نوجوان منڊل اِها ذميواري نٿو کڻي سگهي؟ سنڌي ڌرمشالائن جو هڪ سنگٺن ٺاهي پنهنجي نظرداريءَ ۾ سرشتو قائم ڪري اُنکان ڪم وٺڻ جو بندوبست پنچائت يا نوجوان منڊل ڪري سگهي ٿو. شرڌا کي واپار ڇو ٿا بڻائڻ چاهيون اسان؟ ڪمرن جي مسواڙ نه رکي مسافرن کان دان ڇونه وٺجي؟ رقائتي نموني ڪم ٿيندو ته پهرين ته ڪوٽ پوندي ئي ڪونه ۽ جيڪڏهن پوي به ته هردوار جا سنڌي، نه ته ٻيا هوند وارا سنڌي اُنکي پورو ڪري سگهن ٿا. هردوار ۾ اڪيچار آشرم شرڌا سان ڏنل دان جي سهاري هلن ٿا. هردوار جا سنڌي اِن بهاني هڪ ٿي سان گڏجندا به ۽ سنڌيت جو پرچم به ڦهرائيندا. ڪيستائين متيءَ کي سون بڻائي فخر محسوس ڪندا رهندا سنڌي؟ متيءَ کي چندن بڻائي هڳاءُ سان ڇو نٿا ڀري سگهون هردوار کي؟ ڇو نٿو ٺهي سگهي مندرن جي هن شهر ۾ جهولي لعل جو هڪ شاندار مندر؟ ڇو نٿو لڳي سگهي شهر جي ڪنهن سهڻي چونڪ تي هيمون ڪالاڻيءَ ڪنورام جو بوتو؟ گهٽ ۾ گهٽ دان پيڇ ڪرڻ وقت ته نفعي نقصان جو حساب نه ڪيون؟ ڇا چوويهه ئي ڪلاڪ ڏنڊوڙي منورتيءَ ۾ غلطان رهنداسين اسان سنڌي؟ □

ن هڪ يو.آءِ.ٽي. جو چيئرمن ۽ راجستان راجيه مهلا آيوگ جي چيئرپرسن
نڌي هئا. راجستان سمجهوتا سمتيءَ جو چيئرمن پڻ سنڌي هو. ظاهر آهي
چنيتڪ سطح تي اسانجي حيثيت خراب نه، سٺي آهي. راڄنيتڪ عهدن
ي ڪيڪ جو جيترو حصو ڪنهن به آڌار تي سنڌين کي ملڻ گهرجي، اُن
ن وڏيڪ اسان وٽ آهي. وڌان سڀائن، لوڪ سڀا، راجيه سڀا وغيره ۾ محفوظ
بڻ کان پوءِ به اسان جا عيوضي موجوده تعداد کان وڌيڪ ته ڪنهن به حالت
نه ٿيندا.

چئي سگهجي ٿو ته سنڌين جي فائدي ۽ سنڌيت جي واڌاري جا ڪم
نهن راڄنيتڪ سنستائن ۾ سنڌين جي ڳڻپ جي آڌار تي نه ٿيندا. چونڊيل
يمبر فقط سنڌين کي ڏسندا ته غير سنڌي بئي دفعي ڪين ووٽ ڇو ڏيندا؟
نهن پارٽيءَ ڪين ٽڪيٽ ڏني، اُنجون نيتيون، اُن جا فيصلا، اُنجا فائدا-
نقصان به لازمي طور سان ڌيان ۾ رکندا. وري ڪٺليءَ جي رفتار سان سرندڙ
ڪشاهي سرشتي جون ڏينهون پوءِ وڌندڙ اسنويدنشيل حرڪتون، جن سبب
تا غرض ڪوبه ڪنهنجي ڳالهه ٻڌڻ-مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي!

بهتر ٿيندو اسان پنهنجن چونڊيل سنڌي اڳوانن ۾ سنڌين ۽ سنڌيت
ءِ جذبو پئدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون ۽ ڪوشش ڪيون ته هوند-سوند وارا
نڌي غير سنڌي راڄنيتائن وٽ به ڪو ڪم ڪٽي وڃن ته خالي هٿين نه موٽن.
خر ناٽي وارا سنڌي سينيون پارٽيءَ جو فرق ڪئي بنا غير سنڌي راڄنيتائن
ي به جهجهي مالي مدد ٿا ڏين. ايترو زور ته هوُ هلائي ئي ٿا سگهن هنن
تان.

سنتوش جي ڳالهه آهي ته اِهي بئي ڪم فقط ٿي ئي نه رهيا آهن،
ٺي رفتار سان ٿي رهيا آهن ۽ سنڌين جو راڄنيتڪ آئيندو جيئن وقت
ذرندو، وڌيڪ ۽ وڌيڪ روشن ٿيندو. ❑

مهاراشٽر، گجرات، راجستان ۽ مڌيہ پرديش ۾ ٿا رهن. اُلهاس نگر، گانڌيڌام، اجمير ۽ ڪنهن ايڪڙ-ٻيڪڙ ٻي جڳهہ کي ڇڏي سنڌي ووٽر چونڊجي نتيجي تي اثر وجهڻ جي حالت ۾ نہ آهن. اِنهن ڳڻ ڳٽين جڳهين تي بہ چونڊ جو نتيجو سنڌين جي مرضيءَ موجب نڪري، سنڌي ووٽرن جي تعداد ايتري ڪونهي. غير سنڌي ووٽرن کي پاڻ سان جوڙي جيڪي سنڌي اڳوان پرانتن جي وڌان سڀائن يا لوڪ سڀا ۾ ۽ اُن کان هيٺين سطح تي ڊسٽرڪٽ نہ نگر پالڪائن، ميونسپل ڪارپوريشن وغيرهہ ۾ پهچن ٿا، اُنهن جا انگ-اکر کهاڻيءَ کي ٻئي نموني پيش ٿا ڪن.

فقط راجستان کي مثال جي روپ ۾ کڻي ويچار ڪجي تہ پرانت جي وڌان سڀا ۾ 200 ميمبر آهن. 1998 ۾ ٿيل چونڊن ۾ ٽي سنڌي ايم. ايل. اي. کٽي آيا. جن مان هڪ ڪشن موٽواڻيءَ کي پرانت جي سرڪار ۾ ڪئبينيٽ ۾ کڻي ريوينيو منسٽر جو عهدو ڏنو ويو. بدقسمتيءَ سان موٽواڻي صاحب پهرين نومبر 2001 تي پرلوڪ گمن ڪيو. نمباهڙا مان کٽي آيل ايم-ايل-اي- سريچند ڪرپالاڻيءَ پوءِ لوڪ سڀا جي چونڊ لڙي سوڀ حاصل ڪئي ۽ وڌان سڀا تان اِستيعفا ڏني. 1991 جي انگن موجب راجستان جي آدمشماري انڪل چار ڪروڙ ويهہ لک، جن مان اڳوانن موجب سنڌي آهن انڪل ڏهہ لک. وڃي بيٺا %2.4. مُول روپ سان وڌان سڀا ۾ سنڌي ميمبر هئا %1.5. جڏهن فقط هڪ ميمبر هو تڏهن بہ ٿيا %0.5. ڊسمبر 2003 ۾ راجستان وڌان سڀا ۾ فقط هڪ ميمبر واشديو ديوناڻي چونڊجي آيو. کيس تعليم راجيہ منتريءَ جي ناتي منتري منڊل ۾ جڳهہ ڏني ويئي آهي. وري ٿيا %0.5.

لوڪ سڀا ۾ راجستان مان آهن پنجويهہ ايم. پي.، جن مان هڪ سنڌي آهي. معنيٰ چار سيڪڙو. گوبندا کي جيڪڏهن سنڌي مڃجي تہ مؤجُودہ لوڪ سڀا ۾ ٽي (اُنهن مان بہ هڪ لعل ڪرشن آڏواڻي مئي 2004 تائين ملڪ جو هوم منسٽر ۽ اُپ پرڌان منتري هو. تنهن ڪانپوءِ هوُ مخالفتي ڌر جو اڳوان آهي. آڏواڻي ڀارتيہ جنتا پارٽيءَ جو صدر پڻ آهي) ۽ راجيہ سڀا ۾ بہ ڪل ملائي انڪل 750 مان پنج ميمبر ڪيندريہ سطح تي پڻ سنڌين جي نمائندگي ڪن ٿا. اِهي ٿيا %0.66 جڏهن ڪِ اسانجي چوڻ موجب ملڪ جي آبادِيءَ ۾ سنڌين جو شُمار آهي %0.6 کان بہ گهٽ.

نظر ڦيرائبي تہ هر شهر جي ميونسپالٽي ۽ ڪارپوريشن ۾ بہ سنڌي ميمبر سنڌين جي آباديءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ملندا. راجستان جي پنجن

بڻائي سگهن پر اِني سنڌي ووٽن جي تعداد جهجهي آهي. تنهن هوندي بہ ڪنهن نہ ڪنهن پارٽيءَ يا آزاد اُميدوار جي حيثيت ۾ بيٺل ڪنهن بہ سنڌيءَ کي ڇهن هزارن کان وڌيڪ ووٽ نہ مليا. هڪ اُميدوار کي تہ انڪل چار لک رپيا خرچ ڪرڻ کانپوءِ بہ فقط 211 ووٽ مليا.

چونڊن جي موسم ۾ بيان ڏيئي، ڌمڪيون ڏيندي ٻين سان گڏ سنڌين بہ هام هنئين هئي تہ مکيہ پارٽين جيڪڏهن ٽڪيٽ نہ ڏني تہ نتيجا اُگرا نڪرندا. ٽڪيٽ بہ نہ مليءَ نتيجا بہ اُگرا نہ آيا. سنڌين جا ووٽ سنڌي اُميدوارن کي نہ مليا. ٻن ڪٽڻ وارنءَ ٽن هارائڻ وارن کي ڇڏي ڪو سنڌي اُميدوار پنهنجي ضمانت جي رقم بہ بچائي نہ سگهيو. ڪل وڌل ووٽن جو ڇهون حصو بہ جيڪڏهن ڪو سنڌي اُميدوار حاصل نٿو ڪري تہ هو چونڊن ۾ بيٺو ئي ڇو؟ سنڌين طرفان چونڊن کان اڳ ڪيل وڏين-وڏين ڳالهين کين اُکسايو. سندن ضمانت ضبط ٿيڻ سان ڇا سنڌي سماج جو شان وڌيو؟ پوءِ اهڙيون بگهڙ ڀڀڪيون ڏيڻ جي ڪهڙي گهرج هئي؟

سنڌي سڄي ملڪ ۾ ايترا ٽڙيل پکڙيل آهن جو سنڌي ووٽن جي آڌار تي چونڊن ۾ سوڀ جي ڳالهہ بيحد محدود ڍنگ سان ئي ٿي سوچي سگهجي. ڪجهہ دوست سنڌي اُميدوار جي کٽڻ جي تہ نہ، پر جيت-هار طئہ ڪرڻ جي ڳالهہ ڇئي سنڌين کي ٽڪيٽ ڏيڻ جي وڪالت ڪندا آهن. ڪانئيندس نہ تہ هاريندس، اِن قسم جو نڪاراتمڪ سوچ خاص طور سان سنڌين لاءِ سونهندڙ نٿو ڇئي سگهجي. ڪجهہ ٻيا دوست سنڌين جي الڳ راڄنيتڪ پارٽي برپا ڪرڻ جي ڳالهہ ڪندا آهن. سنڌين جي راڄنيتڪ پارٽيءَ جي ڪاميابيءَ جو دارومدار ظاهر آهي، سنڌي ووٽرن تي رهندو. ڪانگريس، ڀارتيہ جنتا پارٽيءَ سان ٻڌل سنڌي ووٽ ڇڏي بچيل سڀ ووٽ اُن راڄنيتڪ پارٽيءَ جي اُميدوار کي ملن، تڏهن بہ سندس ضمانت شايد ئي بچي سگهي.

راڄنيتيءَ ۾ جيڪي سنڌي سرگرم آهن، اُنهنکي پتو آهي تہ سوڀ ملڻ کان پوءِ پلي سنڌي کين پنهنجو-پنهنجو ڇئي مان-عزت ڏين پر سچ پڇ اڄ بہءَ سياڻي بہ سندن ڪاميابيءَ جو آڌار غير-سنڌي ووٽ ئي رهندا. سنڌين کي پلي ناراض نہ ڪن پر سنڌينءَ غير-سنڌين جي هِتن مان هڪ کي چونڊڻو پوندو تہ هو غير-سنڌين جي فائدن کي چونڊيندا. سنڌي-سنڌيءَ سنڌيت-سنڌيت ڪندا رهندا تہ لوڪتنتر ۾ چونڊن جو سرشتو کين جيئڻ نہ ڏيندو. سنڌي سماج سندن پنهنجو آهي، اِهو سمجهندي بہ سچ کان منهن موڙڻ ممڪن آهي ڇا؟ پارٽي بہ آخر هارايل گهوڙي تي داءُ ڇو هڻڻ چاهيندي؟ سنڌي زندگيءَ کي زمين سان جوڙي ڏسندا رهيا آهن. هن مدعي تي اسان حقيقت شناس ڇونہ آهيون؟ ❑

عام چونڊُون ۽ سنڌي

ڊسمبر 2003 ۾ ٿيل مزورم، دهلي، ڇتيسگڙهه، مڌيه پرديش ۽ راجستا
وڌان سڀائن لاءِ آيل چونڊن جا نتيجا الڳ الڳ اِدارن طرفان ڪرايل راءِ شماري
۽ ايگزٽ پول انومانن ۽ اڳڪٿين کي ڪوڙو ثابت ڪندڙ هئا. ٻين ڳڻن، گروپ
۽ جاتين جيان سنڌين جون يڪمشت ٽي ۽ جدا جدا، ڪانگريس خواهه ڀارتي
جنتا پارٽيءَ کان ٽڪيٽون ڏيڻ جي گهر جو اِنهن پارٽين تي نه ٿيل اثر پڻ سنڌين
جي غلط فهمين کي اُجاگر ڪرڻ وارو هو. مزورم ۽ دهليءَ ۾ اِنهن ٻنهي مان ڪنهن
به پارٽيءَ هڪ به سنڌيءَ کي ٽڪيٽ نه ڏني. ڇتيسگڙهه ۽ مڌيه پرديش ۾ ڀارتي
جنتا پارٽيءَ هڪ هڪ سنڌيءَ کي ٽڪيٽ ڏني. راجستان ۾ ڀارتيه جنتا پارٽي
ٻن ۽ ڪانگريس هڪ سنڌيءَ کي ٽڪيٽ ڏني پر اجمير اولهه سيٽ تان ٻنهي
پارٽين سنڌي اُميدوار بيهاريو. نتيجو ڪنهن به پارٽيءَ جي پکش ۾ هجي
ڪٽٽو به سنڌيءَ کي هو ۽ هارائٽو به سنڌيءَ کي هو. اِهو به ياد رکڻ گهرجي ته سنڌي
آباديءَ جا ووٽ فيصلا ڪُن هئڻ سبب اجمير اولهه تڪ ۾ ٻئي پارٽيون هميشه
سنڌي اُميدوار کي ٽڪيٽ ڏينديون آهن. غير سنڌيءَ کي اِن تڪ مان ٽڪيٽ
ڏيڻ جي ڳالهه سوچڻ ڪنهن به پارٽيءَ لاءِ ممڪن نه آهي.

سوڀ جو سِهرو فقط مڌيه پرديش جي جبلپور تڪ مان ايشورداس روهاڻي
۽ راجستان جي اولهه تڪ مان واشديو ديوناڻيءَ کان سواءِ ڪنهن به سنڌيءَ جي
مٿي تي ٻڌجي نه سگهيو. اِهي ٻئي ڀارتيه جنتا پارٽيءَ جا اُميدوار هئا. ڇو ته
اجمير اولهه مان بيٺل ٻنهين پارٽين جي سنڌي اُميدوارن مان هڪ کي ئي ڪٽٽو
هو، تنهنڪري هارايل اُميدوار جي باري ۾ وڌيڪ ويچار ڪرڻ جي ضرورت اُنهن
کي محسوس نه ٿيندي، جيڪي ڪنهن تڪ مان سنڌي اُميدوار جي سوڀ جا
خواهشمند آهن. راجستان مان بيٺل ٻئي سنڌي اُميدوار گياندو آهوجا کي
رامگڙهه مان فقط 783 ۽ ڇتيسگڙهه مان ليلارام ڀوڄواڻيءَ کي راجناند ڳانو مان
فقط 40 ووٽن سان شڪست جو منهن ڏسڻو پيو. اِنهن ٻنهي تڪن ۾ سنڌين جا
ووٽ نه جيترا آهن، تنهن هوندي به ڪين سيني طبقن جو ڀرپور سهيوگ مليو.

راجستان ۽ مڌيه پرديش ۾ ڏهن-ٻارهن سنڌي اُميدوارن اهڙن تڪن مان
چونڊن ۾ بيهڻ جي همت ڏيکاري هئي، جتان ٻنهي مکيه پارٽين ڪنهن سنڌيءَ
کي ٽڪيٽ نه ڏني هئي پر سنڌين کي لڳي پيو ته اُتان ڪين ٽڪيٽ ملڻ
گهرجندي هئي. ٻئراڳڙهه، بياور، جئپور جو جوهري بزار تڪ اِنهن ۾ شامل آهن.
اِهي ايراضيون فقط سنڌي ووٽن جي ٻوتي ڪنهن اُميدوار کي سوڀارو نه نٿيون

نہ هئڻ سبب سندس اُن ڪرسيءَ تي ويهڻ سماج کي چڱي لڳو، تنهنڪري رزرويشن جو آڌار جات نہ، مالي حيثيت کي بڻائڻ جي ڳالهہ اُٿنديِ تي رهي.

رزرويشن پنهنجي موجوده روپ ۾ قائم رهڻ کپي، رزرويشن جو آڌار مٽڻ کپي يا ماڳئي رزرويشن ختم ٿيڻ کپي؟ واسطيدارن جون دليلون جدا جدا آهن. راڄنيتيءَ جي چولي اِنصاف جي بناه تي رنگ مٽڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. تنهنڪري حالتون، خاص طور رزرويشن جي ڏس ۾ متڄنديون، اِها اُميد ڪرڻ بيسود آهي. ووٽ جي طاقت جنهن جاتيءَ يا طبقي وٽ آهي، زور-بار آڻي رزرويشن جي لمبي سُوچيءَ ۾ پاڻ کي ضرور شامل ڪرائي سگهي ٿو. پر جنجا ووٽ يا تہ وڏيڪ ڪونهن يا يڪشمت ڪونهن، اُنهن جون رڙيون ۽ واڪا ڪوئي نہ ٻڌندو.

ورهاڱي کان اڳ ۾ عام سنڌي هندو سکيو ستابو هو. شروعاتي دور ۾ سنڌين پلي بيحد تڪليفون ڏٺيون هجن پر ورهاڱي کان پوءِ موجوده دور ۾ نئين ٽهيءَ ۾ اُنهن احساس جو ذرو بہ نظر ڪونہ ايندو. ڀارت جي عام ناگرڪ جي مقابلي ۾ سنڌين جي حالت هر خيال کان بهتر آهي. غير سنڌي اڳوان توڙي راڄنيتا سنڌين جي هر جلسي ۾ ضرور چوندا آهن تہ اُن بيحد ڏکئي دور ۾ بہ سنڌين بيک نہ پني. اسان تاڙيون وڄائي سندن ڪيل تعريف کي تسليم ڪندا آهيون. پلي ڪنهن وقت مجبوريءَ ۾ ننڍيون وڏيون نوڪريون سنڌين ڪيون هجن پر هينئر پنهنجي ڌنڌي يا اوچ عهدي ۾ ٿي سنڌين جي اک ٿي ٻڌي. پنهنجي عقل سان، پنهنجيءَ محنت سان اڄ سنڌي جنهن مقام تي پهتا آهن، ڪنهن مهربانيءَ کي اسان اُنجي لاءِ جس بخشڻ چاهينداسين ڇا؟

زندگيءَ جي ميراٿن ريس سنڌين پنهنجين خوبين ۽ ٻين جي ڪمين کي توري تکي کٽي آهي. سنڌين جا ووٽ ڪونهن، تڏهن بہ بنا رزرويشن لوڪ سڀا، وڌان سڀائن، ڪارپوريشن، وغيره ۾ سنڌين پنهنجي مؤجُودگي درج ڪئي آهي. غير سنڌين جا ووٽ کڻي اِنهن اِدارن ۾ پهچڻ ڪا معمولي ڳالهہ ڪونهي. اسانجي خودداريءَ ۽ تاريخ جو تقاضو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ڏيندو هجي، تڏهن بہ رزرويشن وٺڻ کان اِنڪار ڪيون، اڳيان وڌِي گهرڻ جي ڳالهہ تہ سوچيون ئي نہ. □

رزرويشن ۽ سنڌي

ڊاڪٽر آمبيڊڪر کي پارت جي جوڙجڪ جو ابو ميڃيو ويندو آهي. جوڙجڪ سڀا جن رٿن تي ويچار ڪري منظوري ڏيندي هئي، اُهي رٿون ڊاڪٽر آمبيڊڪر جون تيار ڪيل هونديون هيون. ڇوته دلت جي ناتي هن شخصي سطح تي عمر جي هر ڏاڪي تي ڏک ۽ دولاب سَنا هئا. تنهنڪري دلت جاتين کي برابريءَ تي اچڻ جو موقعو ڏيڻ لاءِ جوڙجڪ ۾ رزرويشن جي ڳالھ ڪئي وئي. برابر مهاتما گانڌيءَ 'هريجن' لقب ڏيئي هيٺين طبقن کي اسپرشيتا جي ڏنگ کان بچائي اوچ جاتين جهڙو درجو بخشڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر پاڻ پوڻ ۽ ٻين کي پوڻيندو ڏسي همدردي ڏيکارڻ ۾ فرق ٿيندو آهي. اِهوئي سبب هو جو دلت سماج ۾ مهاتما گانڌيءَ جو قد ڊاڪٽر آمبيڊڪر کان اوچو ڪڏهن به نه ٿي سگهيو.

جوڙجڪ ۾ طئه مياد پوري ٿيڻ کان پوءِ به وقت سِر هرڪا سرڪار رزرويشن قائم رکندي آئي. نتيجي طور دلت جاتين ۾ پئدا ٿيل ملائيدار طبقي سان پيٽ ڪندي پٺتي رهيلن، ٻين پٺتي رهيلن ۽ جاتن وغيره لاءِ رزرويشن جو دٻاءُ آيو ۽ سرڪار ووٽن جي لالچ ۾ اُن دٻاءَ اڳيان جهڪندي رهي. هينئر سرڪاري نوڪريون آهن ڪونه ۽ رزرويشن جو انگ وڌندو ٿو وڃي. مسلمان، راجپوت، براهمڻ، جيڪي ٻين جاتين تي ڪنهن نه ڪنهن وقت، ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ راڄ ڪندا رهيا آهن، پڻ رزرويشن جي گهر ڪري رهيا آهن. سنڌين جي ڪجھ اِدارن طرفان به رزرويشن جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون آهن.

ووٽن جا تقاضا وساري ڇڏيون ته ڪنهن به جات يا طبقي کي رزرويشن ڇو ملڻ گهرجي؟ آخر مقصد ڪهڙو آهي رزرويشن ڏيڻ جي پٺيان؟ صدين کان جنکي دٻايو ويو آهي، جنکي برابريءَ جو درجو نه ڏنو ويو آهي؛ تعليم، زمين ۽ مالي حقن کان جنکي وانجهيو ويو آهي، لوڪشاهي سرشتي ۾ رزرويشن ڏيئي اُنهنکي اڳيان وڌڻ جو موقعو عطا ڪرڻ جو اِرادو اِنجي پٺيان هڪليندڙ طاقت آهي. آزاديءَ کانپوءِ رزرويشن جو فائدو وٺي، اوچ جاتين جي ظلمن سبب ترقيءَ کان وانجهيل جاتين جي نئين ٽهي ڪجھ حد تائين تعليم حاصل ڪري سٺين نوڪرين کي هٿ ڪري خاص حقن جي مالڪ ٿي سگهي آهي. دلت طبقي جي ڪنهن شخص کي اوچ عهدي تي ڏسڻ جي عادت

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي، ”سڀ ڪا مرد ڇون.“ سڀ وڏيو يا نه وڏيو، خراب
ٿو يا سٺو، ڪنهن پسند ڪيو يا ناپسند، مرد پنهنجي جسماني طاقت جي
طي تي پنهنجي ڇيل ڳالهه يا چئجي سچ تي قائم رهي سگهندا آهن.
ردن جو بدن پلي زالن کان وڌيڪ سگهارو هجي، پر زالن جي اندرين طاقت
نهن به صورت ۾ مردن کان گهٽ نٿي چئي سگهجي. تنهنڪري سچ زالون
اوترو ئي ڳالهائي سگهنديون آهن، جيترو مرد. سچ ڳالهائڻ جي همت
سم کان وڌيڪ روح بخشيندي آهي. پر سچ کي مڃڻ لاءِ جسم سگهارو هئڻ
ي گهرج بلڪل ڪونهي. روح جيتري سگهي هوندي، سچ کي مڃڻ جي همت
تري ئي وڌيڪ نظر ايندي. روحاني سطح تي مرد وڌيڪ پختا آهن يا
لون، اِن بحث کي ڇڏي تجربي جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سچ
لهائڻ ۽ سچ کي مڃڻ جي ڏس ۾ مردن ۽ زالن ۾ ڪو تفاوت ڪونهي.

روحاني مضبوطي پيدا نه ڪري جيڪڏهن سچ کي مڃڻ کان اِنڪار
ڪجي ته عارضي يا دائمي روپ ۾ ڪو فائدو ملندو هجي، اِئين به
ونهي. اسان پاڻ کي موقعاپرست ثابت ڪا ڪيون، ٻين جي نظرن ۾ چالاڪ
غير ڀروسيمند ڪا بڻايون. گڏ ويهي جام ٽڪرائڻ وارا پلي ملي وڃن پر رِشتن
ٽن جي ڪمائي نٿا ڪيون. ڏڪئي وقت ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيهڻ وارو ڪو
ڪ شخص به اسانجي ڪاتي ۾ نٿو هجي. آخر مالي سطح تي اوچو مقام
اصل ڪرڻ کان پوءِ به، سماج جي هر طبقي لاءِ اِسپتالون - اِسڪول - ڪاليج -
رمشالائون برپا ڪرڻ کان پوءِ به فلمن ۾ ٽوڙي ٽي - وي - سيريلس ۽ تقريرن
سنڌين کي شاطر ۽ حريف جي روپ ۾ ڇوٿو پيش ڪيو وڃي؟ اٿوٽندڙ
فتا جڏهن به سامهون اچن ٿا، اسان مخالفت ته ڪيون ٿا پر آتم وشليشڻ
و نٿا ڪيون؟

سنڌي پاشا اسانجن هٿن مان ڇڏائجندي ٿي وڃي، اِن سچ کي زبان
ان نه، دل ۽ دماغ سان مڃڻ لاءِ تيار ڇو نٿا ٿيون اسان؟ جيڪڏهن اسان
نڌي خاص آهيون، ٻين جاتين کان سوايا، سياڻا ۽ بهتر آهيون ته پوءِ سچ
ي مڃي پنهنجون اوڻايون دور ڪرڻ جي ڪوشش ڇو نٿا ڪيون؟ اِئين ته
ونهي، اسان سنڌي ٻاهران مضبوط ڏسڻ ۾ ٿا اچون پر اندران آتمڪ سطح
ي ڪمزور آهيون؟ شروعات اِن سچ کي قبول ڪرڻ جي همت ڏيکاري ڪرڻي
وندي! ☐

سچ کي مڃڻ جي همت

فيلسوفن جي انوسار بحث سان نتيجا ڪڍڻ ممڪن نہ ٿيندا آهن. بحث ۾ شرڪت ڪندڙ ڌريون پنهنجي مت کي مڃائڻ لاءِ ٻئي جي صحيح لڳندڙ دليل کي بہ ڪٽي حقيقت کان منهن موڙڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. ٻاهريون اکيون ڀلي کليل هجن، پر دل ۽ دماغ جا در-دريون بند بند ڪري پنهنجي فائدي وارو پڪش ڏسڻ اِنساني فطرت آهي. وٽين مان اندر اچڻ واري هوا ڀلي احساس ڪرائي، پر ڪوهہ جي ڏيڏر جيان سمنڊ اِنسان جي ڪلپنا کان وڏو نہ ٿي سگهندو آهي. جاڳرت وويڪ ڀلي رڙيون واڪا ڪري، پر اُنکي اٽڪل ڪري ٻين تي غالب ٿيڻ لاءِ اِنسان پنهنجي وسان ڪڏهن نہ گهٽائيندو آهي.

ويچار جڳت وانگر دنيوي جڳت تي بہ ساڳيو قاعدو لاڳو ٿو ٿئي. مان جيڪو ڪيان ٿو، مان جيڪو سوچيان ٿو، زندگيءَ کي مان جنهن ڍنگ سان جيئان ٿو، مسئلن جو حل جهڙي نموني مان ٿو ڪڍان، ٻين کان وڌيڪ نيڪ آهي. مون وٽ ڀلي ناڻو گهٽ هجي، ڏنڊي-ڏاڙيءَ ۽ رتبي-رسوخ ۾ مان ڀلي پٺيان هجان، پر ڇوتہ مون ٻين وانگر غلط رستا اختيار نہ ڪيا آهن، مان فقط اِنڪري پٺيان رهجي ويو آهيان. نہ تہ مان ٻين کان سوايو آهيان. بطور ليکڪ مون جيڪو لکيو آهي، اڄ ڀلي اُنجي اهميت دنيا کي سمجهہ ۾ نٿي اچي، پر منهنجي مرڻ کانپوءِ منهنجي لکڻيءَ جي گهرائي سمجهہ ۾ ايندن. هن وقت ڀلي هرڪو مونکي ريٽيندو هجي، پر هڪ وقت ايندو جڏهن مان چوٽيءَ تي هوندس. اِن قسم جون خوشفهميون حقيقت شناس ٿيڻ نٿيون ڏين. سپنن جي دنيا جا واسي فقط اُن سچ کي منظور ڪندا، جيڪو سندن خيالن سان ٺهڪندو.

اوڻايون ڪنهن ۾ ڪونهن؟ شخص هجي چاهي جاتي ۽ سموهہ، حقيقتن جا نُڪيلا پٿر ڪنهنجي راهہ ۾ نٿا اچن؟ ڪمين کي محسوس ڪري، سڌارڻ جي ڪوشش ڪامياب شخص ۽ جاتيون ئي ڪنديون آهن. خوبين ۽ ڇٽاين جي ايمان ۾ غلطان دماغ لڱاين کي يا تہ ڏسي نہ سگهندا آهن ۽ جيڪڏهن ڏسندا آهن تہ اُنهن کي مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهن. ڪو سياڻو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ وڻندو نہ آهي. بحث ڪري ذهن نشين ڪرائڻ چاهيندو آهي تہ دليلن جون ڪلابازيون کائي-کارائي پنهنجي پراڻي جڳهہ تي بيٺا رهندا آهن.

ڏريون سمجهن ٿيو تہ نقصان ۾ فقط هُو ئي نہ، سنڌي سماج رهندو. تنهن هوندي بہ سُري-ٻُري جاءِ ڏيڻ واري ڳالهہ ڪين نٿي آئڙي.

ملڪ ۾ ڪجهہ جڳهيون آهن، جتي سنڌي پنهنجو پير انگد جو پير ثابت ڪرڻ جي حالت ۾ آهن. يڪمشتگي ڏيکاري هُو پنهنجي وجود جو احساس ڪرائي سگهن ٿا. پر هڪ ٻئي جي مختلف راءِ کي برداشت نہ ڪري سنڌي اهڙا رستا اختيار ٿا ڪن، جيڪي ٻين کي اسان تي حڪم هلائڻ جو موقعو ٿا ڏين. اِهوئي سبب آهي جو سنڌي واجب حقن کان بہ وانجهيا ٿا وڃن. ڀلا ڀوپال ۾ ٽڙيون سڙڻ کان پوءِ سنڌين کي جوڳو مٿاوزو ڇونہ ملڻ گهرجي؟ جئپور ۾ مندر جو رستو ٻڌائي سنڌيءَ کان سندس خريد ڪيل دڪان ڇو کسڻ گهرجي؟ مهاراشٽر ۾ ڪجهہ خاص جڳهين تي سنڌين جي خلاف پٽين تي لکيل نعارا ڏسي پوليس کي ڏوهين خلاف قدم ڇونہ کڻڻ گهرجي؟ لالڪرشن آڏوانيءَ تي وديشيءَ جو اِلزام لڳائڻ جي همٿ ڪنهن کي بہ ڇو ٿيڻ گهرجي؟ اهڙي نوبت فقط اِنڪري ٿي اچي، ڇوتہ سماجڪ توڙي راڄنيتڪ سطح تي سيني کي پتو آهي تہ سنڌي هر قيمت تي هڪ ٻئي جو قد ننڍو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ٿا رهن.

جيئن سنڌين جي ميڙ ۾ اسانجا اڳوان گهر ۾ سنڌي ڳالهائڻ جو شد مد سان اُپديش ڏيڻ کان پوءِ بہ پنهنجن گهرن ۾ سنڌي نٿا ڳالهائن، ساڳئي نموني سيني جي سامهون سنڌيءَ جي سنڌيءَ جي ناتي پاسخاطري ڪرڻ جي اپيل ڪرڻ کان پوءِ بہ سندن ڪرتوت اُبتا آهن. وقت جي تقاضا آهي تہ سنڌي غير-سنڌيءَ جي مقابلي سنڌيءَ کي اهميت ڏين. اڪيون ٻوٽي هڪ ٻئي جي ڪڍ فقط رڍون هلنديون آهن. سنڌي عقل وارا آهن، هنن کي رڍن جهڙو وهنوار ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ گناه مصل آهي.

ڀلي راءِ مختلف هجي، ڀلي اسان هڪ ٻئي کي ناپسند ڪندا هجون، پر جتي سنڌيءَ ۽ سنڌيت جو سوال هجي، اسان اِختلاف لاءِ شاملراءِ تہ ٿي سگهون ٿا! اسانجو وهنوار اهڙو تہ ٿي سگهي ٿو، جيئن هڪ ٻئي سان سهمت نہ هوندي بہ اسان هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ ۽ سهڻ جي من اِستٿيءَ ۾ رهون!! ڀلي يڪمشتگي نہ ڏيکاريون، پر سنڌين لاءِ اِختلاف برداشت تہ ڪري سگهون ٿا!!! ❑

شاملراءِ اِختلاف لاءِ

ڪٽنب هجي چاهي سماج، رشتا دوستيءَ جا هجن، چاهي خون ج
پاڙيسري هجن، زال-مڙس هجن، ڌيءَ-پٽ هجن، ماءُ-پيءُ هجن،
سطح تي خلاف يا مختلف راءِ کي برداشت نہ ڪرڻ جي پاونا بيحد وڌي
نظر ٿي اچي. نتيجي طور گڏيل ڪٽنب جا فائدا سمجهڻ ۽ محسوس ڪر
ڪانپوءِ بہ نيو ڪليئر يا يونٽ ڪٽنب تيزيءَ سان وڌندڙ آهن. سُري پُر
جڳهہ ڏيڻ واري پاونا تيزيءَ سان گهٽجڻ سبب ذاتي ۽ سماجي تناو پڻ وڌند
آهن.

اهم هر شخصيت جو ضروري انگ مڃيو ويو آهي. ’مان‘ نہ هجي
هوند هيءَ دنيا اچي چولي وارن فرشتن جو جهان بڻجي وڃي. پاڻ کي بيه
ڪان سوايو سمجهڻ سبب، عقيدو رکي ڳالهہ کي منظور ڪرڻ سان اهم جي
طوحين تي محسوس ٿئي. مان صحيح، سامهون وارو غلط جو احساس ايترو
پختي نموني دماغ ۾ ترڻ تو لڳي جو هڪ قسم جو ضد شخص تي حاويِ
ٿيندو تو وڃي. تنهن ڪانپوءِ اِختلاف ايترا وڌندا ٿا وڃن جو رستا مٽڻ ڪان
سواءِ بيو ڪو حل نظر نٿو اچي. نتيجي طور پائر هڪ ٻئي کي مارڻ تي آماد
ٿا ٿي وڃن. زال مڙس جلد ازخود هڪ ٻئي ڪان جند ڇڏائڻ ٿا چاهن. اِدار
نڪرن ۾ ٿا ورهائجي وڃن. پنهنجي لائين کي وڏو ڪرڻ جي جڳهہ تي ٻئي
جي لائين کي ننڍو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪڏهن ملهہ وسري ٿا وڃن ۽ اوڙاه
پنهنجو پٽ وڃائي ٿا ويهن، پتو ئي نٿو پوي.

هڪ محلي ۾ هڪ ڪان وڌيڪ پنچائتون، هڪ پسگردائيءَ ۾ هڪ
ڪان وڌيڪ چيٽي چنڊ جا ميلا، هڪ طبقي ۾ هڪ ڪان وڌيڪ سنستائون، هڪ
ننڍڙي آفيس ۾ هڪ ڪان وڌيڪ يونينون، حيثيت نہ هئڻ سبب هڪ ئي
رنڌٽي ۾ برندڙ هڪ ڪان وڌيڪ چلهيون هڪ ٻئي کي برداشت نہ ڪرڻ جي
اِنتها جا نتيجا آهن. اجمير اولهہ يا اُلهاس نگر ۾ چونڊن ۾ الڳ الڳ
پارٽيون سنڌين کي ٽڪيٽون ڏيئي چونڊن ۾ هڪ ٻئي جي سامهون ڪن تہ
سمجهہ ۾ تو اچي، پر جن علائقن ۾ سنڌي ووٽ ڳٽپ ۾ ڪونهن، اُتي بہ
سنڌي هڪ ٻئي جي خلاف فقط اِنڪري چونڊ ۾ بيهن چوتہ هُو هڪ ٻئي سان
نهن ڪونہ، اِنجي جڙ ۾ اِختلاف ڪان سواءِ بيو ڪجهہ بہ نہ آهي. مان نہ تہ
هُو بہ نہ، جو سوچ ڪين حدون اورانگهي مخالفت ڪرڻ لاءِ مچائي تو. ٻئي

عڪس موجب ٻوٽو تيار ٿئي اِن لاءِ سچديو ڪهڙي ڪوشش ڪئي؟ اِن ڪم لاءِ ٺهيل سمتيءَ جي ميمبرن ڪهڙي ڪوشش ڪئي؟ سنڌي ڪائونسل آف اِنڊيا جي صدر ۽ روح روان سريش ڪيسواڻيءَ ڪهڙي ڪوشش ڪئي؟ ڇا هنن سيني ٺهڻ وقت ٻوٽو ڏٺو هو؟ نهي وچڻ ڪانپوءِ ڇا ٻوٽو وٺڻ کان اِنڪار نه پيا ڪري سگهن هي سڀ ناميارا شخص؟ ڇا هو چاهيندا ته هيمون ڪالاڻيءَ ڪي ٻوٽي جي آڌار تي نه، ٻوٽي هيٺان لکيل نالي جي آڌار تي سڃاتو وڃي؟ اِن قسم جي لاپرواهي/گستاخي ڇو ڪئي ويئي؟ سنڌي سماج ۾ شري رام لعلواڻيءَ جهڙا چترڪار آهن، جيڪي شري سريش ڪيسواڻيءَ جي پنهنجي شهر ممبئيءَ ۾ ئا رهن. شري لعلواڻيءَ يا دهليءَ ۾ رهندڙ ڪنهن سنڌي ماهر جون شيوائون وٺڻ جي ڳرج ڇونه محسوس ڪئي ويئي؟ سمجهوتا پرستي جڏي سخت رويو ڇونه رکيو ويو اِن ڏس ۾؟ پختو بندوبست ڇونه ڪيو ويو ته ٻوٽو هيمون ڪالاڻيءَ جوئي هجي ٻه ۽ هر ڏسڻ واري ڪي محسوس به ٿئي؟

دراصل سڄي سنڌي سماج ڪي جوڙڻ جو ڏيکاءُ پلي ڪيو ويو هجي، ٻوٽي لڳائڻ سان واسطو رکندڙ هرڪو ڪم سنڌي ڪائونسل آف اِنڊيا جي محدود دائري ۾ ئي ٿيو. ڪائونسل جي وائيس پريزيڊنٽ (ڊيولپمئنٽ) مرحوم (27.2.2003) ايم-ايس-پرت اڳيان وڌي هيمون ڪالاڻيءَ جي ٻوٽي تي اچڻ وارو سڄو خرچ پاڻ تي هموار ڪرڻ جي فراخدلي ڏيکاري هئي. پر هرهڪ سنڌيءَ کان هن فخر جوڳي ڪم ۾ يوگدان وٺڻ جي نيڪ اِرادي سان سندس رٿ ڪي ٿورا مڃيندي نامنظور ڪيو ويو. ڇا اِئين ٿيو؟

فيصلي موجب هرهڪ زون مان ٻه لک رپيه گڏ ڪرڻا هئا. هر سنڌيءَ ڪي مالي يوگدان لاءِ اپيل ڪرڻي هئي. ٿيو هيئن ته ڪائونسل سان جڙيل/جوڙيل ناڻي وارن کان وڏيون رقمون وٺي خرچ جي پورتي ڪئي ويئي. راجسٿان ۾ اڌ کان وڌيڪ پئسو ريجن جي صدر پاڻ ڏنو ۽ باقي رقم پنجن سٽن ڪائونسل جي ڪارپردازن ڏني. ٻين ڪمن لاءِ ٺهيل سمتين ۾ پڻ فقط ۽ فقط ڪائونسل جي ڪارپردازن ڪي شامل ڪيو ويو. ڪنهن سنڌي ٻڌيجيوي، سنڌي ليکڪ، سنڌي پترڪار (شريڪانت ڀاٽيا ڪي جڏي جيڪو ڪائونسل جو پبلڪ رليشن آفيسر آهي) ڪي اِن ڪم سان نه جوڙيو ويو. جن سنڌي سياستدانن ڪي گڏ ڪنيو ويو، اُهي به سٺا جي قريب هئڻ سبب فقط اِنڪري ڇو ته ڪين ٽاري نه پيو سگهجي؟ ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي، جنهنڪي پدم شري سنمان سان نوازيو ويو آهي، ڪي دهليءَ جو باشندو هئڻ کان پوءِ به نه

هيمون ڪالاڻيءَ جو بوتو سنسد ايراضيءَ ۾

21 آگسٽ 2003 تي دهليءَ ۾ سنسد ڀون ايراضيءَ جي گيٽ نمبر 7 جي پاسي ۾ پرڌان منتري اٽل بهاري واجپيئيءَ سنڌ جي امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي 10 فٽ ڊگهي بوتي جو اناورڻ ڪيو. بوتو برانز جو ٺهيل آهي ۽ سنسد پاران مڃتا مليل ڪلاڪار رام سُتار ٺاهيو آهي. سنڌي ڪائونسل آف اِنڊيا جو صدر سريش ڪيسواڻي راڄيه سڀا جو سدسيه رهي چڪو آهي. ڪيسواڻيءَ پنهنجن راڄنيتڪ تعلقاتن جو جيڪڏهن ڀرپور اِستعمال نه ڪيو هجي ها ته شايد هيمون ڪالاڻيءَ جو بوتو سنسد پريسر ۾ لڳڻ ممڪن نه ٿئي ها. سني اڳوان جيان گهڻو ڪجهه پاڻ ڪندي به هُن سنڌي ڪائونسل آف اِنڊيا جي نارٿ ريجن جي صدر سريش سچديوَ جي صدارت ۾ سمتي ٺاهي هِن ڪم کي پروان چاڙهيو. مڃڻو پوندو ته ڪيسواڻيءَ کي سنڌي ڪائونسل آف اِنڊيا جي عهديدارن پورو سهيوگ ڏنو. هيمون ڪالاڻيءَ جو بوتو سنسد پريسر ۾ لڳڻ، خاص طور سان سنڌين لاءِ هڪ يگاني گهٽنا آهي. سريش ڪيسواڻي، سندس ڀانهنڀيلي ۽ سنڌي ڪائونسل آف اِنڊيا جي سهيوگين، سنڌي سماج جو ڳاٽ اونچو ڪيو آهي. هنن ڀارت جي غير-سنڌي عوام سامهون هيمون ڪالاڻيءَ جي ملڪ تي سِر گهورڻ جي حقيقت ظاهر ڪري وڏي آباديءَ لاءِ سنڌي سماج جي اِن گهٽ ڄاتل پاسي کي پوشيدگيءَ جي اونده مان ڪڍي روشني ڏيکاري آهي. سندن جيترِي تعريف ڪجي، گهٽ آهي.

اِهو ته ٺيو دنيا جو سڄي سنڌي سماج جو سڄ ڇا آهي؟ ڇوته هيءَ ليک سنڌي جڳت لاءِ لکيو ويو آهي، تنهنڪري چندڇاڻ به فقط پنهنجن جي وچ ۾ ڪرڻ جي منشا تي ڪنهنکي ڪو شڪ نه هئڻ گهرجي. جيڪا تصوير اخبارن ۾ ڏسڻ جو موقعو مليو آهي، اُها ڇا هيمون ڪالاڻيءَ جي تصوير لڳي ٿي؟ عام سنڌيءَ جي دماغ ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جو هڪ چِٽر آهي. سيند کي ڇڏي هن تصوير ۾ ڇا هيمون ڪالاڻيءَ جي ڇهري جا عڪس نظر اچن ٿا؟ ڪو اڻڄاڻ شخص ڏسندو ته تصوير جي آڌار تي هيمون ڪالاڻيءَ جي عمر پنجٽيهه-چاليهه سال ٻڌائيندو. ڪچڙيءَ عمر جو نوجوان مڃڻ لاءِ ته تيار ئي نه ٿيندو. سنسد ايراضيءَ ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جو بوتو لڳارائڻ لاءِ ٺهيل سمتيءَ جو صدر سريش سچديوَ دهليءَ ۾ ٿو رهي. هن بوتي کي ٺهندو ڏٺو هوندو. سندس ذهن ۾ پڻ هيمون ڪالاڻيءَ جو هڪ عڪس ويٺل هوندو. اُن

*منتر ڪامياب نہ ڪرڻ جو

چونڊن جو موسم نوان عيوضي ۽ نئين سرڪار جي چونڊ ڪان سواءِ بہ ڪيترن ئي اِسمن جي نمودار ٿيڻ جو موقعو هوندو آهي. اِنهن مان عام ماڻهو جنهن اِسم جي پورت لاءِ ڪوشش ڪندو آهي، اُها آهي ڪا اهڙي گهر جيڪا ڪيس حق جي روپ ۾ ملڻ گهرجي هئي پر ٻاڏائڻ ڪان پوءِ بہ ملي نہ آهي.

پنجن پرڳڻن ۾ چونڊن جو پروگرام طئہ ٿي چڪو آهي. ايندڙ سال لوڪ سڀا جون چونڊون ٿينديون. ملڪ جي هر جات، هر سماج، هر طبقو، هر پنٿ جا پوئلڳ، هر ڀاشا-ڀاشين جي جمات جڻ تہ حق حاصل ڪرڻ لاءِ مئدان ۾ نڪري نروار ٿي آهي. هن دفعي ٻين مدعن تي گوءِ ڪڻڻ وارا خاص طور سان بہ نقطا آهن. نڪيتن ۾ وڌ ۾ وڌ حصيداري يعني راڄنيتڪ سطح تي پنهنجي وجود کي پختو ڪرڻ جي ڪوشش ۽ آرڪشڻ. اِنهن ٻنهي مورچن تي جنگ لڙڻ جو جذبو سنڌي سماج ۾ پڻ نظر اچي رهيو آهي. مهاڏ، مورچا، ميٽنگون، سفارتون، آندولن، اُپواس، بک هڙتالون، سيمينار، اخبارن ۾ بيان، هلنديءَ وارن کي خط، ڇئجي پنهنجي پنهنجي نموني پرزور ڪوششون شروع ڪيون ويون آهن.

ڪندنداس روهڙا جي صدارت واري انٽرنئشنل سنڌي فورم 13 آڪٽوبر 2003 ڪان پرڌان منتري نواس ٻاهران بيمياديِ بک هڙتال ڪري سنڌين لاءِ غير-زميني پرڳڻي ۽ لوڪ سڀا خواه وڌان سڀائن ۾ سيٽون محفوظ رکڻ جي گهر ڪرڻ جو فيصلو ورتو هو. پرڌان منتري نواس بدران جنتر-منتر تي نئين دهليءَ ۾ 13 آڪٽوبر تي فقط ڪندنداس روهڙا بيمياديِ بک هڙتال شروع ڪئي. طئہ ڪيو ويو تہ جيڪڏهن روهڙا جي پراڻ تياڳ ڪان پوءِ بہ گهرون منظور نہ ٿيون ڪيون وڃن تہ هريرام سامتاڻي بک هڙتال ڪندو. صبح جو 10 بجي ڪندنداس روهڙا بک هڙتال شروع ڪئي. ساڳئي وقت اُپ پرڌان منتري لال ڪرشن آڏواڻيءَ جي سڏ تي هريرام سامتاڻي ساڻس گڏجڻ ويو ۽ جوڳي ويچار جي لاليپاپ جو مزو ماڻيندي بک هڙتال ختم ٿي ويئي. اُپپرڌان منتري سنڌي آهي، سنڌين کي هن مان سرس اُميدون رهنديون آهن. پر نہ هوُ پاڻ آيو ۽ نہ لِکت ۾ ڪو وشواس ڏياريائين. بک هڙتال ٽوڙڻ لاءِ بهاني جي تلاش ڪندڙ ڪندنداس ۽ فورم جي ڪارپردازن کي جڻ تہ اهڙي ڪنهن پڌرائيءَ جو اِنتظار هو، جنهنڪي وقت اچڻ تي چار

تہ اِن کم سان جوڙيو ويو ۽ نہ کيس جلسي ۾ ئي گھرايو ويو. جئپور مان ڪائونسل سان وابسط تيرهان ميمبر/عملدار جلسي ۾ ويا هئا، پر هڪ بہ سنڌي ليکڪ، پترڪار، ڪلاڪار کي شامل ڪرڻ جي گھرج محسوس نہ ڪئي ويئي. ساڳئي حالت هرهنڌ نظر آئي.

سنڌي ڪائونسل آف اِنڊيا جا ميمبر توڙي عملدار هوند ۽ ناڻي وارا شخص آهن. ڪائونسل جي ميڙن، ميٽنگن ۽ جلسن ۾ سنڌن ناڻو باقائدا اُڏامندو نظر ايندو آهي. ملڪ جو شايد ئي ڪو سنڌي سرمائيدار، هلنديءَ پڄنديءَ وارو ۽ راڄنيتڪ خواه انتظامي حلقن ۾ اثر رکڻ وارو سنڌي هوندو، جيڪو ڪائونسل جو ميمبر نہ هجي. شاه خرچ اهڙائي شخص ڪري/ڪرائي سگھن ٿا. ٻڌيجيوي سوال کڙا ڪندا. تنهنڪري سوچي سمجھي هڪ بہ ٻڌيجيويءَ کي ڪائونسل جو ميمبر نہ ٺاهيو ويو آهي. ٻڌيجيوي ميمبر ڪونهن، تنهنڪري عملدار ڪونهن. عملدار ڪونهن، تنهنڪري ڪنهن بہ معاملي ۾ سنڌن شرڪت يا دخل ڪونهي.

جيڪڏهن سريش ڪيسواڻي ۽ سنڌي ڪائونسل آف اِنڊيا جي نظرن ۾ سنڌي ٻڌيجيوين جي جڳهہ ايتري هيٺ، ايتري ڪمتر آهي تہ چوڻ ۾ ڪو وڏائي نہ ٿيندو، سنڌي تيزيءَ سان لاهيءَ واري رستي تي وڃي/ٻڏي رهيا آهن. سنڌي سماج ۾ اڳري جڳهہ والارڻ جي دعويٰ ڪرڻ وارا بہ جيڪڏهن اهڙي سوچ جا شڪار آهن تہ سنڌين جو الله ئي واهي آهي. ❑

سنڌين جي سوچڻ سمجهڻ واري طبقي کي شامل ڪيو ئي نٿو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪا صلاح ڏني به ٿي وڃي ته اُن تي عمل نٿو ڪيو وڃي.

اسان شايد وساري وينا آهيون ته سنڌي ڀاشا کي ڀارت جي جوڙجڪ جي اٺين سڊيول ۾ شامل ڪرڻ جي تحرڪ ليکڪن، ڪلاڪارن ۽ ٻڌيجيوين هلائي سوڀ حاصل ڪئي هئي. جڏهن سنڌي ٽائيپنڪا ٽيڻ لاءِ اڄا سنگهرش ڪري رهيا هئا، اِن مورچي کي فتح ڪيو ويو هو. اڄ عام سنڌيءَ جي حيثيت ۾ گهڻو سڌار آهي. پر ناٽي وارا ٻڌيجيوين کي ويچارو سمجهي پاڻ ويچارا ثابت ٿي رهيا آهن. زميني سچاين کي سمجهڻ لاءِ ڌرتيءَ جي ڌوڙ سان دوستي ڪرڻي پوندي آهي. ٻڌيجيوي ڌوڙ نظر ايندڙ اهڙو سون آهن جنهنکي ايئرڪنڊيشنڊ ڪار ۾ گهمڻ وارا ڏسڻ نٿا چاهن. ڪين هڪ پاسي ڊپ آهي ته دماغ ناٽي تي گوءِ نه کٽي وڃي ۽ ٻئي پاسي غرور آهي ته دماغ وارن کي ڪجهه به ڪرڻ لاءِ اسانجي ناٽي جي گهرج پوندي. شايد تنهنڪري ڪين ٻڌيجيوين کي پڇڻ جي ضرورت محسوس نٿي ٿئي. ڪين لڳي ٿو ته هنن کي غرض هوندي ته اسن وٽ پاڻئي ايندا.

ضروري آهي ته ناٽي سان ڪنو سنڌي سماج جي دماغن کي به گڏ ڪنيون وڃي. جيڪڏهن سنسد ايراضيءَ ۾ هيمون ڪالاڻيءَ جو بوتو لڳائڻ وقت رهيل خامين کان بچڻ ٿا چاهيون، جيڪڏهن تحرڪن کي برثواب بڻائڻ ٿا چاهيون ته ٻڌيجيوين کي پاڻ سان جوڙڻو پوندو. نه جوڙيندا سين ته اسانکي قدم در قدم ناڪامياب تحرڪن جو منهن ڏسڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پوندو. ❑

* ليک 'منتر ڪامياب تحرڪن جو' آڪتوبر 2003 ۾ لکيو ويو هو.

۾ ڦاسائڻ جو لقب ڏيئي هوُ آزاد ٿي سگهن. نتيجي طور ڪين اُپبرڏان منتريءَ جو ڏنل يا موڪليل آسرو بہ آسمان مان تارو ٽني هٿ ۾ اچڻ مثل لڳو. جهپ هٽي هنن اُن آشواسن کي پڪڙيو ۽ بڪ هڙتال ختم ڪري ڇڏي.

بين ڪيترن شهرن جيان جئپور ۾ پڻ ننڍين-وڏين ڪجهہ گڏجاڻين کان پوءِ 'راجستان سنڌي ايڪتا منچ' برپا ٿيو. اِرادو هو، ڪانگريس توڙي پارتيہ جنتا پارٽيءَ تي راجستان ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ٽڪيٽون سنڌين کي ڏيڻ لاءِ زور-بار آڻجي. مسلمان، راجپوت، جاٽ، واپاري، اگروال، سڌيول ڪاسٽ، گرجر وغيره سڀني تہ ٽڪيٽون ڏيڻ لاءِ زمين-آسمان هڪ ڪيو هو. پوءِ اڪيلا سنڌي ڇو پٺيان رهن؟ هوئڻ سڀني طرفان گهريل ٽڪيٽن جو حساب لڳائبو تہ راجستان وڌان سڀا ۾ 200 جي جڳهہ تي 500 ميمبرن لاءِ ڪرسيون کپنديون. علائقي ۾ ٽڪيٽ گهرڻ جو آڌار سڀني جو ساڳئو آهي. واسطيدار سماج جي ووٽرن جو تعداد، خاص پارٽيءَ کي سماج طرفان هميشهہ ملندڙ سهڪار، چندو، بين ووٽرن کان ووٽ حاصل ڪرڻ جهڙا تعلقات سڀني شد مد سان ڳڻايا آهن ۽ وڌاءُ ڪري ڳڻايا آهن. آندولن ڪري وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي مظاهرا ڪرڻ سنڌين جي نہ فطرت ۾ آهي ۽ نہ وس ۾. بين سماجن جيان ڳٽپ جي طاقت ڏيکاري سنڌي وڏيڪ ڪجهہ ڪري بہ نٿا سگهن. آرڪشڻ لاءِ سَو-پنجاه ماڻهن جون سيميناروں ڪري اخبارن رستي آواز اُٿارڻ جي ڪوشش هن دفعي سنڌين ضرور ڪئي آهي. ڪنهن اِداري طرفان سرڪار کي پڪي پختي نموني ڪو عريضو بہ شايد ئي ڏنو/موڪليو ويو هجي. هوائي قلعا اڏڻ جي ڪوشش ضرور نظر ايندي رهي آهي.

ڀارت ۾ ٽڙيل پکڙيل هئڻ سبب سنڌين ۾ راجنيتڪ سطح تي ڏي-وٺ جي حيثيت لڳ ڀڳ ڪونهي. سنسد ايراضيءَ ۾ لڳل هيمون ڪالاڻيءَ جي بوتي ۾ رهيل خامين پٺيان سوچ جو اڏڪچرو پڻ اسان جي سامهون ظاهر ٿي چڪو آهي. ڪرسين، پڳن ۽ تقريرن لاءِ سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار گهڻ ۽ ننڍي سمجهہ وارا شخص سنڌين جا اڳوان بڻجي بيٺا آهن. ڀڏيجيوين، ليکڪن، پترڪارن کي ريتي، ڪين پٺيان ڏکي تحرڪون هلائڻ سبب يوجنا پکش ڪمزور ٿو رهجي وڃي. پنهنجو پاڻ کي اڳوان ثابت ڪرڻ لاءِ، نالو ڪمائڻ جي لالچ ۾ اهڙن مقصدن لاءِ لڙائي لڙڻ جا اعلان ڪيا ٿا وڃن، جنکي حاصل ڪرڻ هوند ناممکن آهي. پهرين تہ اِنهن ڪمن لاءِ ناهيل اِدارن ۾

مارڪ ڏسڻ ۽ ڏيکارڻ ۾ ڪو چاهه نه ورتو، تنهنڪري سال جو ايوريج ڪڍجي ته ڪيٽ وٺي سمارڪ ڏسڻ وارن جو تعداد روزانا هڪ به نه بيهندو.

جنوري 2004 ۾ راجستان ۾ نئين سرڪار نهي، اونڪار سنگهه لکاوت جي رتيه جنتا پارٽيءَ جي سرڪار. پروفيسر واشديو ديوناڻي اجمير اولهه مان ايم-ل-اي- چونڊيو ويو. هن صاحب شد مد سان اعلان ڪيو ته ڏاهرسين سمارڪ ي سنڌين جي تيرٿ جو درجو ڏنو ويندو، جيئن اجمير اچڻ وارو هرڪو سنڌي مارڪ جو درشن ڪرڻ ضروري سمجهي.

16 اپريل 2004 تي ننڍي بس پري مهمانن سان گڏ اجمير وڃڻ ٿيو. ٻين گهين سان گڏ مهاراجا ڏاهرسين سمارڪ پڻ وياسين. اجمير جو ڪليڪٽر اشوني ڳت سچاتل آهي. وِڏايڪ (مئي 2004 کان تعليم راجيه منترِي) واشديو يوناڻيءَ سان چڱي ڏيٽ-ويٽ آهي. ڏاهرسين سمارڪ سمتيءَ جي سيڪريٽري هيندر تيرٿاڻيءَ سان ويجهائپ آهي. پر چو ته سمارڪ جو موجوده حال ڏسڻ ي خواهش هئي، تنهنڪري هنن مان ڪنهنکي سوچنا ڪونه ڏني. سمارڪ تي هتاسين ته اُتي ڪوئي ڪونه هو. نه چوڪيدار، نه ٽڪيٽون ڏيڻ وارو، نه ٻيو ڪو شر. اندر وياسين، هنگلاج ماتا جي مندر تي لڳل تالي ۽ دروازي تي جمع ڌوڙ ان ظاهر هو ته مندر ڪيترن ڏينهن کان کليو ڪونهي. کليو نه هوندو ته صبح-ام آرتي-پوڄا به نه ٿي هوندِي. اڳيان وڌياسين. غفائن ۾ ڏاهرسين جي جيون ا چتر ميرن شيشن ۾ جڙ قيد هئا. ايراضيءَ ۾ ڀرپور گندگي هئي. بوٽن ۽ اُنهنجي يشي جي ڪيسن جو برو حال هو. ميوزيم جي بند هال جي ڀڳل دريءَ مان ليئو اتوسين. سڙانڌ جو پيڪو نڪ کي ۽ بدحاليءَ جو منظر اکين کي سوغات جي روپ ملبو. وڻ-ٽڻ ويڳاڻا هئا. جهاڙ جهنڪاڙ پکڙيل هئا. حوض جي ڪنڊ پاسي ٻچيل اڻي سڙڻ لڳو هو. تنهن هوندي به ميوزيم هال جي ٻاهران ٿلهي تي ويهي پشڪر ان آندل مالپڙا کاڌاسين. اٽڪل مني ڪلاڪ ڪانپوءِ روانا ٿيڻ لڳاسين ته چوڪيدار يو ۽ ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ چوڻ لڳو. چوته اچڻ وارن جي ڳڻپ ٽڪيٽن جي آڌار تي يندي آهي، تنهنڪري گهرج نه هوندي به ضروري چو-چوا ڪري ٽڪيٽون ورتيوسين.

ٻئي ڏينهن واشديو ديوناڻي ۽ مهيندر تيرٿاڻي جئپور ۾ هڪ جلسي ۾ لڌيا. ڳالهه نڪتي. تيرٿاڻي ته گمڀير هو پر ديوناڻيءَ ۾ گهربل چنتا ڪونه هئي. نهين واسطيدارن ۽ اونڪارسنگهه لکاوت کي خط لکي ڄاڻ ڏني ته فقط تيرٿاڻيءَ اهو-مانو ڪندي جواب ڏنو. خوشقسمتيءَ سان مليل مهاراجا ڏاهرسين جي صرف ڪ سمارڪ آهي اسان وٽ ۽ اُنجو به اِهو حال ڪري وِيٺا آهيون.

ناز ۽ فخر ڪرڻ جهڙين ورثي ۾ مليل نشانين جي سار سنڀال به نٿا ڪري سگهون ته ڪهڙو حق آهي اسانکي سنڌِي چوائڻ جو؟ □

ڏاهرسين سمارڪ

آخر بہ، سمارڪون، ميوزيمون ڇو جوڙائيندا آهيون اسان؟ پلي ڳجها- کليا کهڙا بہ مقصد هجن پر هڪ وڏو سبب هوندو آهي وابسط شخص، واردات يا ڏينهن ۽ ڪالچڪر کي زنده رکڻ جي ڪوشش. جوڙائڻ واري يا وارن کي محسوس ٿيندو آهي تہ اِها ياداشت نئيڍي يا وڏي سطح تي مخصوص يا ڦهليل اِنسان جات لاءِ پريرڻا جو باعث بڻجندي. زندگيءَ جو مقصد مقرر ڪري، اُن موجب آدرش سامهون رکي، قدمن جي ڇڏيل نقشن تي هلڻ جي ڪوشش ٿيندي. ڏسڻ-ٻڌڻ وارن کي فخر جو احساس ٿيندو.

پارليامينٽ ايراضيءَ سميت پارٽ ۾ اڪيچار جڳهين تي هيمون ڪالاڻيءَ جا بوتا قائم ڪيا ويا آهن. جهولي لعل جا مندر، ڀڳت ڪنورام جي نالي تي ڪالونيون آهن. جيئن سنڌي ڳاٽ اونچو ڪري چئي سگهن تہ اسان شاهوڪار آهيون، ناڻو ڪمائي ڄاڻون تہ سِر بہ ڪپائي ڄاڻون ملڪ لاءِ. عيش عشرت، ڪاڏي-پيتي جا ڪوڏيا آهيون تہ بيشمار درويش ۽ سنت بہ پئدا ڪيا آهن سنڌ جي ڌرتيءَ. مهاپرش ۽ ديوتا ڪان اڳتي وڌي اِشٽ جي روپ ۾ پوڄڻ جهڙي چمتڪاري تصوير بہ آهي اسان وٽ. سچ چئجي تہ اِهي سڀ خوبيون ئي ڪنهن جاتيءَ کي مخصوصيت بخشن ٿيون.

موجوده وقت ۾ سنڌ پاڪستان جو حصو آهي. تاريخ جي انسار مهاراجا ڏاهرسين سنڌ جو آخري هندو سمراٽ هو. اِسلام پاڪستان جو قومي ڌرم آهي، تنهنڪري سونهري باب هوندي بہ مهاراجا ڏاهرسين کي هندن جو هيرو تسليم ڪري سنڌ جي تاريخ ۾ ذڪر لائق جڳهہ ڏيڻ جي ضرورت پاڪستان نہ سمجهي. ڀارت ۾ پڻ ٻين فخر جهڙين شخصيتن جي مقابلي مهاراجا ڏاهرسين کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش گهٽ ٿي آهي. ملڪ ۾ ڪيترن ئي پرڳڻن ۾ سنڌي وزير، ڪيترن ئي شهرن ۾ سنڌي ميئر، يو-آءِ-ٽي- يا ڊيولپمينٽ اٿارٽي جا سنڌي صدر آهن/رهيا آهن. تنهن هوندي بہ دنيا ۾ مهاراجا ڏاهرسين جو ڏهہ بيگها زمين تي بوتن، ميوزيم ۽ لئبريريءَ سميت اڪيلو سمارڪ اجمير ۾ 1997 ۾ تڏهن جي يو-آءِ-ٽي- جي غير سنڌي صدر اونڪار سنگهہ لکاوت ڪڙو ڪيو.

اڏاوت کان وٺي ڏکيو ڪم سار سنڀال آهي. 1997 ۾ ئي لکاوت جو مدو پورو ٿيو. پلي هن شخص دوراند يشي ڏيکاري، مهاراجا ڏاهرسين سمارڪ سمتي برپا ڪرائي هئي پر جينتي ۽ ورسي ملهائڻ کان سواءِ سمارڪ جي بهبوديءَ جي ڏس ۾ ڪو خاص ڪم نہ ٿيو. يو-آءِ-ٽي-، اجمير پاران سمارڪ تي چوڪيدار مقرر ڪيل آهي. اندر وڃڻ لاءِ في شخص بہ رپيہ ٽڪيٽ آهي. ڇوتہ خود سنڌين

جيكڏهن ڪنهن سبب سان ڪيس پڻ ملي به يا ڏنو به وڃي ته هو سنسڻا ڪي
هنجي اهميت، رُتبو، ڏيکاءُ، دند ڦند وغيره وڌائڻ لاءِ اِستعمال نه ڪري
يوا جي ڪم کي سڀ ڪان پهرين ڪندو.

شيوا پاونا رکڻ واري شخص ۾ اِنساني ڪميون ٿي سگهن ٿيون. طاريف
ڻ جي خواهش، ناموس جي چاهه، پاڻ کي ٻين کان جدا ۽ خاص محسوس
ڪرڻ جا اُهڃاڻ هن ۾ هجن. ممڪن آهي، اِهي يا اِنهن مان ڪو هڪ جذبو
سندس شيوا جي جذبي تي حاوي ٿي ويندو هجي. پر شيوا کان سواءِ ٻي ڪا
اصلات ظاهر نموني ڪيس اهم نه لڳندي. جيڪڏهن ڪو اهڙو شخص
پنهنجي لاءِ هنجي من ۾ آدر ۽ عزت آهي، سندس ڏيان شيوا جي مقابلي
ڏيڪ اهميت حاصل ڪرڻ وارن جذبن ڏانهن ڇڪيندو ته هو پاڻ کي اُنهن
ڪمين کان آجو ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو. جنهن اِداري معرفت پڻ
ي رهندي يا بنا عهدي جي هو شيوا جا ڪم ڪري ٿو، ڪي اهميت ڀريل
دن تي ويٺل شخص جنهن پاونا سان ڪم ڪري رهيا آهن، ڪيترا دفعا اُها
اونا ڪيس راس نٿي اچي ته خاموشيءَ سان پاسيرو ٿيڻ ۾ به ويرم نه ڪندو.
ر حال ۾ شيوا جنجي لاءِ اهم آهي، اُهي پڻ کي شيوا جو وسيلو ٿا سمجهن.
سوند جو آڌار ٿيندو: پڻ هجي، شيوا مڪوتو آهي يا شيوا ڪرڻ جو وجهه ملي،
ءِ پڻ چاهي نه هجي.

اڄ سنڌي سماج پنهنجي ڀاشا، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي بچائڻ جي
ضرورت محسوس ڪري رهيو آهي. هونئن ئي سنڌي ڇڙ وڇڙ ٿي ويا آهن.
ڪمشتگي ۽ ايڪو سنڌين ۾ گهٽ ٿو نظر اچي. اهڙين حالتن ۾ منوورتيءَ
ڦيرو آڻي پڻ ۽ اُن سان وابسط اهميت کي درگذر ڪري شيوا ڪرڻ جو
جذبو وڌيڪ ضروري ٿي ويو آهي. وقت ۽ پئسو اِن ڏس ۾ ڪم ايندو ته هوند
مشڪلاتن ۾ ڦاٿل سنڌي سماج کي مناسب راهه ملندي. ❑

پد ۽ شيوا

راجنيتيءَ ۾ عهدو هجي يا ڀي ڪنهن غير سرڪاري سنستا جو پد
چونڊ جي موقعي تي هرهڪ اُميدوار چونڊ جي اچڻ کان پوءِ شيوا جا وڏ
دعوا ڪندو آهي. حالانڪ ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته شيوا جون هامون لوڪ جي
شيوا لاءِ گهٽ، پنهنجي ۽ پنهنجن جي شيوا لاءِ وڌيڪ ثابت ٿينديون آهن
پر ڇا پد ۽ عهدي سان شيوا جو سڌو سڌو واسطو آهي؟ چوئٿرام گدواڻي، هوندراج
دکايل، رام پنجواڻيءَ، وغيره ۽ پنهنجي وقت ۾ ۽ اڄ دوارڪو سندراڻي
ٻوڌ گيا ۾ رهي جيڪو شيوا جو ڪم ڪيو آهي، تنهن لاءِ ڪين پد جي گهرج
محسوس نه ٿي. پوءِ هينئر پد حاصل ڪرڻ لاءِ سٺن ڪم ڪندڙ سنستائن کي
توڙي شيوا جي نالي ۾ نئين سنستا ٺاهڻ جي روايت ڇو ٿي نظر اچي؟

سرڪاري دفترن ۾ عام ماڻهن جون شڪايتون لکي موڪلڻ، اِسپتالن
۾ بيمارن جي مدد ڪرڻ، ٻڍا، وڌوا ۽ ٻال آشرمن ۾ ڪم ڪرڻ، ستايلن کي
قانوني مدد وٺي ڏيڻ جهڙا نه ڄاڻ ڪيترا شيوا جا ڪم آهن، جنکي ڪرڻ
لاءِ پد جي ضرورت نه آهي. آديواسي علائقن ۾ ڪم ڪرڻ واري هڪ سنستا
جئپور ۾ انڪل ٻه سوَ اهڙا ميمبر ٺاهيا آهن، جيڪي هر مهيني سوَ-پنجاهه
رپيه مدد طور ڏيندا آهن. رٽاير ڪيل هڪ شخص هر روز سٺن ماڻهن وٽ
وڃي هنن کان رقم وٺي ايندو آهي. غريبن يا وڌوائن کي مالي يا سيڌي-
سامان جي مدد ڏيڻ وارين سنستائن کي حقيقت جي جاچ ڪرڻ لاءِ شيواڌارين
جي گهرج پونديِ آهي. اِهي ڪم ڪرڻ لاءِ پد حاصل ڪرڻ جي ڪاڪوڙ ضروريِ
ڪونهي.

باقي اِسٽيج تي ويهي ڀاشڻ ڏيڻ، اخبارن ۾ فوٽا ۽ خبرون ڇپارائڻ،
پرشناچار ڪرڻ، هيراڦيريِ ۽ دند ڦند ڪري سرڪاري، اِنٽرنئشنل سنستائن
۽ وڏن سيٺين کان مالي مدد وٺي شيوا جو ڏيکاءُ ڪرڻ لاءِ برابر پد تي هجڻ
ضروري آهي. عام طور سان سنستائن ۾ ٿيندڙ گهوٽالا ۽ گهوٻيون ظاهر روپ
۾ سندن مقصدن جون پول کوليندڙيون نظر اچن ٿي ٿيون.

پد تي اچڻ کانپوءِ ڀلي ڪجهه ماڻهن ۾ اهميت ۽ رُتبو وڌڻ جي ڀاونا
ايندي هجي، ڀلي سندن اِهو سوچ ٺيڪ به هجي پر شيوا جا ڪم ڪرڻ لاءِ
اهميت ۽ رُتبي جي ضرورت بنهه ڪونه آهي. شيوا ڪرڻ جي آڪانڪيءَ کي
ڀرين ته پد جي ذميوارين لاءِ وقت برباد ڪرڻ جي تمنا ڇهنديِ ٿي ڪونه

دلگير جهڙي بزرگ شاعر سميت نندڍي ٽهيءَ جا ڪيترائي نوجوان ڪانگس پريرڻا وٺندا هئا.

ڀارت آزاد ٿيندو ته عام ماڻهو سکيو ستابو ٿيندو. هر شخص جون بنيادي ضرورتون پوريون ٿينديون. هرهڪ کي روزگار ملندو. ذهني واڌاري لاءِ مناسب شڪشا جو بندوبست هوندو. اِن قسم جا خواب آزاديءَ جي لڙائي لڙڻ واري هر سوتنترتا سيناني ڏٺا هئا. پر اِهي خواب سچ ڪرڻ لاءِ چٽني تصوير مهاتما گانڌيءَ ۽ جواهرلعل نيهروءَ سميت شايد ڪنهنجي به دماغ ۾ نه هئي. نه ته گرام سوراج ۽ گهريلو ڪارخانن جي حق ۾ بيٺل مهاتما گانڌيءَ جو وارث جواهرلعل نيهرو ڇو ملڪ کي وڏين مشينن وارن ڀاري ڪارخانن جي سهاري خوشحال بڻائڻ جي ڪوشش ڪري ها؟ نتيجي طور آزاديءَ کان پوءِ جلد ئي خوابن جي سهاري جنگ جوٽڻ وارن جو موهه ڀنگ ٿيڻ لڳو. عهدا حاصل ڪري ستا ماڻڻ وارا عوام کان ڪٽجندا ويا ۽ بچيل نراشا جي سمنڊ ۾ ٻڏندا ويا.

سپنن جي ڪلي ڀڄڪڙيءَ جي اُن دور ۾ هوندراج دکايل جهڙا شخص به هئا، جن نه ستا جا سک ڀوڳڻ چاهيا ۽ نه نراش ٿي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ رڌل رهڻ سبب ٿيل دنيوي نقصانن تي پڇتائيندي مُعاوضي لاءِ ٻاڏائڻ وارو رستو چونڊيو. سمرپت گانڌيوادي هئڻ جي ناتي دکايل گانڌي ويچار کي خواب پورا ڪرڻ جي واهڻ جي روپ ۾ اختيار ڪيو. ونوبا ڀاوي جي ڀُودان آندولن ۾ سرگرم ٿي هن ڏهه هزار ڪلوميٽر پنڌ هلي ديش لاءِ جذبو جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي. ستيهن سالن کان وڌيڪ سنڌ ۾ گذارڻ واري، سنڌي پڙهيل، سنڌيءَ ۾ گيت لکندڙ دکايل ڀُودان آندولن جي دوران ڪيل پيدل مسافريءَ ۾ ڪنجڙيءَ ۽ هنديءَ ۾ گيت ڳائي الک جاڳايو. بهار جي ڳوٺن ۾ جاڳرتي پيدا ڪرڻ لاءِ ڏنل آهوتين سبب ئي جئه پرڪاش نارائڻ جهڙن قداور مهاپرشن کي دکايل اڳيان مستڪ نوائڻو پيو.

گيت دکايل لاءِ ساهت رچنا نه هئي. وڏا، نندا ڪتاب ۽ چوپڙيون سندس گيتن کي عام تائين پهچائي ديش لاءِ يڪتي ڀاونا وڌائڻ جو ذريعو هئا. گيتن معرفت گانڌي فلسفو، ملڪ لاءِ حُب، انگريزن لاءِ نفرت، براين ۽ اوڻاين خلاف جاڳرتي، ايڪتا لاءِ اپيلون ايتري اثردار ڍنگ سان ماڻهن جي دلين ۾ پيهي وينديون هيون جو زندگيءَ سان سڌو واسطو رکندڙ اهم فيصلا به پلن ۾ مڃجي ويندا هئا. دکايل جا گيتن جا سورهان ڪتاب سنڌيءَ ۾ ۽

آدرش ڪرمنتا جو ايلچي دڪايل

آر-ايس-ايس- جي جئپور پرانت جي سنگھچالڪ سرڳواسي گوبندرام حڪمائيءَ جي ڌرمپتني ڪروٽا حڪمائيءَ جڏهن ٻڌو ته دڪايل پرلوڪ گمن ڪيو آهي ته اِئين لڳو، سندس وينل اکيون ڪو نظارو ڏسي رهيون آهن. ڪجهه پل هوءَ خاموش ٿي ويئي، پوءِ سندس يادن جو ڇڄ پنارو کلي ويو. اُن پناري مان نڪتل هڪ يادگيري، ”مان تڏهن ڏهن-ٻارهن سالن جي هئس. دادا مونکي هارمونيم وڃائڻ سيکاري هئي، تنهنڪري دادا جي دل ۾ منهنجي لاءِ پنهنجائپ ۽ منهنجي من ۾ دادا لاءِ آدر ڀاو هو. منهنجو پيڪو نالو سڪدا آهي، سڪر جي ڳالهه آهي. نياپو آيو- سڪ ڪي دڪ سڏ تو ڪري. اِهو فقرو ٻڌي ماءُ ڏاڍو ناراض ٿي.“

سنڌيءَ جي شاهڪار ڪوي ڪشنچند بيوس، هوندراج کي ’دڪايل‘ تخلص عطا ڪيو هو. سندس دل ۾ غلاميءَ نسبت جيڪو ڏک، پيڙا، تڪليف ۽ درد هو، هيءُ تخلص اُنجي نمائندگي ڪندڙ هو. سنڌ جي ڳوٺ-ڳوٺ ۾ ڪنجڙيءَ تي جڏهن هوُ آزاديءَ جا دلسوز ترانا ڳائيندو هو ته آواز سندس گلي مان نه، سندس دل مان نڪرندو هو. ڦوه جواني ۽ آزاديءَ لاءِ ديوانگي سندس گيتن ۾ اهڙي تاثير پئدا ڪندي هئي، جيڪا ٻڌندڙ کي جذبات وهيڻو بڻائي ڇڏيندي هئي. ڳائيندو هو ته ٻڌڻ وارن کي محسوس ٿيندو هو، الفاظن سان گڏ سندس دل به اُڇل ڏيئي ٻاهر اچي ويندي.

دڪايل جو جنم لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هو. لاڙڪاڻي وارن لاءِ فخر جا باعث ٻه مدعا هئا. هڪ مُئن جو دڙو ۽ ٻيو دڪايل. هڪ سنڌو ماتري سڀيتا جو پرچم ڦهرائيندڙ کوٽائيءَ ۾ نڪتل وراثت ۽ ٻي جيئري-جاڳندي-سريلي آواز ۾ الک جاڳائيندڙ خوشبوءِ. دڪايل روپي هبڪار کي ڪا هڪ جڳهه قئد ڪري سگهي، اِها ڳالهه اڻٽيٽي هئي. سنڌ جو شايد ئي ڪو ڳوٺ، ڪو شهر هوندو، جتي سندس ڪنجڙيءَ موج نه مچائي هوندي.

هوندراج دڪايل چوراسي ورهين جي عمر ۾ آديپور (ڪڇ) ۾ جڏهن چولو ڇڏيو ته سڄي ملڪ ۾ اڪيچار سنڌين کي اِئين لڳو ڄڻ سنڌن رهبر دنيا کي الوداع چئي آهي. ڪجهه وقت کان سندس صحت سالم نه هئي. تنهن هوندي به سڏ کي اونائڻ جي ڀرپور ڪوشش هن جي طرفان ٿيندي هئي. آديپور کان ٻاهر نڪرڻ ممڪن نه رهيو هئس پر مڪاني سطح تي ٿيڻ وارن چونڊ جلسن ۾ دادا ضرور شرڪت ڪندو هو. اِهوئي سبب هو ته هري

راشٽر گيت ۾ سنڌ

15 آگسٽ 1947 کان پوءِ سنڌ ناليِ جو ڪو پرڳڻو ڀارت جو حصو ڪونهي. ورهاڱي ۾ سنڌ پاڪستان ۾ ويئي. هندو سنڌي بيگهر بڻجي ڀارت آيا. پر ڀارت ۾ ڪو بہ علائقو سنڌين کي وسائڻ لاءِ مقرر نہ ڪيو ويو. جنهنجا پير جتي ڪتا، اُتي وسي ويو. سنڌي ڀاشا کي پڻ جوڙجڪ جي ائين سڊيول ۾ شامل نہ ڪيو ويو. سنڌي ڀارت ۾ رهندا آهن، اِنجو فقط هڪ اِشارو سنڌ لفظ جي اِستعمال سبب راشٽر گيت جن-گڻ-من ۾ هو. آهستي-آهستي تحريڪون هلائي، ڪوششون ڪري سنڌيءَ کي جوڙجڪ جي ائين سڊيول ۾ شامل ڪرائڻ ۾ ڪاميابي ملي. آڪاشواڻيءَ تان سنڌيءَ ۾ پروگرام ۽ خبرون اچڻ لڳيون. سنڌي ڀاشا کي اهميت ملڻ لڳي. پر ڀر-زور ڪوشش ڪرڻ کانپوءِ بہ سنڌين لاءِ الڳ نگر حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي نہ ملي.

وقت جيئن جيئن گذرندو ويو، غير سنڌين جي دماغن ۾ اِهو سوال ڪنڊڻ جيان چهنبون تکيون ڪري چيڙ لڳو تہ جڏهن سنڌ ڀارت جو حصو ڪونهي، پوءِ راشٽر گيت ۾ سنڌ جو ذڪر ڇو آهي؟ حق حاصل ڪرڻ جي واڌو منوورتيءَ کي ڏسندي تعجب نہ ٿيندو جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن اُهي پرڳڻا بہ پنهنجو نالو راشٽر گيت ۾ شامل ڪرڻ جي گهر ڪن جنجو نالو غائب آهي. آخر راشٽر گيت ۾ پنجاب، سنڌ، گجرات، مراٺا، دراوڙ، اُتڪل، بنگا جو ئي تہ ذڪر آهي! 25 آگسٽ 1948 تي سنويڌان پريشد ۾ تڏهن جي پرڌان منترِي جواهرلعل نيهروءَ ۽ 26 جنوري 1950 تي سنويڌان پريشد ۾ ئي تڏهن جي راشٽرپتي ڊاڪٽر راجيندر پرساد ڪليل نموني چيو هو تہ وقت اچڻ تي ضرورت موجب سرڪار جن-گڻ-من ۾ اِستعمال ٿيل لفظن ۾ تبديلي آڻي سگهندي. سنڌ برابر ڀارت جو حصو ڪونهي پر مراٺا، دراوڙ، اُتڪل ۽ بنگا ناليِ جو ڪو پرڳڻو بہ تہ ڀارت ۾ ڪونہ آهي. ڏسجي تہ فقط پنجاب ۽ گجرات ناليِ جا بہ پرڳڻا ئي ڀارت ۾ آهن، جنجو ذڪر جن-گڻ-من ۾ ٿيل آهي.

رويندرناٿ ٽاڪر 27 ڊسمبر 1911 تي ڪولڪاتا ۾ ٿيل ڪانگريس جي مها اڌيويشن جي ٻئي سيشن جي شروعات پنهنجي سُر ۾ موجوده طرز ۾ جن-گڻ-من ڳائي ڪئي هئي. 1911 ۾ سنڌ ۽ گجرات ٻئي بمبئيءَ ۾ ايندا هئا، پرڳڻي جي روپ ۾ نہ سنڌ جي الڳ حيثيت هئي ۽ نہ گجرات جي، باقي بچو پنجاب، سو بہ ورهاڱي سبب ڀارت ۾ رويندرناٿ ٽاڪر جي پنجاب جو قريب-قريب اڌ آهي. تعجب ٿيڻ غير واجب ڪونهي تہ پوءِ فقط سنڌ جو نالو راشٽر گيت مان ڪڍڻ جي گهر ڇو ٿيندي رهي آهي؟ آدمشماريءَ جي حساب سان اُتر ڀارت جو سڀني کان وڏو پرڳڻو اُترپرديش، ايراضيءَ جي حساب سان اُتر ڀارت جو

يارهان ڪتاب هنديءَ ۾ ڇپيل آهن. ڪيس سنڌي عوام ۾ بيحد مقبوليت حاصل آهي. تنهن هوندي به جيڪڏهن ساهتيه اڪادمي اوارڊ دڪايل کي نه مليو ته فقط اِنڪري جو هن ڪڏهن به گيت لکڻ وقت ساهت جي ماڻن ۽ ماپن کي ترجيح نه ڏني. سنڌيش اثردار ڍنگ سان ماڻهن تائين پهچي، فقط هڪ ۽ هڪ ئي مقصد سان هن گيت لکيا. عوام جي لاءِ سنڌس اِهو جذبو ئي هو، جيڪو 1973 ۾ ڪيس ڀارت سرڪار پاران پدم شري عطا ٿيڻ جو سبب بڻيو.

ڀودان آندولن ۾ سرگرميءَ سان گڏ دڪايل ڀائي پرتاب جي سڏ ۾ سڏ ڏيئي آديپور کي نئين سنڌ بڻائڻ جي مهم هلائي. آديپور ۾ رهيو. آديپور ۾ مئتري-منڊل برپا ڪري سنڌين لاءِ اِسڪول شروع ڪيائين. کاديءَ سان وابسط گهريلو اُديوگ هلائي سهڪاري آڌار تي ڪم ڪندڙن کي منافي ۾ برابريءَ جو حق ڏيارايائين. دڪايل لاءِ پنهنجي زندگي سمرپت ڪرڻ واري دادي ڪرشنا ڀمپاڻيءَ جي سرپرستيءَ ۾ اِهي اِدارا اڄ به زور-شور سان سرگرم آهي.

دڪايل جو مقصد ۾ اٽتر ۽ اٽل وشواس هو. ڪم هٿ ۾ ڪنيائين ته سموري طاقت لڳائي اُنکي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. آزاديءَ لاءِ جنگ جوٽڻ جو ڪم هجي، ڀودان آندولن هجي، مئتري منڊل هجي، کاديءَ جو پرچار هجي، گهريلو اُديوگن کي لوڪپريه بڻائڻ هجي يا پورهيتن کي محنت جو جوڳو معاوضو ميسر ڪرائڻ جو سوال هجي، هرڪو ڪم دڪايل جنونيءَ وانگر ڪيو. سال 2003 جي منڊ ۾ دهلي سنڌي اڪادميءَ عمرڀر جي حاصلات جي آڄيان ڪندي ڪيس آديپور وڃي يارهن لکن رپين جو اوارڊ ڏنو. عمر جي جنهن دور ۾ عام اِنسان کي مالي بڪ وڏيڪ ستائڻ لڳندي آهي، دڪايل اِها سموري رقم سنڌي شڪشڪن جي ٽريننگ لاءِ ڏيئي ڇڏي.

ويد جي سِٽ آهي: 'چريوتي، چريوتي.' سنڌين ۾ لڳاتار ڪرمشيل رهڻ جو جذبو ٻين جي مقابلي وڏيڪ آهي. مهاتما گانڌيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي مشهور وگياني آئنسٽين چيو هو، ايندڙ پيڙهيون ڪڏهن ڀروسو نه ڪري سگهنديون ته هن جهڙو شخص اسانجي زمين تي گهمندو ڦرندو هو. سنڌ ۽ سنڌي سنسڪار جي آدرش نمائندگي ڪندڙ سنڌيت جي ايلچي هوندراڄ دڪايل جي باري ۾ به ايندڙ پيڙهيون جڏهن ٻڌنديون ته ڪين وشواس نه ٿيندو ته هن قسم جو شخص ڪڏهن ڌرتيءَ تي پيدا ٿيو هو. ❑

سيني کان وڏو پرڳڻو راجستان، هندي واپرائيندڙ ڪوبہ پرڳڻو جن-گڻ-من ۾ ڪونهي. ڇنجي ڪٿي اچ گجرات کان سواءِ ڏکڻ، اوڀر، اولهہ ۽ اُتر ۾ جمون ڪشمير سميت ڪنهن بہ پرڳڻي جو نالو جن-گڻ-من ۾ ڪونهي.

پرڳڻن جا اڌورا ۽ ڪچا-پڪا ڏنل نالا ظاهر ٿا ڪن تہ هن ڀارت ۾ رهندڙ خاص ڀاشا-ڀاشين جو ذڪر راشٽر گيت ۾ ڪيو آهي، نہ ڪِ علائقن کي راڄنيتڪ سطح تي ڏنل نالن جو. شامل ست ئي نالا ڀاشا پريوارن جي نمائندگي ڪندڙ آهن. هندي واپرائيندڙ پرڳڻا تڏهن جا سنيُڪت پرانت، مڌيہ ڀارت، بهار، راجپوتانا جنڪي اڄ اُترپرديش، اُترانچل، مڌيہ پرديش، ڇتيسگڙھ، راجستان وغيره ٿا چئون سڀ هندي ڀاشا نہ، مڪاني ٻوليون ڳالهائيندڙ علائقا هئا. اِن روپ ۾ اُردو ڳالهائيندڙ پڻ پنهنجي شخصي دائري ۾ مڪاني ٻوليون واپرائيندڙ هئا.

رويندرناٿ ٺاڪر تي سندس هوندي ئي جن-گڻ-من نسبت هڪ الزام لڳو هو. الزام ۾ چيو ويو هو تہ هن اِهو گيت 1911 ۾ ڀارت ۾ جارج پنجم جي گدي نشيني جي موقعي تي ڳائڻ لاءِ لکيو هو. رويندرناٿ پاڻ خلاصو ڪندي اِنڪار بہ ڪيو هو ۽ اِهو بہ ظاهر ڪيو هو تہ 'ڀارت ڀاڳيہ وڌاتا' هن پرمپتا پرماتما لاءِ اِستعمال ڪيو آهي ۽ نہ ڪِ جارج پنجم جهڙي ڪنهن ڏرتيءَ تي اچڻ وڃڻ واري شخص لاءِ.

حالانڪ رويندرناٿ ٺاڪر تي تڏهن لڳل الزام اڄ بہ ڪجهہ ماڻهو دهرائيندا آهن پر نہ سندس سامهون ۽ نہ تنهن کان پوءِ ڪڏهن اِن ڳالهہ تي اعتراض ٿيو تہ سنڌ کان سواءِ ڪنهن پرڳڻي جو نالو جن-گڻ-من ۾ ڇونہ آهي؟ وري ظاهر آهي تہ راشٽر گيت ۾ ڀارت جا پرڳڻا نہ، پر خاص ڀاشا ڀاشي شامل آهن.

هڪ پبلڪ لٽيگيشن پٽيشن تي ڏنل فيصلي ۾ سپريم ڪورٽ سنڌ جو نالو راشٽر گيت ۾ رکڻ-نہ رکڻ تي ويچار ڪرڻ لاءِ ڀارت سرڪار کي عرض ڪرڻ لاءِ چيو آهي. جئرامداس دولترام کي هڪ خط ۾ پنڊت نيهروءَ لکيو هو تہ ڇا ٿيو جيڪڏهن سنڌ اڄ ڀارت جو حصو ڪونهي، راشٽر گيت ۾ سنڌ لفظ اُن شاهوڪار سڀيتا جي علامت آهي، جيڪا هن ملڪ جي سڃاڻپ پڻ آهي. تنهن کانپوءِ بہ ڀارت سرڪار جو سوچ کهڙو رهندو، چوڻ ڏکيو آهي. سنڌين جا جذبات پنهنجيءَ جڳهہ تي پر سنڌ لفظ کي راشٽر گيت جي حصي جي روپ ۾ قائم رکڻ لاءِ مٿي ڏنل دليلن کان سواءِ ٻيا ڪا دليل شايد ئي هلي. رام جيٺملاڻي، ناري گرسهاڻي، رام پنجواڻي جهڙا نامور ۽ سياڻا وڪيل اسان وٽ آهن. پنهنجو ڪيس مضبوطيءَ سان پيش ڪرڻ لاءِ اسان وٽ دليلون بہ آهن ۽ واهڻ بہ.

ڪنداسين پنهنجن حقن جي پوئواريءَ لاءِ جاکوڙ؟ □

राजस्थान सिन्धी अकादमी

राजस्थान सरकार (शिक्षा विभाग) के अधीनस्थ स्वायत्तशासी निकाय

जे-7, सुभाष मार्ग, सी-स्कीम, जयपुर-302001 टेलीफैक्स : 0141-2228399

راجستان سنڌي اڪادمي

अकादमी के उद्देश्य

- सिन्धी महापुरुषों की जयन्तियाँ मनाना।
- शनैःशनैः लुप्त हो रही सिन्धी भाषा का विकास करना, ताकि वर्तमान एवं भावी पीढ़ी सिन्धी भाषा बोल, लिख एवं पढ़ सके।
- सिन्धी साहित्य के क्षेत्र में नई पीढ़ी को प्रोत्साहन देने के लिए सकारात्मक कदम उठाना।
- सिन्धी भाषा एवं साहित्य के क्षेत्र में अभ्यास एवं शोध कार्य को प्रोत्साहन देकर विकसित करना।
- साहित्यकारों, कलाकारों तथा साहित्यिक संस्थानों में सहभागिता की भावना पैदा करना एवं सिन्धी संस्थानों की स्थापना एवं विकास को प्रोत्साहित करना।
- सिन्धी भाषा एवं साहित्य का अन्य भाषी साहित्य से सामंजस्य पैदा करना।
- सिन्धी लेखकों, कवियों, कहानीकारों को उनकी श्रेष्ठ रचनाओं के लिए पुरस्कृत करना।
- सिन्धियत के वृहद् प्रचार हेतु साहित्यिक कृतियों के प्रकाशनार्थ आर्थिक सहयोग प्रदान करना।
- सिन्धी भाषा व साहित्य के प्रचार-प्रसार एवं विकास हेतु समय-समय पर पाठशालाएं, कार्यशालाएं आयोजित करना।
- सिन्धी सिखाने के लिए ग्रीष्मकालीन कक्षाएं आयोजित करना एवं सिन्धी रात्रिकालीन पाठशालाओं, कार्यशालाओं, गोष्ठियों, शिविरों, सर्वेक्षणों आदि का आयोजन करना।
- सिन्धी भाषा में श्रेष्ठ पुस्तकों, पत्रिकाओं एवं शोध ग्रन्थों का प्रकाशन।
- सिन्धी पत्र-पत्रिकाओं की प्रसार संख्या बढ़ाना, उनकी समस्याओं का निदान करने का प्रयास करना।
- राष्ट्रीय एवं राज्य स्तरीय सम्मेलन, सेमीनार एवं समारोहों का आयोजन कर सिन्धी भाषा की विभिन्न विधाओं में सामंजस्य पैदा करना।
- सिन्धी पंचायतों से विचार-विमर्श कर सिन्धी भाषा, रीति-रिवाजों, परम्पराओं को जीवित रखना।
- राज्य की विभिन्न सिन्धी संस्थाओं की गतिविधियों में समन्वय करना।
- सम्पूर्ण राजस्थान में जिला एवं तहसील स्तर पर सिन्धी सार्वजनिक पुस्तकालयों एवं वाचनालयों की स्थापना कर उनमें सिन्धी भाषा की पुस्तकें तथा पत्र-पत्रिकाएं उपलब्ध कराना।
- सिन्धी पुस्तकों की प्रदर्शनियों, कवि-सम्मेलनों एवं साहित्यिक आदान-प्रदान कार्यक्रमों के माध्यम से देश में साहित्यिक, सांस्कृतिक एवं कलात्मक सम्बन्धों को प्रगाढ़ करना।